# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

جلد: ڇهون - شمارو: ٻيو

سال: جون، ٢٠٠٣ع

(خاص نمبر)



شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

جلد: ڇهون - شمارو: ٻيو

سال: جون، ۲۰۰۳ع

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

(شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ۲۵۹هين ورسيءَ جي مناسبت سان خاص نمبر)

**ايڊيٽر**

ڊاڪٽر فهميده حسين

**سب ايڊيٽر**

عبدالعزيز خاصخيلي

ياسر قاضي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبو

ڪراچي يونيورسٽي.

# ڪلاچي
تحقيقي جرنل

| | | |
|---|---|---|
| ايڊيٽر | : | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس | : | حبيب الله جاکرو |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | جون، ۲۰۰۳ع |
| ڇپائيندڙ | : | شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي. |
| ڇپيندڙ | : | شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي. |
| مُلهه | : | ۵۰ رُپيا |

# **Kalachi** Research Journal

| | |
|---|---|
| Editor | : **Dr. Fahmida Hussain** |
| Composing & Graphics | : **Habibullah Jakhro** |
| Published by | : **Shah Abdul Latif Bhitai Chair,** University of Karachi. |
| Printed at | : **B.C.C.T. & Press** University of Karachi. |
| Price | : **Rs. 50/-** |
| Email | : shahlatifchair@hotmail.com |

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران | ڊاڪٽر فهميده حسين | 5 |
| ١. ٻه روزه شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس جي رپورٽ | ياسر قاضي | 7 |
| ٢. رسالي جي پڙهڻ بابت ڪي مُونجهارا | پانهون خان شيخ | 27 |
| ٣. گنج (شاهه جي رسالي) ۾ هندي ڪلام | ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي | 47 |
| ٤. لطيفي تحقيق جا فڪري رُخَ | محمد حسين ”ڪاشف“ | 57 |
| ٥. شاهه جو رسالو ۽ عورت | پوپٽي هيراننداڻي | 73 |
| ٦. لطيف - سنڌي ٻوليءَ جو مُحافظ | امداد حسيني | 89 |
| ٧. ڪربلا ۽ سُر ڪيڏارو | مقصود گل | 103 |
| ٨. مُراد فقير جي شاعريءَ تي شاهه جو اثر | ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه | 111 |
| ٩. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 123 |
| ١٠. شاهه ۽ ڏور بيت | رخمان گل پالاري | 135 |
| ١١. ساموُنڊي مُون سيڻ (سُر سامونڊيءَ جو مُطالعو) | احسن جوکيو | 159 |

# ايڊيٽوريل بورڊ

١. پروفيسر ڊاڪٽر ظفر سعيد سيفي (وائيس چانسلر) سرپرست

٢. سراج الحق ميمڻ ميمبر

٣. ڊاڪٽر غلام علي الانا ميمبر

۴. پروفيسر محمد سليم ميمڻ ميمبر

۵. ڊاڪٽر فهميده حسين ميمبر


**نوٽ:** **ڪلاچي** تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي ٻڌل هوندا آهن، ان ڪري ان جي لکندڙن جي خيالن ۽ حوالن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري ناهي.

# پنهنجي پاران

هن سال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٥٩هين ورسي ۾ ميلي جي موقعي تي لطيف چيئر پنهنجي محنتن ۽ خدمتن جي صلي ۾ ٻه اعزاز ماڻيا. پهريون اهو ته هن موقعي تي هر سال ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ ثقافت کاتي سان گڏ چيئر کي به ميزبان ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ ٻيو اهو ته چيئر پاران شاهه سائينءَ بابت ڪرايل تحقيق ۽ ترجمن تي مشتمل ڪتابن ۽ ڪلاچي تحقيقي جرنل جي باقاعدگيءَ سان اشاعت کان علاوه ڪراچيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان مختلف ليڪچرز پروگرام، ڪانفرنس ۽ سيمينار منعقد ڪري سنڌ جي عظيم ڏاهي ۽ مهان شاعر جي پيغام عام ڪرڻ جي مڃتا طور مون کي هن سال جو ”لطيف ايوارڊ“ ڏنو ويو جيڪو آءُ پانيان ٿي ته نه صرف منهنجي ۽ لطيف چيئر جي سمورن ساٿين لاءِ پر ڪراچي يونيورسٽيءَ لاءِ پڻ اعزاز آهي.

انهيءَ موقعي تي واعدي موجب اسين هي خاص نمبر ڪڍي رهيا آهيون جنهن ۾ سمورا مقالا شاهه سائينءَ جي فن ۽ فڪر جي حوالي سان لکيل آهن. اميد ته پڙهندڙن کي اهي پسند ايندا ۽ هو اسان کي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

**رپورٽ: ياسر قاضي**

# ٻہ روزہ شاھہ لطيف ادبي ڪانفرنس

(شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٥٩ھين ورسيءَ جي موقعي تي مُنعقد ڪيل)

شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ لاثاني فڪر جي لات سنڌ کان ٻاهر، دُنيا جي هر ڪُنڊ تائين پهچڻ ڪري ڀٽائي سرڪار جي لاڏاڻي ڪانپوءِ ٻہ سنڌس آسڻ تي صدين کان دنيا ڀر جي ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري آهي. هر مڪتبِ فڪر، مذهب ۽ رنگ نسل جي ماڻهن جو سنڌس تڏي تي اچي حاضر ٿيڻ، سنڌس ڪلام جي عالمگيريت ۽ حُسن جو ئي ڪمال آهي. هر سال صفر مهيني ۾ ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي بي انت ماڻهن جو اچڻ ۽ ڪيس عقيدت جا گل ارپڻ انهيءَ سار جي سلسلي جو تسلسل ئي آهي، جيڪا سنڌس شاعريءَ جي حُسن ۽ انفراديت سبب پڙهندڙن ۽ ڀٽائيءَ جي وچ ۾ جُڙي آهي. هر سال جيان هن سال ٻہ ڀٽائي سرڪار جي ٢٥٩ھين ميلي جي موقعي تي مٿل ميڙي سنڌ سميت پاڪستان جي مختلف علائقن ۽ دُنيا جي ٻين ڪجهہ خطن جي ماڻهن کي ڀٽ شاھہ جي پريت ڀريءَ زمين تي گڏ ٿيڻ جو موقعو ڏنو ۽ ماڻهن ڀٽائيءَ جي درگاھہ تي حاضر ٿي، توڙي سنڌس ڪلام جي امرت رسَ جا پيالا پنهنجي سماعتن ۾ اوتي پنهنجو ايمان تازو ڪيو ۽ ڀٽائيءَ سان پريت جي تجديد ڪيائون.

هر سال جيان هن سال ٻہ زندگيءَ جي مُختلف مڪتبِ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن اچي ڀٽائيءَ جي حضوُر پنهنجي عقيدت جا نذرانا پيش ڪيا ۽ پنهنجي پنهنجي الله جي ڏني مان اچي ميلي ۾ اندر-اورَ ڪيائون. ان موقعي تي روايت موجب سنڌ جي اديبن، ڏاهن، عالمن، اسڪالرن ۽ مُفڪرن پڻ ڀٽائيءَ جي حضُور ڪيس سلام پيش ڪيو ۽ ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي تقريرن ۽ مقالن ۾ لطيف جي

ڪن نون پهلوئن کي اُجاگر ڪيائون.

هن سال ٻن ڏينهن تي مشتمل هن لطيف ادبي ڪانفرنس جو اهتمام ۱۵ ۽ ۱٦ صفر ۱۴۲۴هه يعني ۱۸ ۽ ۱۹ اپريل ۲۰۰۳ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ صوبائي عجائب گهر جي خوبصورت ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ڪيو ويو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران مُنعقد ٿيل هن ٻه روزه شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ مُنتظم طور هن ڪانفرنس جي مُنعقد ڪرڻ جا فرض نڀائڻ جو اعزاز هن سال شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ کي حاصل هو. هن ڪانفرنس جي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا هو، جڏهن ته شريڪ چيئرپرسن جون ذميواريون، شريڪ مهتمم اداري شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر، پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين کي سونپيون ويون. هن منتظم ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري تاج جويو هو، جڏهن ته ڪنوينر، ثقافت کاتي جو تڏهوڪو ڊائريڪٽر جنرل گل محمد عمراڻي هو.

هن ڪانفرنس جي ڪُل ٻن ڏينهن جي ڪارروائيءَ کي ڇهن نشستن ۾ ورهايو ويو هو. هن ڀيري ڪانفرنس ۾ پڙهجندڙ مقالن لاءِ شاهه جي رسالي جو هڪ اهم سُر، "مومل راڻو" چُونڊيو ويو هو. جنهن جي مختلف پهلوئن تي عالمن ۽ اديبن پنهنجا پُرمغز مقالا پڙهيا. پهرئين ڏينهن جي ٻنهي نشستن ۾ پڙهيل مقالن ۾ سُر مومل راڻي جي تاريخي پس منظر بابت مقالا ٻڌڻ لاءِ مِليا. جڏهن ته ٻئي ڏينهن تي سُر مومل راڻي جي ٻوليءَ جي حُسناڪين متعلق عالمن ۽ اديبن پنهنجا مقالا پڙهيا.

پهرئين ڏينهن جمعي ۱۸ اپريل ۲۰۰۳ع جي پهرين (افتتاحي) نشست جو صدر سنڌ جو گهروُ معاملن وارو وزير، سيد سردار احمد هو، جنهن جي سنڌ ميوزم پهچڻ تي ثقافت کاتي جي تڏهوڪي

سيڪريٽري عبدالحميد آخوند ۽ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي الانا سميت ڪميٽيءَ جي ٻين ميمبرن سنڌس آجيان ڪئي ۽ سنڌس اچڻ شرط ئي سنڌس هٿان، سنڌ ميوزم جي نمائش گئلريءَ ۾ لڳل ڪتابن جي رعايتي ميلي جو افتتاح ڪرايو ويو. هن ميلي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ ٻين ڪجهه ادارن پاران لڳايل اسٽالن تي سنڌن ئي ڇپايل ڪتاب رعايتي اگهن تي وڪري لاءِ موجود هئا. هن ڪتابي ميلي جي افتتاح ۽ دؤري ڪان پوءِ سيد سردار احمد، منتظمن جي ساٿ ۾ ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ جيئن ئي پهتو ته شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس جي افتتاحي نشست جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي. هن افتتاحي بيٺڪ جي ڪارروائي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري، تاج جويي هلائي.

صدر ڪان علاوه خاص مهمان سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ اعزازي مهمان سائين مظهرالحق صديقيءَ ۽ اردوءَ جي دانشور ، پروفيسر قوي احمد کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. ميزبانن مان سائين حميد آخوند ۽ سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ اسٽيج تي ويٺا. الله سائينءَ جي پلاري ۽ برڪت ڀريي نالي سان هن تقريب جي شروعات ٿي. سينيئر اديب ۽ اُستاد، پروفيسر عنايت الله زنگيجي پنهنجي سهڻي ۽ سُرور ڏيندڙ آواز ۾ قرآن پاڪ مان ڪجهه آيتون تلاوت ڪيون.

ان ڪانپوءِ حميد آخوند سمورن آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي، انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ ڇپيل ڪنهن ڪالم (جنهن جو مقصد هن ڪانفرنس جو انعقاد پٽ شاهه ۾ نه ڪرڻ تي تنقيد ڪرڻ هو.) جي انتهائي لفظن ۾ ترديد ڪندي اهو واضح ڪيو ته ”حيدرآباد جهڙي شهر ۾ هن ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ جو مقصد اهو آهي، ته سڄي پاڪستان مان جيڪي به عالم ۽ اديب ڀٽائيءَ جو سلام ڀرڻ اچن ٿا،

اُنهن کي هر ذريعي سان اچڻ لاءِ حيدرآباد سُواريءَ جي لحاظ کان نهايت سئولو ۽ سهولت وارو ٿو پوي. جڏهن تہ ڀٽ شاهہ تائين پهچڻ ۾ ڪين سواريءَ جي سهولت نہ هئڻ سبب ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. هُونءَ بہ ڀٽائي صرف ڀٽ شاهہ جو ناهي. هو سڄي سنڌ ۽ سڄي دنيا جو آهي. جنهن لاءِ فقط ڀٽ شاهہ ۾ ڪانفرنس ڪرائڻ جو شرط لازمي ناهي." هُن آخر ۾ وري آيل سموري مهمانن جا ٿورا مڃيا.

حميد آخوند جي آجياڻي تقرير بعد ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب آجياڻي وارو مقالو پيش ڪيو. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سُر مومل راڻي جي انتخاب جو سبب ٻڌائيندي، ان جي اهميت تي روشني وڌي ۽ سُر مومل راڻي جي تاريخي پس منظر تي پنهنجا ويچار ونڊيا. جنهن بعد انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر، شوڪت حُسين شوري "آلا ڦٽ فراق جا..." جي عنوان سان پنهنجو تحقيقي مقالو پڙهيو. شوڪت حسين شوري پنهنجي مقالي ۾ هجر ۽ فراق جي اظهار جي سنڌ اندر ادبي تاريخ جي تفصيلي اُپٽار ڪئي ۽ لوڪ گيتن ۾ ساجن جي سار کان وٺي جُهولڻن ۽ ٻين ادبي (خاص طور شاعراڻين) صنفن جي تاريخي پس منظر تي ڳالهائيندي شاهہ جي سُر مومل راڻي تي اچي ڇيهہ ڪيو ۽ هِن سُر ۾ وڇوڙي جي ورلاپن ۽ منٿن آزين جو سربستو ادبي احوال بيان ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هن ڪانفرنس جي شريڪ مُنتظم اداري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر ۽ ناميارِي ليکڪا ۽ محقق پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مومل جو ڪردار" جي عنوان سان پنهنجو ڀرپور مقالو پيش ڪيو. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحبہ مومل جي ڪردار کي سماجي حوالي سان بحث هيٺ آڻي سندس خوبين ۽ خامين تي روشني وڌي ۽ اهو اظهاريو تہ هن قصي ۾ مومل جي وفاداريءَ ۽ انتظار سبب هميشہ راڻي کي ڏوهي سمجهيو ويو آهي، پر

راڻي جي ڪردار ۾ بہ ڪجھہ خوبيون هيون ۽ مومل جون بہ ڪي غلطيون ضرور هيون. جنهن سبب راڻي جي ڪردار کي ڪجھہ نہ ڪجھہ رعايت ضرور ملڻ گهرجي. هن پرمغز مقالي کانپوءِ ڪراچي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين ۽ نامياري لطيف شناس محقق ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ کي مقالي پيش ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. جنهن پنهنجي انگريزيءَ ۾ ڪيل في البديح (Extempore) تقرير ۾ سُر مومل راڻي ۾ بيان ڪيل قصي کي تفصيل سان بيان ڪيو ۽ مختصر نموني اُن جي تاريخي پس منظر جي ڪِن پهلوئن تي روشني وڌي.

هن نشست جي اعزازي مهمانن مان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر مظهر الحق صديقيءَ پنهنجي انتهائي مختصر ڪلمات ۾ اهو چيو تہ "آءٌ لطيف جو هڪ ننڍڙو شاگرد آهيان ۽ جتي ڊاڪٽر بلوچ ۽ انهيءَ سطح جا هيڏا وڏا عالم ۽ ڏاها موجود هُجن، اُتي آءٌ صفا پوئين ڪُرسيءَ تي ويهي هي جاڻ پريا مقالا ٻڌڻ چاهيندو آهيان، تنهنڪري آءٌ وڌيڪ وقت ڳالهائي هنن عالمن جو قيمتي وقت وٺڻ نٿو چاهيان." هن نشست جي ٻئي اعزازي مهمان پروفيسر قوي احمد، پنهنجي اردُو تقرير ۾ لطيف کي آفاقي ۽ لافاني شاعر ڪوٺيو ۽ هُن چيو تہ اها پنائيءَ جي ڪلام جي عالمگيريت ئي آهي، جو سندس پيغام دنيا جي هر خطي جي هر قوم لاءِ مشعل راهہ آهي. جنهن کي سمجھڻ جي سخت ضرورت آهي. هن افتتاحي تقريب جي مُک مهمان ۽ سنڌ جي معتبر ڏاهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجي ننڍڙي تقرير ۾ لطيف جي ڪلام ۽ پيغام جي اهميت کي سمجھڻ تي زور ڏنو ۽ چيو تہ هينئر منهنجو ترتيب ڏنل شاهہ جو مستند ۽ سؤلي پڙهڻيءَ وارو نسخو ١٠ جلدن تيَ مشتمل، پڌرو ٿي چڪو آهي،جنهن کي هر ڪنهن کي پڙهڻ گهرُجي ۽ ڪنهن اداري پاران انهيءَ مڪمل رسالي جو اردو ترجمو پڻ ٿيڻ گهرجي."

ڊاڪٽر بلوچ جي تقرير کانپوءِ، ثقافت کاتي جي تڏهوڪي

سيڪريٽري، حميد آخوند ڊائيس تي اچي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي اعليٰ پايي جي عالم ۽ اسڪالر جي زندگي ڀر جي ڪيل قلمي پورهئي، لغتن، لوڪ ادب، شاهه جي رسالي جي سهيڙ ۽ ٻئي معتبر ڪم جي مڃتا جي طور تي سيني حاضرين کي ڊاڪٽر بلوچ جي مان ۾ جهٽ سوا اٿي بيهڻ لاءِ گذارش ڪئي، جنهن تي سڄي هال جي حاضرين اٿي بيهي پرجوش تاڙين سان ڊاڪٽر صاحب کي Tribute پيش ڪيو ۽ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ٻنهي هٿن کي پنهنجي سيني تي رکي، ڪنڌ نوائي انهيءَ مڃتا لاءِ هر ڪنهن جو شڪريو ادا ڪيو. جنهن بعد آخر ۾ هن نشست جي صدر ۽ سنڌ جي گهروُ معاملن واري صوبائي وزير سيد سردار احمد پنهنجي صدارتي تقرير ڪئي. جنهن ۾ هُن لطيف سرڪار جي ميلي جي موقعي تي ملهائجندڙ هن ادبي ڪانفرنس جي اهميت ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي ڪِن خاص ڳُڻن تي پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ ماضيءَ جون يادُون ، ڏُهرائيندي ٻڌايائين تہ جڏهن پاڻ دادوءَ جو ڊپٽي ڪمشنر هو، تڏهن بہ رني ڪوٽ تي هڪ سيمينار ڪوٺايو هُئائين جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ شريڪ ٿيو هو ۽ ڪيس شروع کان ئي علمي ۽ ادبي ميڙاڪا ڪوٺائڻ ۽ اُنهن ۾ شريڪ ٿيڻ جو شوق ۽ عشق رهيو آهي. سيد سردار احمد جي انهيءَ صدارتي تقرير تي شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس ٢٠٠٣ع جي پهرين نشست پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهتي. جنهن ڪانپوءِ آيل سمورن مهمانن کي مانجهاندو ڪرايو ويو.

منجهند جي مانيءَ ڪانپوءِ شاهه لطيف ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن جي ٻي نشست جو آغاز ادائي وڳي ٿيو. هن نشست جي ڪمپيئرنگ جا فرض ياسر قاضيءَ ۽ نصرت شاهاڻيءَ انجام ڏنا. هن بيٺڪ جي صدارت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر، ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ ڪئي. جڏهن تہ خاص مهمانن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جو اڳوڻو ڊين ڊاڪٽر عبدالجبار

جوڻيجو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جو صلاحڪار ڊاڪٽر نواز علي شوق شامل هئا. مهمانن سان، ميزبان جي حيثيت ۾ سات نياڻ لاءِ اسٽيج تي ڪانفرنس ڪميٽيءَ جو چيئرمين، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ويٺو.

هن نشست جي باقاعدي شروعات ڀٽائيءَ جي واين ڳارائڻ سان ڪئي وئي. ناميارو انقلابي شاعر ابراهيم منشيءَ (جنهن پنهنجي طبيعت جي سخت ناسازيءَ ۽ دل جا تي والو بند هئڻ جي باوجود بہ هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي هئي) پنهنجي سُريلي ۽ سوز ڀرئي آواز ۾ شاهہ جُون بہ وايون ڳائي ڀڏايون ۽ ماحول منڊي وڌائين. انهن مان هڪ وائي سُر مومل راڻي منجهان هئي. جنهن ڪانپوءِ ٺر ڪان ڪهي آيل سپاجهي سپورنج ۽ ڀٽائيءَ جي عاشق، الهداد جهنجهيءَ، پنهنجي حافظي ۾ محفوظ ٺيل شاهہ جي سُر مومل راڻي جا ڳچ بيت ٻڌايا، جيڪي شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهن ئي ڪونہ!! جن بابت سندس دعويٰ هئي تہ اُهي شاهہ سائينءَ جا ئي چيل بيت آهن. الهداد جهنجهيءَ انهن لاڳيتن بيتن ٻڌائڻ ڪانپوءِ لطيفي ساڃاهہ سان سلهاڙيل هڪ هُنر پيش ڪيو. جنهن کي هُن ”سُر منڊل“ جو نانءُ ڏنو هو. هُن هڪ ڪپڙي کي اسٽيج تي رکيل ميز تي صدر صاحب ۽ خاص مهمانن آڏو وڇايو. جنهن تي ڇٽيهہ (٣٦) خانا نهيل هُئا. اُنهن خانن مان هر خاني ۾ ڇهہ (٦) ٺُبڪا نهيل هئا. الهداد پنهنجي هڪ شاگرد کي هن راند ۾ شامل ڪري، کيس هال کان ٻاهر موڪليو ۽ پوءِ صاحب صدر کي انهن ٣٦ خانن جي ٢١٦ ٺبڪن منجهان ڪنهن تي بہ هٿ رکڻ لاءِ چيو. جڏهن صدر صاحب هڪ مخصوص ٺبڪي تي هٿ رکي، اهُو دل ئي دل ۾ واريو تہ پوءِ الهداد پنهنجي شاگرد کي هال ۾ اندر گهُرايو ۽ کيس ڀٽائيءَ جا ڪُجهہ بيت پڙهي ٻڌايائين. جن بيتن ۾ لڪل اشارن جي مدد سان سندس شاگرد هڪ منٽ اندر واريل ٺبڪي تي آڱر رکي ٻڌايو تہ اوهان

هي ٽبڪو واريو آهي. صحيح ٽبڪو ڳولهي لهڻ تي پوري هال ۾ تاڙيون گونجيون. اهو عمل ٽي دفعا دهرايو ويو، پر هر خاني جي ڪنهن مخصوص سُر سان وابستگيءَ ۾ پوءِ الهداد پاران شاگرد کي اُن ئي سُر منجهان بيت ٻڌائڻ جي طريقي ڪار تحت، اهو نينگر ڪنهن ٻـ پيري ٽبڪو ڳولهي سگهڻ ۾ ناڪام نـ ويو.

الهداد جهنجهيءَ جي انهيءَ لطيفي ساجاهہ واري فَن پيش ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر نُور افروز خواجہ پنهنجو مقالو پيش ڪيو. جنهن جو عنوان هو: ”سُر مومل راڻي جو تمثيلي انداز“، جنهن ۾ هُن سُر مومل راڻي جي ڪردار ۽ قصي جي تمثيلي پيشڪش ۾ هر ڪردار جي اهميت بابت پنهنجي اُدمن جي اُپٽار ڪئي. تنهن بعد شاهہ سائينءَ جي فڪر جي گهڻ رخي فلسفياڻي ڇاڻ رڪندڙ ڄُهوني اديب حافظ محمد بخش خاصخيليءَ ”ماڻيلي جي مومل ۽ ڏت جو ڊوليو“ جي عنوان سان پنهنجو تفصيلي مقالو پڙهيو. جنهن ۾ هُن شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ مومل ۽ راڻي جي نينهن جي ناتي جي تاريخي پس منظر تي روشني وڌي. انهيءَ کانپوءِ ارباب نيڪ محمد مختصر لفظن ۾ هن ڪانفرنس بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. جنهن پُڄاڻان ”سُر مومل راڻي جو فلسفو“ جي عنوان سان ابراهيم سنڌيءَ پنهنجو مقالو پڙهيو ۽ هن لوڪ داستان ۾ انهيءَ جي شاهہ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ بيان ٿيل فلسفي بابت پنهنجا ماهراڻا ويچا وندريا.

مولانا عبداللطيف سڪندريءَ پنهنجي مقالي ”سُر مومل راڻي جو روحاني راز“ ۾ لطيف جي فڪر جي هنن ٻن ڪردارن ۾ انهيءَ ڪٿا جي اصل مخفي حقيقتن بابت شاهہ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو. تنهن کانپوءِ سينيئر اديب ۽ عالم محمد حسين ڪاشف ”سُر مومل راڻي جي ترتيب جو جائزو“ جي عنوان سان پنهنجو پيپر پڙهيو. هن مقالي ۾ ڪاشف صاحب مختلف عالمن ۽ شارحن جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالن

۾ هن سُر جي داستانن ۽ بيتن جي ترتيب جو ذڪر ڪيو ۽ ترتيب جي لحاظ کان ڪن شارحن پاران ٿيل غلطين جي پڻ نشاندهي ڪئي. نامياي شاعر ۽ ليکڪ عنايت بلوچ پنهنجو مقالو "راڻي جو رُسامو/فراق جو ڦوڙائو/محبت جو معراج" جي سري سان پيش ڪيو. جنهن ۾ هُن شاعرائين تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ڪندي مُومل جي فراق واري حالت ۾ انتظاريءَ، بيقراريءَ ۽ آهه و زاريءَ جو شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾ تشريحي بيان ڪيو.

سينيئر ليکڪ ڊاڪٽر بشير احمد شاد پاران پڙهيل مقالي "مومل جو مقام- شاهه جي نظر ۾" اندر شاهه جي هن سُر ۾ هجر ۽ فراق جو نشانو بڻيل ڪردار مومل جي شاهه جي بيتن جي پس منظر ۾ اهميت ۽ حيثيت جو ذڪر ڪيل هو. جنهن ۾ اظهاريل هو ته شاهه سائينءَ مومل جي وفاداريءَ ۽ مسلسل انتظار سبب ڪيس پاڪداميءَ ۽ مظلوميت وارو درجو ڏئي پنهنجي ڪلام ۾ وڏي اهميت ڏني آهي. ناميار شاعر ۽ محقق الهه نواز رڪڻائيءَ سُر مومل راڻي جي تاريخ پس منظر جي عنوان سان پنهنجو تفصيلي مقالو پڙهيو.

اسٽيج تي وينل هن نشست جي خاص مهمانن کي گهرائڻ جو وارو آيو ته سڀ کان اڳ خاص مهمان، سينيئر اديب ۽ عالم ڊاڪٽر نواز علي شوق کي تقرير ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. جنهن سُر مومل راڻي جي تاريخي پس منظر تي مختصراً روشني وجهندي، هن سُر کي شاهه جي رسالي جو هڪ اهم سُر قرار ڏنو ۽ چيو ته شاهه سائينءَ جهڙي ريت هن سُر ۾ پنهنجي شاعريءَ ذريعي ساهه وڌو آهي، ان هن سُر ۽ ان جي ڪردارن کي وڏيڪ امر بڻائي ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر شوق ڪانپوءِ هن نشست جي ٻئي خاص مهمان ۽ سينيئر عالم ۽ اديب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي "سُر مومل راڻي جي موسيقي" جي سري سان پنهنجو انتهائي دلچسپ ۽ پُر مغز مقالو پڙهيو.

جنهن ڪان اڳ هن ٽيپ رڪارڊر تي اُستاد منظور علي خان پاران ڳائيل راڳ جي هڪ رُوپ جو رڪارڊ ٿيل حصو ڪئسيٽ ۾ ٻڌرايو. جنهن ۾ استاد منظور ڳائي سمجهايو هو تہ راڳو راڳ ڪيئن هندي راڳ راڳڻين منجهان مختلف روپ ڌاري نڪري ٿو ۽ هڪڙي سهڻي روپ جي صورت اختيار ڪري ٿو.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مقالي ۾ چيو تہ راڳ راڳو فقط سنڌ جو اصلي راڳ آهي ۽ دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي خطي جي پيداوار ناهي. ڊاڪٽر جوڻيجي هن راڳ جي فني بناوت تي تفصيلي روشني وجهندي چيو تہ دنيا جي جنهن بہ ڪُنڊ ۾ سنڌي فنڪار راڳ راڳو آلاپيندو آهي تہ اتان جا ماڻهو حيران ٿي ويندا آهن ۽ ان راڳ جا مشتاق بڻ ٻڌجي ويندا آهن.

هن نشست جي صدر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ پنهنجيءَ تقرير ۾ چيو تہ ”اسان غير علمي ماڻهن کي اهو ويچار وڪوڙيندو آهي تہ ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ بيان ڪيل اهي عشقيہ داستان سچا آهن يا انهن جي تمثيلي پردي ۾ شاهہ سائينءَ ڪوئي ٻيو پيغام اسان کي ڏيڻ چاهيو آهي. جيڪڏهن اهي داستان سچا آهن تہ پوءِ راڻي ڪان الاهي ساريون غلطيون ٿيون هيون، جيڪي ڪيس نہ ڪرڻ گهرجن ها ۽ مومل سان غير مرد کي سُتل ڏسي ڪيس ايئن غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي هليو نہ وڃڻ گهرجي ها، بلڪ معاملي جي ڪيس مڪمل جاچ لهڻ گهرجي ها.“ ڊاڪٽر ملڪ جي انهيءَ دلچسپ صدارتي تقرير تي سڄي هال ۾ ٺهڪڙو متل رهيو. هن نشت جي آخر ۾ تازو لاڏاڻو ڪري ويل اديبن نياز همايوني، تاج صحرائي، ملڪ آگاڻي، نماڻي سنڌي، ڪريم بخش خالد، محمد خان مجيدي ۽ ٻين جي روح جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي.

شام جو لڳ ڀڳ پوڻي پنجين وڳي اختتام تي پهتل پهرين ڏينهن جي هن ٻي نشست ڪانپوءِ سنت ئي سمورن اديبن کي ڀٽ شاهہ

آندو ويو. سنڌ ميوزم جي گيٽ جي ٻاهران ٻه بسون عالمن ۽ اديبن جي انتظار ۾ هيون. ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوچ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ پوائنٽ ڪيس تي مشتمل اديبن جو هي قافلو ٺيڪ ۵ وڳي ڀٽ شاهه ڏانهن روانو ٿيو. جتي اديبن ڪي سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ شاهه جي راڳ ۾ شرڪت ڪرڻي هُئي. لڳ ڀڳ پوڻي ٦ وڳي اديبن جي ڀٽ شاهه پهچڻ ڪانپوءِ ٦ وڳي لطيف آڊيٽوريم ڀٽ شاهه ۾ ”سُگهڙن جو شاهه کي سلام“ جي عنوان سان سگهڙن جي ڪچهريءَ جي شروعات ٿي. هن ڪچهريءَ جي ڪارروائي تاج جويي هلائي. جڏهن ته هن بيٺڪ جي صدارت سنڌ جي جڳ مشهور عالم ۽ لوڪ ادب جي پراڻي خدمتگار ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. هن ڪچهريءَ ۾ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ کان آيل لوڪ ادب جي نمائندن، سپورنجن ۽ سگهڙن شرڪت ڪئي ۽ هڪبئي سان ڏور ۽ ڳجهارت وغيره جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڀٽائي سرڪار جي شان ۾ عقيدتي بيت پڙهيا. هن نشست جي صدارت ڪندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صدارتي تقرير ڪندي چيو ته ”سالن کان وٺي ڀٽائي سرڪار جو هي ميڙو مچندو رهي ٿو ۽ سالن کان ئي هي سگهڙ، ٻين مڪتبِ فڪر وارن ماڻهن جيان شاهه جا سلامي ٿين ٿا. آءٌ ته هتي هنن ميلن جي اڪيچار دؤرن جو اکين ڏٺو گواهه آهيان. تنهن ڪري مُونکي هينئر هي موچارا ميڙا ڏسي دلي خوشي ٿيندي آهي.“

ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ صدارتي تقرير ڪانپوءِ فوراً ئي ڪلچر جي تڏهوڪي سيڪريٽري، حميد آخوند جي سات ۾ سنڌ جو چيف سيڪريٽري قلعي بخش رند آڊيٽوريم ۾ داخل ٿيو. جنهن کي شاهه جي راڳ جي محفل جي صدارت ڪرڻي هُئي. سندس اچڻ تي حميد آخوند ٻاڙ اچي اسٽيج جون واڳون سنڀاليون ۽ چيو ته ”ان دؤر ۾ جڏهن هي آڊيٽوريم، هي هال ۽ روشنيون وغيره ڪجهه به نه هئا ۽ هن ئي جاءِ تي اسٽيج بدران وڏا وڏا ڪڏا هوندا هئا. تڏهن به اسان هتي ميڙا مچاياسي

۽ اڄ هتي هيڏين سهولتن سان ميلي جا انتظام ڪري اسين ڊاڪٽر بلوچ جيان ڏاڍا مطمئن ۽ خوش آهيون.“ تنهن بعد حميد آخوند، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هئان، سندس شاگرد ۽ راڳ جي محفل جي صدر ڪي بي رند کي اجرڪ پيش ڪرايو. اُن ڪانپوءِ هن سال جو بهترين اديب جو ”لطيف ايوارڊ“، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊائريڪٽر، ناميارو اديب ۽ شاهه جي شارح ڊاڪٽر فهميده حسين کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن کي لطيف تي ٿيل نمايان ڪم، لطيف سائينءَ جي شاعريءَ تي ڪيل پي ايڇ ڊيءَ ۽ شاهه لطيف چيئر ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي هي ايوارڊ ڏنو ويو. ڊاڪٽر صاحبه تازين جي گُونج ۾ چيف سيڪريٽري قلعي بخش رند کان اهو ايوارڊ وصول ڪيو. سنڌ جي چيف سيڪريٽري، ڪي بي رند پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ”هن ڀٽائيءَ جي ميلن ۾ منهنجي شعوري ۽ ادبي اوسر ٿي آهي. مون کي ياد آهي ته مُون زندگيءَ جو سڀ کان پهريون مقالو به ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اتساهه تي لطيف جي ميلي ۾ ئي پڙهيو هو. تنهنڪري هينئر هن ميڙاڪن جي انتظامن جي سلسلي ۾ منهنجيون ۽ منهنجي ساٿين جون نندُون ڦٽل هونديون آهن. مون سنڌ سان، ان جي ادب ۽ ثقافت جي خدمت جو به وچن ڪيو آهي. جيڪو انشاءَ الله آءٌ ضرور نڀائيندُس.“

ڪي بي رند جي انهيءَ تقرير کان جلد پوءِ ئي ميلي جي ٻي رات واري راڳ رنگ جي محفل جو آغاز ٿيو ۽ سُهراب فقير ۽ ساٿين کي بي رند جي آڏرڀاءُ لاءِ آجياڻي وارو ڪلام ڳائي ماحول منڊي وڌو. تنهن ڪانپوءِ اها راڳ جي محفل پوري رات جاري رهي. پر اديبن جو قافلو هن محفل جو ڪجهه حصو ٻڌي، ريسٽ هائوس ڏانهن روانو ٿيو. جتي ڪين رات جي ماني کارائي وئي. جنهن ڪانپوءِ اهو قافلو لڳ ڀڳ رات ١٢ وڳي بسنُ ۾ چڙهي واپس حيدرآباد روانو ٿي ويو.

هن ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن جي ڪارروائي ١٩ صفر ١٤٢٤هجري، مطابق ١٩ اپريل ٢٠٠٣ع تي ڇنڇر ڏينهن، ساڳئي هنڌ، ممتاز مرزا آڊيٽوريم، سنڌ ميوزم ۾ منعقد ٿي ۽ ٻئي ڏينهن جي پهرين نشست جي شروعات صبح ١٠ وڳي ٿي، جنهن جي صدارت سنڌ جي ناميارين ڏاهي، محمد ابراهيم جويي ڪئي. خاص مهمانن ۾ سنڌ جو سجيلو ڪهاڻيڪار، اديب ۽ هن ادبي ڪانفرنس جو اڳوڻو ڪنوينر حميد سنڌي ۽ بلوچي اڪيڊمي بلوچستان جو ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر شامل هئا. جڏهن ته اسٽيج تي هنن مهمانن سان ميزبانن جي حيثيت ۾ ساٿ نڀائڻ لاءِ ڪانفرنس ڪميٽيءَ جو چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ شريڪ چيئرپرسن، ڊاڪٽر فهميده حسين پڻ ويٺا. هن نشست جي ڪمپيئرنگ تاج جويي ۽ ياسر قاضيءَ ڪئي.

نشست جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ٿيو، پروفيسر عنايت الله زنگيجي قرآن پاڪ جي چُونڊ آيتن جي تلاوت ڪئي. جنهن کانپوءِ سُهڻي شاعر ۽ لطيف جي عاشق، ابراهيم منشيءَ گذريل ڏينهن جيان شاهه جي وائي ترنم ۾ پيش ڪري داد حاصل ڪيو. مولوي محمد اشرف سڪندريءَ، پنهنجن ٻن ساٿين جي ساٿ ۾ پيغمبرﷺ جي بيتن کي قادري طريقي موجب (مولود ڳائڻ واري انداز ۾) پيش ڪيو جيڪو طريقو سنڌ جي ڪن علائقن ۾ رائج آهي. ان کانپوءِ ميزبان جي حيثيت ۾ چيئرمين، ڊاڪٽر غلام علي الانا آجياڻو پيش ڪيو ۽ آيل سمورن مهمانن جا ٿورا مڃيا.

هن نشست جو پهريون مقالو، سينيئر اديب ۽ شاهه جي چاهتوءَ شيخ محمد اسماعيل جو هو. جيئن ته اڄوڪي ڏينهن جي ٻنهي نشستن ۾ پڙهجندڙ مقالا سُر مومل راڻي ۾ ٻوليءَ جي حُسناڪين بابت هئا، تنهن ڪري شيخ اسماعيل به هن سُر جي ٻوليءَ جي خوبين تي پنهنجو مقالو پيش ڪيو ۽ هن سُر جي ٻوليءَ جي انهن خاصيتن جو ذڪر ڪيو،

جيڪي ڪيس شاهه جي ٻين سُرن کان ممتاز ڪن ٿيون. تنهن کانپوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سنڌي شعبي جي سربراهه ۽ لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر هدايت پريم ”سُر مومل راڻي جي ٻولي“ جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو. جنهن ۾ هن سُر جي لساني خوبين جو ڀيرائتو بيان ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر پريم کانپوءِ پروفيسر حاجي عنايت الله زنگيجو پنهنجو مقالو پيش ڪرڻ لاءِ ڊائيس تي آيو. جنهن جي مقالي جو عنوان هو ”راڻو هڪ وجيهه مرد“. هن مقالي ۾ راڻي جي شخصيت جي خوبين ۽ لطيف جي ڪلام ۾ موجود راڻي بابت تعريفي بيان جا حوالا ڏنل هئا ۽ اهو بيان ڪيل هو ته مومل جو راڻو شڪل صورت، توڙي رعب ۽ هشمت جو صاحب ته هو ئي، پر عقل ۽ ذاهپ ۾ به سندس ڪوئي مٽ ڪونه هو. تنهن بعد شاهه سائينءَ جي ڪلام تي پي ايچ ڊي ۽ نالي واري ليکڪا ڊاڪٽر مهرالنساءِ لاڙڪ پنهنجي مقالي ”ڀٽ شاهه تي سماع ۽ ذڪر جو سلسلو“ ۾ ڀٽائيءَ جي درگاهه تي راڳ جي سلسلي جو تاريخي پس منظر بيان ڪيو ۽ هن راڳ ڳائيندڙن جي انداز تي پڻ تاريخي حوالي سان ويچار ونڊيا. مومل راڻي سُر جي تاريخي پس منظر جي حوالي سان ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ پنهنجو ڄاڻ جي ڪاڻ سان ڀرپور مقالو پيش ڪيو. جنهن ۾ هُن مومل راڻي سُر ۾ ڏنل ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي معنائن سان گڏ بيتن جا حوالا ڏئي، انهن جو روحاني راز ۽ تاريخي پس منظر سمجهايو ۽ حاضرين جو ڀرپور داد حاصل ڪيو. ان کانپوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي استاد، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجو مقالو پڙهيو. جنهنجو عنوان هو ”شاهه جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو“. ڊاڪٽر غفور کانپوءِ نالي واري اديب، محقق ۽ آثارِ قديمه سان ذاتي شغف رکندڙ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ پنهنجو ڄاڻ ڀريو مقالو ”مومل راڻي داستان جا ماڳ مڪان“ پيش ڪيو. جنهن ۾ هن تفصيل سان انهن ٿاڪن، نڪاڻن ۽ ماڳن جو احوال ڏنو. جن جو واسطو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح مومل

راڻي جي داستان سان آهي جنهن ۾ امر ڪوٽ، مومل جي ماتيلي واري ماڙيءَ، لڊاڻي واري ڪاڪ نگريءَ سميت مومل جي ماڙي (عمر ڪوٽ) ۽ ٻين ڪيترن ماڳن جو ذڪر ٿيل هو. جنهن ڪانپوءِ آفتاب ابڙي سُر مومل راڻي جي ٻوليءَ جي متعلق پنهنجو مقالو پڙهيو. هن نشست ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق پنهنجو مقالو ”فقير محمد قانع جي شاهه جي رسالي ۾ سُر مومل راڻو- هڪ جائزو“ پڙهيو. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب روهڙيءَ سان تعلق رکندڙ شاهه سائينءَ جي هن شارح ۽ عاشق جي رسالي ۾ سُر مومل راڻي جو جائزو پيش ڪندي ان جي ترتيب جي بہ تعريف ڪئي ۽ چيو تہ هن رسالي ۾ فقير صاحب شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾ مومل جي ڪاڪ محل جو خيالي نقشو بہ شامل ڪيو آهي. جيڪو ٻئي ڪنهن بہ رسالي ۾ موجود ناهي ۽ صرف هن رسالي جي ئي خصوصيت آهي.“

هن نشست جي خاص مهمان ۽ بلوچستان ڪان آيل مهمان، ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر جي تقرير کان اڳُ، شاهه لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر فهميده حُسين، چيئر جي ڇَپيل چونڊ اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تحفو ڪيس پيش ڪيو. جنهن ۾ چيئر پاران ڇپيل ڪتاب ”شاهه لطيف ۽ ٻين پاڪستاني ٻولين جا شاعر“ بہ شامل هو. ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر پنهنجي مختصر تقرير ۾ لطيف جي پيغام جي آفاقيت جو ذڪر ڪندي چيو تہ ڀٽائي هر مڪتبِ فڪر جو شاعر آهي ۽ هنگلاج، لاهوت توڙي بلوچستان جي ٻين مڪانن جي ڪري سندس خاص انسيت ۽ پنهنجائپ بلوچستان سان بہ رهي جنهن ڪري سندس ٻولي ۽ پيغام اسان ڪي بہ اوتروئي عزيز آهي جيترو سنڌ واسين کي آهي. نشست جي ٻئي خاص مهمان ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ سنڌيءَ چيو تہ اڪثر غير مستند ماڻهو، ڀٽائيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ لاءِ وائڙيون ڳالهيون ڪن ٿا. جيڪو سٺو عمل نہ آهي. ڀٽائيءَ تي تحقيق جي

ضرورت آهي ۽ هر دؤر ۾ رهندي. سندس پيغام کي سمجهڻ لاءِ الٽي اک ڏارڻ ۽ تحقيقي نظر رکڻ ضروري آهي.

صدارتي تقرير کان اڳ گذريل سال واري ڀٽائيءَ جي ميلي تي منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس (جنهن ۾ سُر سورٺ جي شاعرائڻ ۽ تاريخي پهلوئن تي مقالا پڙهيا ويا هُئا) ۾ پڙهيل مقالن جي ڇپيل مجموعي "سُر سورٺ" جو مهورت ڪرايو ويو. تاج جويي جي مُرتب ڪيل هن ڪتاب جو مهورت محفل جي صدر محمد ابراهيم جويي ڪيو. محفل جي صدر ۽ نالي واري ڏاهي محمد ابراهيم جويي پنهنجي تفصيلي خطاب ۾ ڀٽائيءَ جي فلسفي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ۽ سُر مومل راڻي سميت رسالي جي ٻين سُرن ۾ سمايل رُوح کي سمجهڻ تي زور ڏنو ۽ نؤجوانن کي مطالعي ۽ لطيف شناسيءَ جي ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ گهڻو تاڪيد ڪيو. هن نشست دؤران بجليءَ جي اک ٻوٽ ٻه وقفي سان جاري رهي. جنهن ڪري پروگرام جي ڪارروائيءَ ۾ رُخنو پوندو رهيو. جيئن ئي هيءَ نشست پُڄاڻيءَ تي پهتي ته آيل مهمانن کي منجهند جي ماني کارائي وئي.

مانجهاندي پُڄاڻان منجهند جو ادائي وڳي هن ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن جي ٻي ۽ آخري نشست جي شروعات ٿي. جنهن جي ڪارروائي تاج جويي، نصرت شاهاڻيءَ ۽ زبير سومري گڏجي هلائي. هن نشست جي صدارت لاءِ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر فهميده حسين کي دعوت ڏني وئي. جڏهن ته خاص مهمانن ۾ پشاور کان ڪهي آيل مهمان ۽ پشتو توڙي اردوءَ جو نالي وارو دانشور راج ولي شاهه خٽڪ ۽ سنڌ جو ممتاز تعليمدان، شاعر ۽ ليکڪ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي شامل هئا. مهمانن سان اسٽيج تي سيني نشستن جيان، ڪانفرنس ڪميٽيءَ جو چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي الانا به وينو.

هن نشست جي شروعات پروفيسر موهن لعل پريميءَ جي اردو مقالي ڪان ٿي. تنهن بعد اياز حسين قريشيءَ جو وارو آيو. جنهن ”ميو ۽ مجاز“ جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهي، سُر مومل راڻي جي تاريخي پس منظر توڙي ٻوليءَ جي حسناڪين، ٻنهي کي تفصيل سان ذڪر هيٺ آندو. جنهن بعد سينيئر شاعر ۽ ليکڪ سرور نواز ٻُگهيو ”سُر مومل راڻي ۾ ٻوليءَ جي حسناڪين“ بابت پنهنجو مقالو پيش ڪيو ۽ ٻڌائيءَ جي سُر مومل راڻي کي ٻوليءَ جو شاهڪار قرار ڏنو. جنهن ۾ ٻوليءَ جي تزئين جا سڀ گُر ۽ خوبيون موجود آهن. ذاڪر حسين ڪٽيءَ پڻ پنهنجي مقالي ۾ سُر مومل راڻي جي ٻوليءَ جي خوبين تي روشني وڌي ۽ هن سُر جي روحاني راز کي پڻ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ذاڪر ڪٽيءَ کانپوءِ سينيئر شاعره ۽ ليکڪا زيب نظاماڻيءَ ”سُر مومل راڻي جا عڪس“ جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو. جنهن ۾ هُن مومل راڻي سُر کي ٻوليءَ توڙي منظر ڪشيءَ جي حوالي سان لطيف جي رسالي جو اهم سُر ڪوٺيو ۽ چيو ته ٻوليءَ جي حوالي سان هي سُر پڙهي ۽ محسوس ڪرڻ جو سُر آهي. هي سُر اندر ۾ اُڌمون پيدا ڪري سُتل سور جاڳائي وجهي ٿو.“

زيب کانپوءِ عبدالجبار عاطف جوڻيجي ”سُر مومل راڻو ۽ اُن جا ڪردار“ جي سري هيٺ لکيل پنهنجو پيپر پڙهيو. جنهن ۾ عاطف مومل راڻي واري قصي جي مختصر بيان کانپوءِ انهيءَ ۾ شامل ڪردارن جا تعارف ڪرايا ۽ انهن منجهان خاص ڪردارن جي اهميت تي پڻ روشني وڌي. تنهن بعد ياسر قاضيءَ پنهنجو مقالو ”لطيف جي شاعريءَ بابت ڪمپيوٽرائيزڊ ڊيٽا جي تياري“ جي عنوان سان پيش ڪيو. جنهن ۾ لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان هن وقت تائين ڪمپيوٽر ڊيٽا جي ٿيل ان مختصر ڪم جا وچور ڏسيل هُئا، جيڪو حال تائين ٿي چڪو اهي ۽ شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شاهه لطيف تي ٿهندڙ

ان ملتي ميڊيا سي ڊيءَ جي باري ۾ پڻ تفصيل ٻڌايا، جيڪا شاهہ لطيف جي رسالي جي هڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا هوندي. هن مقالي تي، شاهہ لطيف چيئر پاران هٿ ۾ کنيل هن هيڏي ساري ڪم کي ساراهيو ويو. تنهن کانپوءِ سينيئر قومي شاعر ابراهيم منشيءَ شاهہ سائينءَ جي شان ۾ شعر ٻڌائي، هال ۾ رُوح آڻي ڇڏيو.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي اُستاد رُخمان گل پالاريءَ پنهنجي مقالي ”ڪوهستان جي ٻولي ۽ ڀِٽائيءَ جو فڪر“ ۾ ڪوهستان جي اکيچار لفظن جي ڀِٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال جا حوالا ڏئي، انهن جي صحيح معنائن تي ويچار ونديا ۽ ڪن عالمن پاران بيان ڪيل غلط معنائن جو ذڪر ڪندي، انهن کي تنقيد جو نشانو بنايو. هُن بيتن جي نرالي انداز ۾ تشريح ڪندي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو تہ لطيف جي بيتن جي معنائن تي تڪڙيون فتوائون جاري ڪرڻ بدران انهن جي تحقيقي تشريح ڪئي وڃي. ان کانپوءِ ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر پنهنجو مقالو پيش ڪيو. جنهن جو عنوان هو ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ بلوچي لفظن جو ذڪر“ جنهن ۾ اهڙن بيتن جو حوالو ڏنو ويو هو، جتي ڀِٽائيءَ بلوچي لفظن جو استعمال ڪيو آهي ۽ ان جي حوالي سان هُن ڀِٽائيءَ کي پوري پاڪستان بلڪہ پُوريءَ دنيا جو شاعر قرار ڏنو.

هن نشست جي خاص مهمان ۽ نالي واري اديب ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ پنهنجو مقالو ”سُر مومل راڻي ۾ ناتر جو ڪردار“ پڙهيو. جنهن ۾ هُن مومل ۽ سُومل جي ڪردارن جيان ناتر (مُومل جي ٻانهيءَ) جي ڪردار کي بہ گهڻو اهم ڄاڻايو ۽ داستان جي اهڙن موڙن جو ذڪر ڪيو، جتي ناتر انتهائي اهميت وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. صديقي صاحب هن تاريخي قصي توڙي موکي ۽ متارن جي ڏند ڪٿا جي نسبت سبب هن ڪردار کي ڏاڍو خاص قرار ڏيندي، شاهہ جي بيتن ۾ ناتر جي

ذڪر جو حوالو ڏيندي، شاهه جي نظر ۾ ان ڪردار جي اهميت جا عڪس پسايا.

ڊاڪٽر صديقيءَ جي مقالي پڄاڻان ڊاڪٽر فهميده حسين بلوچستان کان آيل مهمان راج ولي شاهه خٽڪ کي به شاهه لطيف چيئر پاران ڇپايل چوندڊ اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو سيٽ تحفي طور پيش ڪيو. خاص مهمان راج ولي شاهه خٽڪ پنهنجي مختصر تقرير ۾ پاڻ کي لطيف جو مداح چوندي، هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کي پاڻ لاءِ اعزاز ڪوٺيو ۽ پنهنجو پاڻ کي شاهه جي فڪر جو ادنيٰ شاگرد قرار ڏنو.

هن نشست جي صدر ڊاڪٽر فهميده حسين، هن ٻن ڏينهن واري ادبي ڪانفرنس کي ڪامياب ۽ لاڀائتو قرار ڏيندي، ٻنهي ڏينهن تي پڙهيل مقالن جي تعريف ڪئي. هُن چيو ته ”شاهه لطيف چيئر پاران لطيف جي ملٽي ميڊيا سي ڊيءَ تي ڪم جاري آهي، پر اسين فنڊس جي کوٽ سبب اهو پراجيڪٽ اڃا تائين ڪاغذي ڪارروايُن مڪمل ڪرڻ کانپوءِ عملي طور شروع ناهيون ڪري سگهيا. هُن وسَ وارن ادارن کي فنڊس لاءِ گذارش ڪندي چيو ته هن هيڏي ساري ڪارائتي پراجيڪٽ لاءِ وقت سِر ڪوئي حل ڪڍيو وڃي، ڇو ته اهو پراجيڪٽ مڪمل ٿيڻ لطيف جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ وقت جي اهم ضرورت آهي.“ تنهن کانسواءِ ڊاڪٽر صاحبه اهو پڻ اعلان ڪيو ته ڪجهه ئي عرصي ۾ شاهه لطيف چيئر پاران لطيف سرڪار جي زندگيءَ ۽ جيون پٽريءَ تي مشتمل ننڍڙي ويب سائيٽ به انٽرنيٽ تي اپ لوڊ (Upload) ڪئي ويندي ته جيئن لطيف جي عاشقن کي شاهه لطيف جو نالو ڪلڪ (Click) ڪرڻ سان ٿورو گهڻو مواد ضرور ملي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جي انهيءَ تقرير تي ٻئي ڏينهن جي ٻي ۽ هن ڪانفرنس جي هيءَ آخري نشست پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهتي ۽ شاهه

لطيف جي ٢٥٩هين سالياني ورسيءَ جي موقعي تي منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري هيءَ ادبي ڪانفرنس-٢٠٠٣ع پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي. انهيءَ موقعي تي ثقافت کاتي پاران گذريل سال جي سُر سورٺ تي پڙهيل مقالن تي مشتمل ادبي ڪانفرنس جي مقالن جي مجموعي ”سُر سورٺ“ ڪانسواءِ سنڌ سرڪار جي سُڌ سماع کاتي پاران پڌرو ڪيل مخزن ”دائم آباد لطيف“ ۽ سنڌ سرڪار جي اوقاف کاتي پاران جاري ڪيل ڪتابڙو پڻ آيل مهمانن ۾ ورهايو ويو.

# رسالي جي پڙهڻين بابت ڪي مونجهارا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ڀانهي خان شيخ جي ترتيب ڏنل رسالي جي ڪم جي نگراني ڪندي "سُر ڪنڀات" جي داستان ٽئين جي ڀن بيتن جي پڙهڻيءَ مون کي ڇرڪائي وڌو. ان ڪان اڳ اهي بيت ٻين رسالن ۾ پڙهيل هئا. مثلاً آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ هِي بيت داستان پهرئين ۾ هيئن آهن:

**چوڏهينءَ چنڊُ اڀريو، اوٽنيهَ پيسَ عامَ،**

**مٿس ناهِ ملامَ، جيڪي پُڇين پُڇ سو.**

(داستان نمبر ١ بيت ١١)

**چوڏهينءَ چَنڊَ! تون اڀرين، سهسين ڪرئين سينگارَ،**

**پَلَڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلن ڪرئين هزارَ،**

**جهڙو تون سَڀَ چمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.**

(داستان ١ بيت ١٢)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي ۾ بيتن جي پڙهڻي هيئن آهي:

**چوڏهيَ چَنڊُ اڀرئو، اوٽنيهَ پَسيس عامَ،**

**مَٿس ناهِ مَلامَ، جيڪِين پڇين پُڇُ سو.**

(داستان ١ بيت ١٠)

**چوڏهيءَ چَنڊَ! تون اڀرين، سهسين ڪرين سينگارَ،**

**پَلَڪَ پريان جي نہ پَرين، جي حيلن ڪرين هزارَ،**

**جـهـڙو تـون سـپ چـمـارَ، تـهـڙو دم دوسـت جـو.**

(داستان ١ بيت ١١)

جڏهن ته پانهي خان شيخ واري رسالي ۾ اهي ٻه بيت داستان ٽئين ۾ ١٨ ۽ ١٩ نمبر تي آهن. جن جي پڙهڻي هن طرح ڏنل آهي:

**چـوڏيـنـهـن چَـنـڊُنَ اَيـري، اوٺـئـيـهـن پـسـي نـه عـامَ،**

**مــتـس نـاهــه مــلامَ، جــيـــڪـــو پـڇـين پـچ ســـو.**

(داستان ٽئو بيت ١٨)

**چوڏينهن چَنڊُنَ اَيري، سـهـسين ڪَرين سينگارَ،**

**پَـلـَـڪَ پـِريان جي نـه پَڙين، حـيـلـن ڪَـرين هزارَ،**

**جـهـڙو تـون سَـپَ چـمـــارَ، تِـهـڙو دَمَ دوسِـت جـو.**

(داستان ٽيو بيت ١٩)

هنن بيتن ۾ خصوصاً لفظ "چَنڊُنَ" جون اعرابون منجهائيندڙ لڳم، "ڊ" تي پيش ۽ "ن" تي زبر سان جيڪو لفظ ٺهي ٿو اهو ٻوليءَ جي حوالي سان درست معنيٰ نٿو ڏي (منهنجي خيال ۾). ان ڪانسواءِ لفظ "ايريو"، "ايرين" ۽ "اَيري" واري فرق ڪانسواءِ بيتن ۾ گهڻو فرق محسوس ٿئي ٿو انهيءَ مونجهاري کي سلجهائڻ لاءِ مون محترم شيخ صاحب کي خط لکيو ته جيئن ان ڳالهه بابت سندس ماهرانه راءِ معلوم ٿي سگهي اهو خط پڻ شايع ڪري رهيا آهيون، پاڻ مهرباني ڪري تمام وضاحت ۽ دليلن سان جواب لکي انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪيو اٿس. ضروري ناهي ته سندس دليلن سان متفق ٿجي، تنهن هوندي ٻه پڙهندڙن جي معلومات ۽ دلچسپيءَ لاءِ اهي تفصيل هت ڏجن ٿا جيئن اهڙو علمي بحث ٻين اهڙن بيتن لاءِ به ڪري سگهجي ته جيئن پڙهڻين جي ڏس ۾ ماهرن جي راين سان ڪو متفق فيصلو ڪري سگهجي.

## ١٩ آڪٽوبر ٢٠٠٢ع

محترم سائين ٻانهـا خان شيخ صاحب!

السلام عليڪم، اميد تہ خوش هوندا.

توهان مهرباني ڪري رسالي جي سي ڊيءَ لاءِ درستيون ڪري موڪليون آهن. توهان جا لک لائق. هي خط لکڻ جو هڪ ٻيو مقصد آهي، توهان ڀهرئين جلد جي صفحي ١٢٧ تي ١٨ ۽ ١٩ نمبر بيتن ۾ اعرابون هٽي "چندُنَ" لفظ کي درست ڪيو آهي، جڏهن تہ اهو گنج ۾ "چنڊ نہ" لکيل آهي، جڏهن تہ ساڳين بيتن ۾ "نہ" ڏار بہ موجود آهي پوءِ ان کي گنج وانگر ڇو نہ لکيو وڃي بجاءِ "چندُنَ" لکڻ جي؟

بيت نمبر ١٩ ۾ چنڊ سان تخاطب آهي، ان ڪري لفظ "اُيري" نہ پر "اُيَرين" هئڻ گهرجي پر جملي جي بيهڪ ۾ اهو نٿو ٺهڪي "چنڊُ نَہ اُيرينَ" ۾ چنڊ جي "ڊ" تي پيش سان "ايرين" نٿو ٺهي. ان ڪري اها سٽ ٻنهي صورتن ۾ غلط ٿي لڳي. مثلاً جي هيئن لکجي:

**چوڏينهَن چنڊُ نہ اُيري، سهسين ڪرين سينگارَ.**

يا

**چوڏينهَن چنڊُ نَہ اُيرين، سهسين ڪرين سينگارَ.**

● پهرين سٽ ۾ پهرئين پد ٻئي پد ۾ ڪو لاڳاپو ڪونهي، فعل جون بہ صورتون آهن.

● ٻي سٽ ۾ لفظ "چنڊ" جي "ڊ" تي پيش سبب اهو ندائي صورت ۾ نٿو اچارجي سگهي پر چنڊ سان تخاطب ظاهر آهي. اهو مونجهارو لفظ کي "چندُنَ" لکڻ سان اڃا بہ وڌي ٿو وڃي، سو مهرباني ڪري صلاح ڏيو تہ ڇا ڪجي ڇو تہ سي ڊيءَ ۾ اهو بيت پڙهبو تہ اچار ڪرڻ ۾ غلطي ظاهر ٿي پوندي.

توهان واري اصل مسودي ۾ بيت نمبر ١٩ ۾ ”چندُنَ“ جي معنيٰ لاءِ پڻ ندائي صورت ۾ ”اي چندُ!“ لکيل آهي جيڪو ڇپيل رسالي ۾ ايڊٽ ٿي ويو هو. مهرباني ڪري اهو سُڌ سلجهائي ڏيو. هڪ عرض ٻيو ته ڇا اوهان ڪي اهڙو ڪو ماڻهو سجهي جيڪو شاهه جا بيت صحيح اچار سان پڙهي سگهي ۽ آواز به چڱو هجيس. هتي اسان وٽ ڪي ماڻهو آهن پر انهن جو لهجو پٽ شاهه وارو لهجو ڪونهي يا وري اهي غير سنڌين وانگر ”ڪاڪِ“ کي ”ڪاڪَ“ يا ”سَڌَ“ کي ”سَڌ“ تا پڙهن (”ڌ“ کي ساڪن ڪري) پوءِ اچارن تي بحث ڇڙيو پوي سو به اجايو. پٽ شاهه جو ئي ڪو ماڻهو شايد هر ڪنهن کي قابل قبول هجي.

اڄڪلهه هڪ ٻيو بحث به هلي پيو سو پڻ توهان کان پڇڻو هئم. توهان رسالي ۾ ”جِنهن“ ”تِنهن“ وغيره ۾ ته ج ۽ ت کي زير ڏني آهي پر وري ”جَن“ ”تَن“ ۾ زبر ڏني آهي جڏهن ته وچولي ۽ لاڙ ۾ (پٽ شاهه، هالا، سيڪات واري تر سوڏو) ”جِن“ ”تِن“ چيو ويندو آهي، ساڳي ڳالهه جِنين تِنين لاءِ پڻ چئي سگهجي ٿي، سي ڊي رڪارڊ ڪرڻ کان اڳ اها پڻ وضاحت ٿيڻ گهرجي ته توهان جو ان باري ۾ ڇا رايو آهي!

آءٌ ان راءِ جي آهيان ته شاهه جي رسالي جي سي ڊي تيار ٿئي ته ان ۾ اچار شاهه صاحب جي پنهنجي تر جا هجن، باقي عام ماڻهو هر ڪو ڀلي پنهنجي نموني اچاري/پڙهي، سڀ لهجا اسان جا آهن ۽ اسان کي پيارا آهن.

ٻيو سڀ خير آهي، مهرباني ڪري جواب جلد ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا.

فقط اوهانجي لاءِ دعاگو

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

**ڀٽ شاهه**
**شيخ محلو**
**٢٦-آڪٽوبر ٢٠٠٢ع.**

خدمت ۾ جناب محترم عاليه سائڻ فهميده حسين صاحبه،

السلام عليڪم وَ رحمة الله و برڪاته.

اوهانجي خط مورخه ١٩ آڪٽوبر ۾ نشاندهي ڪيل مونجهاري جي سلسلي ۾ عرض آهي ته ذڪر ڪيل ٻئي بيت گنج شريف سميت اڪثر ڪري سيني قديم قلمي رسالن ۾ (مثال طور هيٺ ڏنل تندي مير محمود خان حيدرآباد جي ڪتب خاني مان هٿ آيل رسالي جيڪو انهيءَ ساڳئي ڪاتب جو لکيل تو ڏسجي، جنهن درگاه جو منصوره وارو شاهه سائينءَ جو رسالو لکيو هو. سيد مسڪين شاهه ڳوٺ خانوٽ تعلقي هالا واري جي ڪتب خاني ۾ رکيل شاهه جي رسالي، جيڪو لڳ ڀڳ سال ١٨٦٤ع ڌاري لکيل تو معلوم ٿئي، ڀٽائيءَ جي فقيرن ميين حسين ۽ ميين محمد جي سنه ١٣٠٠هه ۾ لکيل شاهه جي رسالي ۽ انهن فقيرن جي مامي ميين احمد ڀٽائيءَ جي سنه ١٣٠٤هه ۾ لکيل رسالي سميت سنه ١٢٨٣هه واري بمبئي ڇاپي ۾) هيئين نموني لکيل آهي:-

**<u>بيت ١٨</u>**

١. گنج شريف:

**چوڏيهَ چَنڊَ نَه اُڀري اوٺتريهَ پسي نه عامَ.**
**مَتِس ناهِ ملامَ جيڪو پُڇي پُڇه سو.**

٢. مير صاحبن وارو رسالو:

**چوڏيهَ چَنڊَ نَاُڀري اُوٺتيهَ پسي عامَ.**

مَــتِـسِ نـاهِ مــلامَ جِــيـڪِ پُـيِـجي پُـچُـســو.

٣. سيد مسڪين شاهہ وارو رسالو:

چــوڏِيـهَ چـنـڊُ نَـاُپِــرِ اُوٽـيــهَ پـسِــيـسِ عــامَ،

مَــتِـسِ نــاهِ مَــلامُ جــيــڪِ پُـج پُـچُــ ســو.

٤. ميين حسين ۽ ميين محمد وارو رسالو:

چـــوڏِيـهَ چـنـڊُ اَيِــرئـو اُنــٿَ ڏِــيــهَ پَـسِ نَـعَــامَ،

مَــتِـسِ نــاهِ مَــلامَ جِـــيــڪِ پُـيِـجي پُـچُـســـو.

٥. ميين احمد پتائيءَ وارو رسالو:

چُــوڏِهِـي چَـنـڊُ اَيِــرِئـو اُنــٿ ڏِـيــهَ پَـسِــيـسِ عــامَ،

مَــتِـسِ نـاهِ مــلامَ جِـيـلــڪِ پُـيِـجِ پُـچُـســو.

٦. سنہ ١٢٨٣هہ وارو بمبئي ڇاپو:

چُــوڏِهِي چَـنـڊُرَ نَـہ اَيِـرِي اُوٿَ ڏِريَـهِـي پَـسِـي نَـعَــامُ،

مَــتِـسِ نَـانـهِ مــلامَ جِـيــڪِ پُـيِـجِ پُـچُــ ســو.

## بيت ١٩

١. گنج شريف:

چـوڏِيـهَ چَـنـڊُ نَـہ اُپِــري سَـهــس ڪـري سِـيـنـگارَ،

پَـلــڪَ پِـريَـانـجي نَـپَـڙي هِـيلَـنِ ڪَـري هـزارَ،

جِــهــڙو ڻَــن سَـيَ جَـمَــار تِـهَـڙو دَمُ دوسِـتَ جـو.

٢. مير صاحبن وارو رسالو:

چـوڏِيـهَ چَـنـڊَ نَــاُپِـرِي جي سَـهـسِ ڪَـرِي سـيـنـگارَ،

پَلَــڪَ پِريَـا جِي نَپِـڙِي جِي حِـيـلاَ ڪَـرِي هِـزار.
جِـهـڙو تُـن سَـپَ جَـمَـارَ تِـهــڙو دَمُ دوسِـتَنِ جـو.

٣. سيد مسڪين شاهہ وارو رسالو:

چــوڏِيـہَ چَـنـدُ نَـہ اُپِـرِ سَــهَـسِ ڪَـرِي سـيـنـگـارَ،
پَلَــڪَ پِريَـانـجِي نَـہ پَڙِ جِي حِـيـلاَ ڪَـرِي هـزارَ،
جِـهـڙو تُـن سَـپَ جَـمَـارَ تِـهــڙو دَمُ دوستَ جـو.

٤. ميين حسين ۽ ميين محمد وارو رسالو:

چُـوڏِيـہَ چَـنـدَ نَــاَيَــرِ سَــهـسِ ڪَـرِي سِـيـنـگـارَ،
پَلَلــڪِ پِـريَـان جي نَپَـڙِي جِي حِـيلَنِ ڪَـرِ هَـزَارَ،
جِـهـڙو تُـن سَـپَ جَـمَـارَ تِـهــڙو دَمُ دوسِـتَ جــو.

٥. ميين احمد پٽائيءَ وارو رسالو:

چُـوڏِهـي چَـنـدَ نَــاَيَــرِ سَـئـسِ ڪَـرِي سِـيـنـگـارَ،
پَلَلـــڪِـــ پـريَـانـجِي نَپَـڙِ جِي هِـيلَنِ ڪَـرِي هـزارَ،
جِـهِـڙو تُـن سَـپَ جَـمَـارَ تِـهِـڙو دَمُ دوسِـتَـجـو.

٦. سنہ ١٢٨٣هہ وارو بمبئي ڇاپو:

چُـوڏِهـيَ چَـنـدَ نَـہ اُيَـرِ سَـهُـسِ ڪَـرِي سِـيـنـگـارَ،
پَلَلــڪـــ پِـريَـانـجي نَپَـڙِ جي حِـيـلاَ ڪَـرِي هَـزارَ،
تُـن جِـهــڙو سَـپِ جَـمَـارَ، تِـهــڙو دَمُ دوسِـتَ جــو.

مٿين بيتن جي شروعاتي مصراعن جي پهرين پدن ۾ (سواءِ ميين حسين، ميين محمد ۽ سندن مامي ميين احمد پٽائيءَ جي رسالن ۾ بيت نمبر ١٨ واري پهرئين پد جي) لفظ ”چَندُ“ جي پٺيان استعمال ٿيل اکر

”نَہ“ اسم ظرف انڪار جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي. جيڪڏهين اها معنيٰ قبول ڪبي تہ پوءِ هنن بيتن ۾ چوڏهينءَ جي رات چنڊ اڀرڻ جي نفي ٿئي ٿي، جيڪا ڳالهہ حقيقت ۽ مشاهدي جي بلڪل ابتڙ ۽ اڻ ٺيڪ آهي. ان ڪري بمبئي ڇاپي واري رسالي کان سواءِ باقي سڀني ڇاپي رسالن ۾ لکيل مذڪور ٻنهي بيتن جي شروعاتي مصراعن جي پهرين پدن مان اکر ”نہ“ کي خارج ڪري انهن پدن کي اثبات ۾ بدلايو ويو آهي. جيئن تہ گربخشاڻي صاحب جي رسالي ۾ لکيل سُر ڪنڀات جي پهرئين داستان جي بيت نمبر ١٠ ۽ ١١ جي متن ۽ انهن متعلق لکيل حاشيي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي طرفان شايع ڪيل ”شاهہ جو رسالو - شاهہ جو ڪلام“ جلد ٻي ۾ لکيل سُر ڪنڀات جي داستان ٻي جي بيت نمبر ١١ جي متن ۽ ان جلد جي صفحي ١٧٣ تي ڏنل سمجهاڻيءَ ۽ ”شاهہ جو رسالو - رسالي جو ڪلام“ جلد ڏهين ۾ لکيل سُر ڪنڀات جي داستان پهرئين جي بيت نمبر ۵ جي متن ۽ ان جلدجي صفحي ٢٨٣ تي ڏنل سمجهاڻيءَ مان ڏسڻ ۾ ايندو.

حقيقت ۾ جيئن تہ ٻنهي بيتن جي شروعاتي مصراعن جي پهرين پدن ۾ استعمال ٿيل اکر ”نہ“ تمام گهڻن قديمي قلمي رسالن ۾ موجود آهي، ان ڪري ان کي خارج ڪرڻ مناسب ناهي، باقي ان جي انڪاري پهلوءَ کي رد ڪرڻ لاءِ ڪنهن حيلي Wayout جي ضرورت آهي. منهنجي سمجهہ موجب لفظ ”چنڊُ“ ۽ اکر ”نَہ“ يڪو هڪ لفظ ”چنڊُنَ“ آهي جيڪو قديمي قلمي رسالن جي ڪاتبن پراڻيءَ صورت خطيءَ موجب ٽوڙي ”چنڊُ“ ۽ ”نَہ“ جدا جدا ڪري لکيو آهي. جهڙيءَ طرح سُر ڪنڀات جي بيت ”سهسين سِجَنِ اڀري چوراسي چنڊن، بالله ري پرين سڀ اونداهي ڀانئيان“ ۾ ڪم آيل لفظ ”سِجَنِ“ کي تندي مير محمود خان جي مير صاحبن واري رسالي، سنہ ١٢٨٣هہ واري بمبئي ڇاپي واري رسالي، ميين حسين ۽ ميين محمد جي لکيل رسالي ۽ ميين

احمد ﭜتائيءَ واري رسالي ۾ توڙي ”سجَ“ ۽ ”نَہ“ کي جدا جدا ٻن حصن ۾ لکيو ويو آهي. اهو بيت مذڪور رسالن ۾ هيٺئين نموني لکيل آهي. جڏهن تہ گنج شريف ۽ سيد مسڪين شاهہ واري رسالي ۾ يڪو لفظ ”سِجَنِ“ لکيل آهي.

١. مير صاحبن وارو رسالو:

**سَهُسِ سِجَہ نَاُيِري چُوراَسي چَندِنِ،**
**باللهِ رِي پِرِيَنِ سَيَ اُنداَهِي يَائِيا.**

٢. سنہ ١٢٨٣ھ بمبئيءَ وارو ڇاپو:

**سَهسِ سِجُہ نَہ اُيَري چُوراَسي چَندِنَ،**
**باللهِ ري پِريَنِ سَپِ اُنداَهي يانئيان.**

٣. ميين حسين ۽ ميين محمد وارو رسالو:

**سَهسِ سِجَ نَاُيَرِ چُور اسِي چِندِنِ،**
**باللهِ ري پِريَنِ سَيَ اُونداَهِي يَان ئِيَا.**

۴. ميين احمد ﭜتائيءَ وارو رسالو:

**سَهسِ سِجَ نَاُيَرِ چُوراَسِي چَندِنِ،**
**بِاللهِ رِي پِريَنِ سَيَ اُنداَهِي يَان ئِيَان.**

مٿي ڄاڻايل پس منظر جي آڌار تي مون مذڪور ٻنهي بيتن جي شروعاتي مصراعن جي پهرين ٻنهي پدن ۾ گنج شريف ۽ سيد مسڪين شاهہ واري رسالي ۾ جدا جدا لکيل لفظن ”چَندُ“ ۽ ”نَہ“ کي گڏي هڪ يڪو لفظ ”چَندَنَ“ ڪري لکيو آهي جنهنکي سرائڪي زبان ۾ ”چَنُ“ ۽ ”چندُر“ چيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي ”چندُ“. گنج شريف ۽ سيد مسڪين شاهہ واري رسالي ۾ اوهان جي طرفان ڄاڻايل بيت نمبر ١٩

جي پهرئين پد جي پڙهڻيءَ "چنڊُ" پنهي لفظن کي گڏڻ جو وڏيڪ جواز پيدا ڪيو. "چَنڊَ" پڙهڻيءَ سان پنهي لفظن کي گڏڻ محال هو ۽ اکر "نَہ" جي ساڳي انڪاري حالت پڻ بحال پئي رهي ها. سنڌي گرامر موجب جڏهين اسم جي آخري حرف تي زَبَرَ هوندي آهي تہ ان اسم جي ندائي توڙي غير ندائي حالت ساڳي رهندي آهي. ان ڪري بيت ١٩ ۾ لفظ "چنڊُنَ" ندائي حالت ۾ نہ بدلبو. بهرحال اوهان جيڪڏهين مون سان اتفاق ڪريو، تہ پوءِ گربخشاڻي صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب توڙي ٻين ڇاپي رسالن جي شايع ڪندڙن وانگر لفظَ "چنڊ" جي پنيان لکيل اکر "نہ" کي خارج ڪري ڇڏيو. پر ان حالت ۾ ممڪن آهي تہ مذڪور پدن ۾ وزن ۽ ماترا صحيح نہ رهن. وري اکر "نَہ" کي خارج ڪرڻ جي صورت ۾ بيت نمبر ١٩ ۾ لکيل لفظ "چنڊ" جي حرف "ڊ" تي پيشَ جي بدران ڇاپي رسالن وانگر زَبَرَ ڏيڻي پوندي. ان لاءِ تہ لفظ "چنڊ" جي ندائي حالت برقرار رهي ۽ بيت جي پهرين سٽ پوين ٻن سٽن سان ٺهڪي اچي. پر اها پڙهڻي وري گنج شريف جهڙي معتبر رسالي ۽ سيد مسڪين شاهہ واري قديم رسالي جي پڙهڻيءَ جي خلاف ٿيندي جنهن موجب لفظ "چنڊ" جي آخري حرف "ڊ" تي پيشُ آهي ۽ نہ ڪي زبر.

ٻي بحث (تہ بيت نمبر ١٩ ۾ لفظُ "اُڀري" نہ پر "اُڀرين" هئڻ گهرجي) لاءِ عرض آهي تہ اهو لفظُ "اُڀري" نہ پر "اُڀرِي" يعني "ر" تي زير آهي جيڪو فعل ماضي معطوفي آهي ۽ خود سٽ جي ٻي پد ۾ لکيل لفظ "ڪرين" ۽ بعد واريءَ ٻيءَ سٽ "پلڪ پريان جي نہ پڙين، حيلن ڪرين هزار" سان بلڪل ٺهڪي ٿو اچي. هنن ٻنهي سٽن جو گڏيل لفظ "چنڊُنَ" سان يا اکر "نہ" ڪڍي ڇڏڻ ۽ لفظ "چنڊ" جي حرف "ڊ" تي زبر ڏيڻ سان انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيندو.

"O' moon! Let you adore yourself hundred
times, while rising in the fourteenth night of

the month, you will never watch beloved's glamour even for a moment though you might make thousands of efforts for doing so".

اهو مونجهارو لفظ "چندَنَ" کي رسالن ۾ ٻن ٻاڱن "چندَ" ۽ "نَ" ۾ ورهائڻ ڪري ٿيو آهي ۽ اهو تڏهين لهندو جڏهين يا ته منهنجي طرفان ندائي حالت ۾ ڪيل معنيٰ "اي چندَنَ - چندَ" کي قبول ڪيو وڃي، يا ته هن ڪان اڳ شايع ٿيل ڇاپي رسالن جي ليکڪن وانگر "نَ" اکر خارج ڪري لفظ "چندَ" جي حرف "دَ" تي زبر ڏني وڃي، جيڪا پڙهڻي گنج شريف ۽ سيد مسڪين شاهه واري رسالي جي پڙهڻيءَ جي خلاف ٿيندي. هاڻي جيئن توهان مناسب سمجهو تيئن ڪري سگهو ٿا. البت پويون طريقو عام فهم آهي.

مٿي ڏنل ٽنهي بيتن بابت ٽنڊي مير محمود خان جي ميرن واري رسالي، سنه ١٢٨٣ع واري بمبئي ڇاپي، سيد مسڪين شاهه واري رسالي، ميين حسين ۽ ميين محمد واري رسالي ۽ ميين احمد پٽائيءَ واري رسالي جي واسطيدار صفحن جون فوٽو ڪاپيون به اوهان جي ملاحظي لاءِ شامل عرض آهن. گنج شريف توهان وٽ موجود آهي.

بحث نمبر ٣ متعلق عرض آهي ته سڀني رسالن ۾ لفظن "جن" ۽ "تن" جي "ج" ۽ "ت" تي زبر ڏنل آهي. اوهان جيڪڏهن گنج شريف جي شروعاتي اٺن ڏهن بيتن جو مطالعو ڪندا، ته اوهان کي ائين ئي نظر ايندو. پر حرج ڪونهي جو انهن لفظن تي زبر جي بجاءِ زير ڏني وڃي ۽ ان تي ڪوبه اعتراض ڪونه ٿيندو.

چوٿين ڳالهه ته ڀٽ شاهه ۾ فقير قربان علي ذات لنجواڻي نالي ماڻهو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ سي ڊي تيار ڪرڻ لاءِ موزون آهي. اهو ماڻهو سنڌي فائينل امتحان پاس ڪري ٢٥-٣٠ سال پرائمري ماستر طور نوڪري ڪري رٽائر ٿيو آهي ۽ هن وقت درگاهه ڀٽ شاهه تي

چنچر جي رات شاهه صاحب جي راڳ جي اڳواڻي ڪندو آهي. هن جو ڏاڏو الهه بچايو فقير ۽ هن جو پيءُ ميرو فقير به شاهه سائينءَ جو راڳ ڳائيندڙ هئا. جيڪڏهن اوهان چاهيو ته آئون هن کي توهان ڏانهن ڏياري موڪليان ته اوهان پلي هن جو روبرو انٽرويو وٺي ڪي شرط شروط طئي ڪريو. سومر ڏينهن کان وٺي جمعي ڏينهن تائين سي ڊي جي تياريءَ جو ڪم ڪندو. چنچر رات هن کي درگاهه شريف تي حاضري ڏيڻي هوندي آهي.

آئون سمجهان ٿو ته صالح محمد شاهه جيڪو ريڊيو پاڪستان تي ڳوڻائي ڪچهري لڳائيندو آهي اهو به موزون ماڻهو آهي.

جواب ۾ دير ٿيڻ لاءِ معذرت خواه آهيان.

اوهان جي آل عيال جو گهٽگهرو

**پانهون خان شيخ**


داستان ٽيون ۱۲۳

مُون لهر مُون پِرين جي، اَڇڻ جو دارو
سجڻ سوياڻو، پيچ پنيءَ لهر آيو

نڪ جهڙيءَ ماءِ، هينئڙو ڪان ڪوري ٿيو
جهوپي ۾ نه سماءِ، ڇڪي پرڻ ندو سڄڻين

(۱۰)

اَڄ اَڇڻ ڏيران، جاڳو پرڙي مَ سُتهو
رضا پين پيران، وارن هتي هتڙ

جو ڏينهن چنڊن اپري، اوڏينهن پيهي
متين ناهِ سلام، جيڪو پچين پيچ سو

جو ڏينهن چنڊن اپري، سهسين ڪرڻ
ٻلي پريان جي، ڇيلن ڪرڻ هزار
جهرڙ توڻ سڀ جماع، لهڙ و دم دولت





ٺٽي مير محمود خان حيدرآباد جي مير صاحبن جي ڪُتب خاني مان هٿ آيل رسالي جو عڪس.

اَسُوءِ اَتا ڪِهڙيءَ آئن اُڇِن اُڇايئِ جو ڏيه ماه چنڊ

جي مَن ڪَرهن پِرِين جي اُڇن جي واڪ ماڪر سڙاهي مَ

پيئي ڪام ڪرينم اُڇين اُمام وچو ڏيه ماه چنڊ جو

مَن ڪَر مَن پِرين جو اُڇن جو واه ڏِسائين سوپاه ونڃ

پِني ڪر آئيو جو ڏيه چنڊ آيو اُن ٿيه پس

نعام مَتِ ناهه مَلا مَجيڪ پڇي پکسو بيٺ جو ڏيه

چنڊ ناپر سهي ڪري سنڪاه پلڪ پرپان جي

پيري جي جيئل ڪي ڪهڙا جهڙ وتن سڀئي جيماه

تهڙ وڏ مُڏ وِسٽ جو سهس سلح ناپر جو ٻس

چنڊ باالله ري پرين من اکا هي پات ٿيا

چنڊ تنهنجي ذات پاڻان پرين جي تون جو منجهه



سيد مسکين شاهہ ڳوٺ خانوٽ تعلقي هالا واري ڪتبخاني ۾ رکيل شاهہ جي رسالي جي ورق جو عکس.

هنڪاڻ ڏيئي ڪريئه ڪڍئا، منهن مشتاقن جي ڏجائي

راڻيءَ پر ڏيسان ڏرياءِ ڪج ڪرهيان ڪنن ڪئي هندام هيو

هيري سجڻ ساريائه اچي لالن نڌي مني ٻلڪن ٻيرن تي وهن

ونيو ڪج ڪرهيان ڪنن ڪيا تري تر وري ٻئي تر واجاءِ

مان ڏٺه ڪا سواڌائي سجڻ جو ڏيه چندنا اري

سهس ڪري سنگار ٻلڪ پريا جي نيري هيلن ڪري

هزار جهروڪن سب جمار تهوو دمر دو سجڻ جو ڏيه

چندنا اري او نتريه پسي نه عالم مٿي نارملام جيڪو

ٻچي ٻچه سوٻ اچڻ اويادو جو ڏهي ماه چند جو من

ڪرمن ٻڄو اچڻ جو وارو سجڻ سو يارو ٻچه مني ڪراسو



٩

آجُ ٻُڌِ آسارو ٣، چوڏهيءَ ماهَ چنڊَ جو
مون ڪهتر مون پرين جي، آڇڻَ جو وارو
سڄڻُ سوپارو، پيچَ پيئيءَ گهتر آئيو.

١٠

چوڏهيءَ چنڊُ اڀريو ٤، اوڏيهَ پسيس عامَ ٥
مٿس ناهِ مثلامَ، جيڪين پڇين ٦ پُڇ سو.

١١

چوڏهيءَ چنڊَ! تون اڀرين ٦، سهسين
ڪرين ٧ سينگارَ
پلڪَ پريان جي نہ پڄرين، جي جيلڻ ٨
ڪرين هزارَ
جيترو تون سڀ چمارَ، تيترو دمُ دوستَ جو.

١٢

سهسين سيجڙَ اڀري، چوراسي چنڊَ
مبالله راڀ پرينءَ سڀ آنڌهي پائيار.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي جو عڪس

ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي

# گَنج (شاهہ جي رسالي) ۾ هندي ڪلام

شاهہ عبداللطيف جي درگاهہ ڀٽ شاهہ تي شاهہ جي ڪلام جو جيڪو قلمي نسخو محفوظ آهي، تنهن کي ”گنج“ نالو ڏنو ويو آهي. اِنهيءَ جو سبب اِهو آهي تہ اُهو ڄڻ هڪ ڪشڪول آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام سان گڏ ٻين درويشن ۽ سنتن جو ڪلام پڻ سمايل آهي. گنج شريف هڪ مقدس ڪتاب آهي. اِهو درگاهہ لطيفيءَ جي پير ۾ وڏي اوطاق تي، تمراٽي فقيرن وٽ هڪ اهم دستاويز جي حيثيت ۾ سنڀالي رکيل آهي. هَر سال ۱۴ صفر تي اِنهيءَ پاڪ نسخي جي نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان زيارت ڪئي ويندي آهي. شاهہ جي ڪلام جو اڀياس ڪندڙ عالمن، هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ ۽ لالچند اَمر ڏنو مل جڳتياڻيءَ مان ڪنهن کي بہ اِجازت نہ ملي سگهي تہ اِنهيءَ قلمي نسخي جو باريڪيءَ سان مطالعو ڪري سگهن. عمر بن محمد دائودپوٽو پهريون عالم نظر ٿو اَچي، جنهن کي خوشنصيبيءَ سان فقيرن اِجازت ڏني تہ هو ڀٽ شاهہ تي ڪجهہ ڏينهن رهي، گنج ۾ گڏ ڪيل ڪلام جو تفصيلوار ۽ گهرائيءَ سان اڀياس ڪري. ڪائنس پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اِهو موقعو مليو، جو هن گنج جي فوٽو ڪاپي تيار ڪرائي، انهيءَ قلمي نسخي جو باريڪيءَ سان مطالعو ڪيو.

مون کي ياد آهي تہ سال ۱۹۸۶ع ۾ سکر سنڌ ۾ شاهہ لطيف ڪانفرنس تي مان ۽ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ويا هئاسين، تڏهن سنڌ جي سفر دؤران هڪ رات ڀٽ شاهہ تي رهياسين. شاهہ جي راڳائي فقيرن جي محفل ۾ ڪلامِ ڳائڻ ۽ سنگيت جو روحاني رس حاصل ڪيوسين. اُنهيءَ موقعي تي اختياريءَ وارن کي عرض ڪيوسين تہ گنج

شريف جي زيارت ڪرڻ جو وجهہ حاصل ٿئي، پر درگاهہ جا آهڙا ڪي اؤڪا پنڌن هئا، جو اِها خوشنصيبي حاصل نہ ٿي سگهي. اُن وقت فقط ايترو معلوم ٿيو تہ سرڪار طرفان انهيءَ جي شايع ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. اِهو ٻڌي من کي ڪجهہ آٿت مليو.

## گنج شريف جي اشاعت

اٽڪل نون سالن جي ڏگهي عرضي کان پوءِ ڄاڻ پيئي تہ "گنج" جو قلمي نسخو سرڪار شايع ڪرايو آهي. بس، پوءِ ڏينهن رات اِها ئي تات لڳل هئي تہ ڪهڙيءَ طرح اِهو ڪتاب حاصل ڪريان، قسمت سٺائي هئي جو ١٩٩٦ع ۾ ڪلهوڙا ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ملي، اِن سفر ۾ وري هيري نڪر جو سهٽو ساٿ مليو. ڪانفرنس جي موقعي تي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ڊائريڪٽر ممتاز مرزا سان ملاقات ٿي، هن مون کي ۽ هيري نڪر کي ٻين ڪن ڪتابن سان گڏ "گنج" جو ڇاپو پڻ سوکڙيءَ طور ڏنو. شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان "گنج" جا ٻہ الڳ ڇاپا سنہ ١٩٩٥ع ۾ شايع ڪيا ويا آهن. هڪ ڇاپو ڊيمي سائيز جو آهي ۽ ٻيو ڇاپو وڏي سائيز جو آهي، جنهن ۾ گلڪاريءَ جي باربر سان ڪلام سينگاريل آهي. جيئن تہ گنج جهوني سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهي؛ جيڪا اَڄ ڪالهہ عام پڙهندڙ سمجهي نہ سگهندا، انهيءَ ڪري اُنهيءَ کي جديد سنڌي صورتخطيءَ ۾ پڻ ڇپايو ويو آهي. ڊيمي سائيز جو ڇاپو ٻن جدا جلدن ۾ آهي. هڪ جلد اصلوڪي قلمي نسخي واري صورتخطي فوٽو آفسيٽ ذريعي ڇاپي قائم رکي ويئي آهي، ٻئي جلد ۾ اُنهيءَ ڪلام کي هاٹوڪي عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ تبديل ڪري ڇپايو ويو آهي. صورتخطيءَ بدلائڻ جو ڪم ممتاز مرزا پاڻ ڪيو آهي، هو صاف لفظن ۾ لکي ٿو: "هڪ ڳالهہ موجوده صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ چوڻ نهايت ضروري آهي تہ مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي تہ گنج جون پڙهٽيون

گھڻي ڀاڱي صحيح هجن، البت ڪٿي ڪٿي ڪاتب جي تحرير جي ڳوڙهائي ۽ صورتخطيءَ جي فرق ڪري، متن ۾ اصل موجب جيئن جو تيئن پڑهڻي اختيار ڪئي ويئي آهي. اِن ڪان سواءِ، ممڪن آهي تہ ڪي عالم ۽ محقق مون واري ڪنهن پڑهڻيءَ سان متفق نہ ٿين، اُنهن لاءِ اصل موجود آهي، ان موجب هو مزيد تحقيق توڙي تصديق ڪري سگهن ٿا. بنيادي طرح سان موجوده صورتخطيءَ وارو حصو، لطيفي لات جي هڪ طالب جي پڑهڻي آهي، ان تي تنقيد ٿي سگهي ٿي پر علمي ڪشالي کي جيڪڏهن تحسين جي نظر سان ڏٺو ويو تہ منهنجو پورهيو سنڌ جي عوام توڙي عالمن ۾ قبول پوندو." اِن ڪري چئبو تہ شاهہ جي ڪلام جي تحقيق ڪندڙن لاءِ هاڻي گنج شريف جو متن جيئن جو تيئن مُيسر ڪيو ويو آهي. اِهو گنج جي فوٽو ڪاپيءَ تان ڇاپيل آهي.

هتي هڪ اهم حقيقت طرف ڌيان ڇڪائڻ چاهيندس، ڊاڪٽر اَرنيسٽ ٽرمپ پهريون عالم آهي، جنهن ٻن جهونن قلمي نسخن جي آڌار تي شاهہ جو رسالو (ديوان عبداللطيف شاهہ ڀٽائيءَ جو) سن ١٨٦٦ع ۾ جرمنيءَ جي لپسيا نالي شهر مان ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ لاءِ هن سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي پٽي پاڻ تيار ڪئي ۽ اُنهيءَ ۾ لوهي ٽائيپ بہ فائونڊريءَ مان ٺهرايو. اَرنيسٽ ٽرمپ جن ٻن قلمي نسخن کي بنياد بڻايو آهي، انهن ۾ "گنج" وارو قلمي نسخو نہ آهي. ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ بہ ڀٽ شاهہ ۾ بلڙيءَ تي رکيل جن قلمي نسخن کي شاهہ جي رسالي جو ايڊيشن تيار ڪرڻ لاءِ پيٽيو آهي، اُهي ڪي ٻيا نسخا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پهريون عالم آهي جنهن شاهہ جي رسالي جو جامع ۽ مستند متن تيار ڪري شايع ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي آهي. اِنهيءَ ڏس ۾ هو رٿيل ڏهن جلدن مان ست جلد ڇپائي چڪو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اِها خوش نصيبي چئبي، جو هُن پنهنجي

ايڊيشن تيار ڪرڻ ۾ نہ فقط گنج واري قلمي نسخي جو باريڪيءَ سان مطالعو ڪيو آهي، پر انهيءَ کان سواءِ پنجاهہ کن ٻيا بہ جهونا قلمي نسخا ۽ آڳاٽا ڇاپا بہ پيٽيا آهن. هن جي ڇپايل ايڊيشن جي ٻي مکيہ خوبي اِها ڇئبي جو هُن ڪلام جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي بہ ڏني آهي. متن ۾ مقرر ڪيل پڙهڻين بابت جن هنڌن تي ٻيون پڙهڻيون ملن ٿيون، اهي هن سمجهاڻيءَ واري حصي ۾ درج ڪيون آهن، جيئن ڪلام جو اڀياس ڪندڙ ٻيا محقق پنهنجي ليکي پڻ مختلف پڙهڻين تي غور ڪري سگهن.

## گنج ۾ ڪلام جي ترتيب ۽ اُن جو ڪاتب

گنج ۾ ڪُل اوڻٽيهہ سُر آهن، جن کي "سرود" سڏيو ويو آهي. اِنهن جي شروعات "سرود سسئي" سان ٿئي ٿي. اوڻٽيهن سرودن جي آخر ۾ ڪجهہ متفرقہ بيت بہ ڏنل آهن. اوڻٽيهن سُرن جي فهرست هن ريت آهي:

١. سرود سسئي، ٢. سرود ڪلياڻ و جمن، ٣. سرود کنبات، ۴. سرود سريراڳ، ۵. سرود ساموندي، ٦. سرود سوهڻي، ٧. سرود سارنگ، ٨. سرود ڪيڏارو، ٩. سرود سينهن ڪيڏارو، ١٠. سرود سورٺ، ١١. سرود بيراڳ، ١٢. سرود بروه سنڌي، ١٣. سرود مانجهہ، ١۴. سرود ڍول مارو، ١۵. سرود چنيسر و ليلا، ١٦. سرود ڪاهوڙي، ١٧. سرود رپ، ١٨. سرود جاجڪاڻي، ١٩. سرود رامڪلي و پورب، ٢٠. سرود ڌناسري، ٢١. سرود ڪاپائتي، ٢٢. سرود گهاتو، ٢٣. سرود ڏهر، ٢۴. سرود مارئي، ٢۵. سرود آسا، ٢٦. سرود بلاول، ٢٧. سرود مومل راڻو، ٢٨. سرود ڪاموڏ، ٢٩. سرود ڪارايل.

گنج ۾ ڪل ۴٠۴١ بيت ۽ ٢٨٧ وايون ڏنل آهن، اِهو ٧ تاريخ جماد الثاني ١٢٠٧ هجريءَ ۾ (١٧٩٢ عيسوي سن) لکجي پورو ٿيو.

اِنهيءَ جو ڪاتب آهي فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاهه، جيڪو اصل لاڙ ۾ رمضان جت نالي ڳوٺ جو رهاڪو هئو. اَصل نسخي جي ڊيگهه اَٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ ۽ تحريري تختيءَ جي ڊيگهه ڇهه انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. گنج جو پنو سادو ٿلهو ۽ هٿ جي ٺهيل ميرانجهڙي رنگ وارو آهي. ڪاتب نهايت ئي خوشخط آهي ۽ هر صفحي تي ڏهه سٽون لکيون اٿس. ڪاتب جي "الف - ب" جهوني زماني جي آهي، اِنهيءَ ڪري اُن کي آسانيءَ سان پڙهڻ مشڪل آهي.

گنج جو نسخو ميين محمد اسماعيل ڪاهوڙيءَ جي چوڻ موجب ۽ سندس نگرانيءَ ۾ لکجي پورو ٿيو. ڪاتب جيئن جيئن لکندو پئي ويو، تيئن تيئن محمد اسماعيل اُنهيءَ جو مطالعو پئي ڪيو. هن ڪن هنڌن تي پنهنجي هٿ اکرن سان سڌارا ۽ واڌار بہ پئي ڪيا. هو تمر فقير ڪانپوءِ ٻيو نمبر خليفو هو. سندس تربت ٻٽ تي تمر فقير جي چوڪنڊيءَ لڳ اوڀر طرف آهي، جنهن تي هن جي وفات جو سال ١٢٨٢ هجري (١٨٦٥ع) لکيل آهي. گنج جي متن جي شروعات هن بيت سان ٿئي ٿي:

**وڏي ٿـــي وايـــون ڪـــري، ڪـــنـــل ڪـــوڪـــاري،**
**هن پن پاهنجا ساريا، هوءَ هنجون هڏن لئي هاري.**

ڀهرئين دؤر جا. يعني شاهه لطيف جي حياتيءَ جي آخري سالن کان وٺي ارڙهين عيسوي صديءَ جي آخر تائين شاهه جي ڪلام جا جيڪي بہ نسخا هٿ آيا آهن، اُنهن ۾ گنج وارو نسخو وڏي ۾ وڏو آهي. اِنهيءَ دؤر جا لکيل سڀ نسخا سُر سسئيءَ سان شروع ٿين ٿا. پر ڪن نسخن ۾ بيتن جي شروعات ٻئي بيت سان ٿئي ٿي، جيڪو هن ريت آهي:

**پـرتـوو پُـنـوُه جـــو، جُـــهـــڙ جـــڻـن جـــهـــالا ٿـــي،**
**آءٌ تِـنـه آريءَ کـي، وٺـــيـــو راهَـہ رُئـان گـــهـــٽـــو.**

هتي اِن ڳالهہ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي تہ شاهہ جي، ڪلام جا قلمي نسخا ۽ ڇاپا جيڪي سُر ڪلياڻ سان شروع ٿين ٿا. اُهي گھڻو پوءِ اوڻويهين عيسوي صديءَ جا لکيل آهن. اُنهن ۾ پهريون بيت ”اَول الله عليم...“ آهي.

## گنج ۾ هندي ڪلام

گنج ۾ هندي ڪلام سرود بيراڳ ۾ ڏنل آهي. ڪن ٻين سرودن ۾ پڻ ڪجهہ هندي دوها ملن ٿا. سرود ڍول مارو ۾ جيڪي دوها ڏنل آهن، سي اولهہ راجستاني يا ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ آهن. ساڳيءَ طرح سرود مانجهہ ۾ هير رانجها جي پريم ڪٿا سان واسطو رکندڙ دوها سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهن. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ ١٣-١٤ عيسوي صديءَ کان وٺي سنڌ ۾ آس پاس وارن علائقن جون ٻولِيون ۽ لوڪ ادب جون روايتون چڱي قدر مروج ٿي چڪيون هيون. اُنهن کي سنڌ جي صوفي درويشن ۽ سنتن پڻ اَپنايو.

هندستان جي ان وقت جي ڀاشائي حالت جي لحاظ کان ڏسجي تہ اُنهيءَ زماني ۾ هندي ٻولي گھڻي قدر سڄي هندستان جي لاءِ هڪ ڳانڍو ٻوليءَ طور واهپي ۾ اچي چڪي هئي. ساڌو ۽ سنياسي، جوڳي ۽ ويراڳي، سڌ ۽ سنت، صوفي ۽ درويش جدا جدا ڀاشائي ايراضيءَ ۾ پيا رٿن ڪندا هئا. هنن پنهنجن ويچارن جو اظهار هنديءَ ذريعي ڪيو پر اُها هندي هاٺوڪي ادبي ”کڙي ٻولي“ نہ هئي. اُن ۾ جدا جدا اُپڀاشائن جو ميلو هئو. هنديءَ جي اَهڙي روپ جو ڦهلاءُ سنڌ ۾ بہ ٿيو. شاهہ لطيف نہ فقط پاڻ جوڳين ۽ بيراڳين جي ست سنگ ۾ جدا جدا ماڳن تي گھميو ڦريو پر سندس سماع ۾ روحاني راڳن ۽ سنگيت جي محفل ۾ بہ اڪثر ساڌو ۽ سنياسي، جوڳي ۽ بيراڳي شريڪ ٿيندا هئا. هو هنديءَ ۾ پنهنجي وائي ڳائيندا هئا. اُنهن جا ڳاتل دوها ۽ گيت شاهہ جي راڳائي فقيرن بہ ٻڌا ۽ خود ڳائي ٻڌايا. ممڪن آهي تہ خود شاهہ لطيف

ٻه جن دوهن ۾ گيتن کان متاثر ٿيو، اهي هُن پاڻ ٻه جهونگاريا ۽ سماع دوران ڳاتا. آهڙي قسم جو هندي ڪلام گنج جي "سرود بيراڳ" ۾ ۽ ڪن ٻين سرودن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اِن ۾ ڪبير، دادو، تلسي، ميران ٻائيءَ جهڙن سنتن ۽ ڀڳتن جي واڻي نظر اَچي ٿي.

هتي اَسين اِن باري ۾ خاطريءَ سان ڪوبه فيصلو نٿا ڪري سگهون تہ ڪهڙا هندي دوها شاهہ لطيف پاڻ ڳائي دُهرايا ۽ ڪهڙا هن جي راڳائي فقيرن يا سماع ۾ حاضر ٻين جوڳين ۽ بيراڳين ڳاتا پر اِنهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اِهو هندي ڪلام شاهہ لطيف جي حاضريءَ ۾ ضرور ڳاتو ويو، جيڪو راڳائي فقيرن پوءِ سماع جي سمي، وقت بہ وقت پاڻ بہ پئي ڳاتو. پٽ شاهہ جو راڳائي فقير ميون اسماعيل جنهن شاهہ لطيف جي وفات کان فقط چاليهہ کن سال پوءِ، "گنج" جو قلمي نسخو پنهنجيءَ نگرانيءَ ۾ لکايو، اُهو راڳ جي روايت کان پوريءَ طرح واقف هئو. ڪانئس اڳ تمر فقير شاهہ لطيف جو ڪلام قلمبند ڪيو هئو. پر اُهو قلمي نسخو اَڄ سلامت نہ رهيو آهي. ٻيو تہ مين اسماعيل لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو نوي کن سالن جي عمر ۾ سنہ ١٨٦٥ع ۾ گذاري ويو ۽ ننڍي ڄمار ۾ ئي اَچي پٽ شاهہ تي رهيو هئو. اِنهيءَ جي آڌار تي اَسين خاطريءَ سان چئي سگهون ٿا تہ ڪيس شاهہ لطيف جي ڪلام ۽ سماع ۾ ڪلام جي ڳائڻ جي ريت ۽ اُصولن جي بخوبيءَ ڄاڻ هئي. جيڪڏهن سماع جي محفلن ۾ هندي ڪلام ڳائڻ جي روايت نہ هجي ها تہ هو اُنهيءَ کي گنج ۾ "سرود بيراڳ" اَندر بلڪل جاءِ نہ ڏئي ها.

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي جي جلد پهرئين ۾، مقدمہ جي فصل ڏهين ۾ لکيو آهي تہ "سال ١٨٦٧ عيسويءَ ۾ وري قاضي ابراهيم جي سعيي سان، شاهہ جي رسالي جو هڪ سنگي ڇاپو، بمبئيءَ ۾ پڌرو ڪيو ويو. ڪن ماڻهن جي دل

تي وهم وينل آهي تہ اهو ڇاپو اصلوڪي رسالي جو سچو نقل آهي پر هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو هٿهين هٿ نہ ايندو. سنڌ ۾ جيڪو بہ ڪن ڪچري جهڙو ڪلام، جو شاهہ جي نالي ڳايو ويندو آهي، يا جيڪي بيت مسخرا مجلس ۾ راند وجهندي چوندا ويندا آهن، وغيره، سي سڀ سواءِ ڪنهن تميز جي، منجهس ٺڦيا ويا آهن."

اِنهيءَ لحاظ کان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي جي ايڊيشن وقت اِهو مقصد سامهون رکيو تہ شاهہ جي ڪلام جي جهونن ڇاپن ۽ قلمي نسخي جو تنقيدي لحاظ کان مطالعو ڪري، ڌاريو ڪلام بلڪل رد ڪري فقط اُهو ذخيرو رسالي ۾ ڏجي، جيڪو خاطريءَ سان ثابت ٿئي تہ اُهو شاهہ لطيف جو چيل آهي. اِن خيال کان هن گهڻيئي بيت پنهنجي ايڊيشن مان ڪڍي ڇڏيا، جن لاءِ سندس ويچار هئو تہ اُهي شاهہ جا رچيل نہ آهن. اِنهيءَ تي جيٺمل پرسرام ۽ ڪن ٻين عالمن سنہ ١٩٢٣-١٩٢٤ ۾ شاهہ جي رسالي جي پهرئين جلد تي سخت لفظن ۾ جلهہ ڪندي لکيو تہ "ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاهہ جي رسالي جو خون ڪيو آهي." اِنهيءَ تنقيد جو نتيجو اِهو نڪتو تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ٻئين جلد جي منڍ ۾ لکيو تہ "ڌاريو ڪلام، جو شاهہ صاحب جي نج ڪلام کان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي، سو پڻ اُميد آهي تہ ضميمہ طور جدا ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو تہ پل تہ اُهو بہ سنڌي شعر جو هڪ خلاصو ڪتاب ليکجڻ ۾ اَچي."

تازو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهہ جي رسالي جو جيڪو جامع ۽ مستند ڇاپو تيار ڪيو آهي، اُنهيءَ ۾ هُن جلد ڏهين ۾ ٻين سالڪن ۽ شاعرن جو اُهو ڪلام ڏنو آهي، جيڪو سندس ويچار موجب شاهہ لطيف جو نہ آهي، پر جهونن قلمي نسخن ۽ آڳاٽن ڇاپن ۾ شامل ڪيل آهي. منهنجي ويچار ۾ اِها وات وٺڻ سان اهڙي تنقيدي ڇاپي مان اَسين اِهو معلوم ڪري سگهنداسين تہ شاهہ لطيف ڪهڙن سنتن ۽

درويشن کان متاثر ٿيو هئو ۽ پٽ شاهہ تي راڳائي فقيرن جي ڳائڻ واري روايت ۾ ٻين کهڙن شاعرن جو ڪلام ڳائبو هئو.

## هندي ڪلام جي ٻولي

سرود بيراڳ ۾ شامل ڪيل چڱن ئي دوهن ۾ ڪبير جو نالو آيو آهي. اُنهن جي پيٽ جڏهن اَسين ڪبير گرنٿاوليءَ ۾ ڏنل هندي دوهن سان ڪريون ٿا تہ اُنهن جي ٻوليءَ ۾ چڱو ئي فرق نظر ٿو اَچي. ٻيو تہ ڪيترن دوهن جي ٻولي سنڌي آميزش واري ٻڻجي پيئي آهي. اِها ڳالهہ سپاويڪ آهي تہ سنتن جي هندي واڻي جن جن غير هندي پرانتن ۾ ڦهلي، اُتي اُنهن تي مڪاني ٻوليءَ جو اَثر پوڻ لازمي هئو. اِن ڪري جيڪڏهن سرود بيراڳ ۾ درج ڪيل هندي دوهن تي سنڌي ٻوليءَ جو اَثر پوي تہ اِهو ڪو عيب نہ ليکڻ گهرجي. اِنهيءَ جو ٻيو سبب اِهو بہ آهي تہ فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاهہ جنهن "گنج" جي ڪتابت ڪئي، اُهو هنديءَ جو ماهر نہ هئو. اِن ڪري دوهن جي اصلوڪي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ فرق زباني روايتن ذريعي، تہ ڪجهہ ڦيرو اُنهن کي قلمبند ڪرڻ وقت آيو آهي. هتي ڪجهہ مثال ڏسو:

١. سُر بيراڳ (صفحو ٤٣٠)

**گرو گووند دونون کڙا، ڪس ڪون لاڳون پاءِ،**
**هم ٻلياري اُس گرو کي، جس ني گوبند بتايا نامُ (نان٠).**

اَصل هندي دوهو:-

**گرو گووند دوئوُ کڙي، ڪاڪي لاگئون پانيہ،**
**بلهاري گرو آپني، گووِند ڍيئو بتايَہ،**

٢. سُر بيراڳ (صفحو ٤٣٧)

**ڌرتي سڀ ڪاغذ ڪرون، ليکڻ ڪرون بنراهہ،**

سارا سمنڊ مس ڪرون، ته ايڪ ڳڻ لکيا نه جاءِ.

اَصل هندي دوهو

سب ڌرتي ڪاگد ڪرون، ليکن سب بنرايه،
سات سمند کي مَسِ ڪرون، گر گن لکا نه جايَه،

۴. سُر بيراڳ (صفحو ۴۴۰)

چڪي ڦرتي ديک ڪر، ڪڙا ڪبيرا روءِ،
دو پُڙان ڪي بيچ ۾، ساچا رهيا نه ڪوءِ،

اَصل هندي دوهو:-

چلتي چڪي ديک ڪي، دِيا ڪبيرا رويَه،
دُءِ پَٽَ پيتر آءِ ڪي، ثابت گيا نه ڪويَه.

هنديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ميل وارن دوهن جا ڪجهه مثال ڏسو:

١. ساڌ سڏاوڻ ڪٺن هووي، مت ڪو ساڌ سڏاءِ،
(ص ۴٢٠)

٢. راڌا ويڌي جڳ مِليا، گهايل مليا نه ڪوءِ،

٣. گهايل سوَن مايل مليا، ته ٻه رام ڀڳت رسُ هوءِ.
(صفحو ۴٣٦)

۴. ڪاغذ تولا نيهه گهٽان... (صفحو ۴٣٧)

۵. سُڪي ڪاني سرڪنڊ جي، واس نه ڇڏي توءِ.
(صفحو ۴٣٨)

٦. رَسُ مــڙوئي رام ڪا، وَهي ڪين ويو،
چرِڪَلي ڇُهنج ڀري، ته ڪبير ڪوهُ ٿيو.

محمد حسين "ڪاشف"

# لطيفي تحقيق جا فڪري رُخ

لطيفؒ ادب جي دنيا ۾ هڪ اهڙي اوچي مقام تي آهي جنهن کي ڪو ڇهي نٿو سگهي. دنيا جي هن مهان شاعر کي اهو اعزاز ۽ مرتبو انهيءَ ڪري حاصل آهي ته هو زندگيءَ جو شاعر آهي. سندس شاعري ۾ فن، فڪر ۽ حقيقت جا اهي اڻ ملهيا موتي ونڌيل آهن جن جي حُسن ۽ هڳاءُ جي ڪا ڪٿ ڪئي نٿي سگهجي. مغربي اسڪالرز ۽ دانشورن کان وٺندي سنڌ ۽ هند جي لطيفي ليکڪن تائين سندس فڪري محرڪات ۽ فڪري فلسفي تي زندگيءَ جي مختلف رخن ۽ ان جي روين تي اڄ تائين ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ لکبو رهندو. انهيءَ سڄي مواد کي جيڪڏهن عنوان وار الڳ ڪجي ته لطيفي مقالن جي فهرست/ياداشت تي هڪ ضخيم ڪتاب جڙي سگهي ٿو.

هن اظهار مان منهنجو مقصد صرف اهو نه آهي ته لطيف تي هيترو سارو جيڪو لکيو ويو آهي اهو حرف آخر آهي يا ڪافي آهي. مطلب هيءُ آهي ته لطيف جي فن ۽ فڪر تي گذريل سٺ، سترسالن کان جو ڪجهه لکيو ويو آهي، انهيءَ سماجي روين کي ڪيترو متاثر ڪيو آهي؟ ڪا مضبوط فڪري ڌارا پيدا ٿي آهي ۽ عام توڙي خاص حلقن ۾ ان کي ڪيتري مقبوليت حاصل ٿي؟ لطيفي فڪر ۽ پيغام تي انجا مثبت ۽ منفي اثر ڪهڙا پيا؟ سماجي سوچ ۽ شعور ۾ ڪيتري ۽ ڪهڙي تبديلي ٿي. ادارن ۾ معروضات جي بنياد تي انجو جائزو ورتو ويو آهي يا نه، جي ورتو ويو آهي ته انجا ڪهڙا نتيجا سامهون آيا آهن؟ لطيف صرف هڪ شاعر جو نالو نه آهي پر لطيف بذات خود هڪ اتهاس ۽ ان اتهاس جو پيامبر آهي، جيڪو سنڌي ڪلچر، ان جي روين، ان جي زبان، قومي وجود ۽ روحاني حقيقت حال جي وڏي نمائندگي

ڪري ٿو.

اسان جڏهن لطيف تي تحريري موادجو جائزو وٺون ٿا يا ان تي نظر وجهون ٿا تہ لطيفي سوانح ۽ حالات تي مير علي شير قانع ٺٽوي جون لکيتون سڀ کان اول اسان کي نظر اچن ٿيون جيڪي پٽ ڌڻيءَ جي وفات کان سٺيهہ سال بعد جي عرصي ۾ لکيل آهن جن مان تحفة الڪرام، مقالات الشعراءَ ۽ معيار سالڪان طريقت ۾ سندس حياتي جو احوال ملي ٿو، ليڪن اهو سوانحي طريقيڪار سان قلمبند ڪيل نہ آهي، پر مصنف جي لطيفي دور جي ويجهڙائيءَ ۾ هئڻ سبب روايت جي اصول تي ٻڌل ڳالهين تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ تحقيقي عنصر جي کوٽ آهي. ان کان سوا سئو سال کن پوءِ مير عبدالحسين سانگي ١٨٨٨ع ۾ سندس حياتيءَ جي احوال کي فارسيءَ ۾ "لطائف لطيفي" جي نالي سان لکيو. هن ۾ بہ عام روايتن کي دخل ۽ انهن تي گهڻو مدار آهي. مير صاحب جي لکت کان هڪ سال اڳ ١٨٨٧ع ۾ مرزا قليچ بيگ شاهہ جي سوانح تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو تہ جيئن پرڏيهي ماڻهو لطيف جي احوال کان واقف ٿي سگهن. اڳتي هلي ١٨٩٧ع ۾ ساڳئي ڪتاب کي مرزا صاحب "احوال عبداللطيف" جي نالي سان سنڌيءَ ۾ شايع ڪيو. مرزا صاحب پنهنجي انگريزيءَ توڙي سنڌيءَ واري ڪتاب لاءِ مير عبدالحسين سانگي جي قلمي ڪتاب تان گهڻو استفاده ڪيو. ليڪن ان ۾ تحقيقي عمل کي مرزا صاحب بروءِ ڪار نہ آندو جنهن ۾ پڻ روايت کي گهڻو دخل آهي. ان بعد اسان کي ١٨٨٩ع ۾ ليلارام وٽڻ مل جو انگريزيءَ ۾ لطيف جي زندگي، مذهب ۽ شاعريءَ تي لکيل ڪتاب نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪتاب جو بہ اڪثر مواد مير سانگيءَ ۽ مرزا صاحب جي لطيف تي لکيل سوانحي ڪتابن تان اخذ ڪيل نظر اچي ٿو. انهن کان سواءِ "رچرڊ برٽن"، ڪمشنر فريئر جي منشي "ارنيسٽ ٽرمپ"، ديوان ڏيارام گدومل، پنهنجي ڪتابن ۾ سندس حياتيءَ بابت احوال ڏنو. شاهہ صاحب بابت انهن جو مواد پڻ مٿين ڪتابن تان ورتل نظر اچي ٿو.

بقول جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي تہ "ارنيسٽ ترمپ" شاهہ جي سوانح جي احوال کي مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي ڪتاب "معيار سالڪان طريقت" کي نظر ۾ رکي تحرير ڪيو آهي. ١٩٢٣ع ۾ "ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ شرح سان شاهہ جو رسالو شايع ڪيو جيڪو لطيف جي ڪلام جي شرح، ترتيب ۽ ان تي تحقيق ڏانهن پهريون قدم هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي لطيف جي سوانح، فن، فڪر ۽ ٻوليءَ وغيره تي هڪ طويل مقدمو پڻ لکيو جيڪو "مقدمہ لطيفي" جي نالي سان پڻ شايع ٿيو. مقدمہ لطيفي جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا سوانح جي سلسلي ۾ ماخذ بہ قريب قريب مٿيان ساڳيا ڪتاب رهيا. البت تصوف جي فڪري سلسلي ۾ هن ٻين صوفي مڪتبہ فڪر جي ڪتابن کان پڻ مدد ورتي جنهن ۾ "منهاج العاشقين" سر فهرست آهي. لائق محقق تصوف جي في نفسہ نظرئي کي نچوڙي نشامبر ڪرڻ ۽ لطيف وٽ انجا ماخذ ڪهڙا آهن ۽ لطيف صوفي فڪر جي بلندين ۾ ڪيترو مٿاهون آهي، ان کي واضح ڪري نہ سگهيو آهي، ان جو اندازو سندس تحرير مان چڱيءَ طرح سان لڳائي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي تصوف ۽ منهاج تصوف جي فلاسافيءَ کي بيان ڪرڻ ۾ اها ڪاميابي حاصل نہ ٿي جيڪا تصوف جي فڪر جي تقاضا هئي. فاضل شارح انهيءَ ڏس ۾ ويدانت کي پڻ انهن ويچارن سان سلهاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي غائر نظر سان ڏسبو تہ وٽس تصوف ۽ ويدانت ۾ ڪو ايترو خاص امتياز نہ آهي ۽ پاڻ تصوف جي آريائي ۽ سرياني نظرين جي مڪتبہ فڪر کي جدا ڪري بيان ڪرڻ کان قاصر رهيو آهي، جنهن ۾ مجموعي تاثر اهو ٿئي محسوس ٿو ٿئي تہ لطيف وٽ تصوف جو جيڪو تخيل آهي يا واديءَ سنڌ ۾ تصوف جو جيڪو سلسلو آهي، ان جو بنيادي ڪارڻ ويدانت جو نظريو هو. اڳتي هلي ڪيترن عالمن سندس انهيءَ راءِ سان اختلاف

ڪيو. نہ صرف اهو پر رسالي جي ترتيب ۽ شرح تي پڻ ان وقت جي عالمن چڱي خاصي تيڪا ڪئي ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ سائنس سهمت نہ رهيا. تصوف جي فلسفي تي ڪنهن علمي ۽ فڪري بحث يا موثر تحرير نہ هئڻ سبب "ڪل جديد لذيذ" جي مصداق عام پڙهيل طبقي ۾ اهو رايو پيدا ٿيو تہ تصوف ۽ ويدانت ساڳي ڳالهہ آهي. درسگاهن ۾ انهيءَ ڪتاب جي آڌار تي جڻ هڪ تبليغي سلسلو شروع ٿي ويل هو. فڪري ۽ علمي طور تي مذڪوره نڪتو نہ اڳ صحيح هو ۽ نہ وري هاڻي بہ ان کي صحيح چئي سگهجي ٿو.

١٩٣٨ع ۾ "ايچ ٽي سورلي" لطيف جي فن، فڪر، شاعريءَ تصوف ۽ ان وقت جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حالتن تي انگريزيءَ ۾ "شاهہ لطيف آف ڀٽ" جي نالي سان ڪتاب لکيو. جنهن لاءِ ايئن چئجي تہ لطيف جي سوانح ۽ فڪر تي ان وقت تائين جيڪي بہ ڪتاب شايع ٿيا هئا، انهن ۾ هي ڪتاب سڀني کان نرالو ۽ جديد تحقيقي بنيادن تي لکيو ويو هو. جنهن ۾ نهايت گهڻ پاسائين طور تي مٿين نڪتن تي بحث ڪيل آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ لائق مصنف ڪتاب ۾ لطيف جي دؤر ۽ ان کان اڳ جي پيدا ٿيندڙ حالتن، ڪمپنيءَ جي حڪومت، ڪلهوڙا دؤر جي معاشي ثقافتي ۽ سماجي حالتن تي سير حاصل بحث ڪيو آهي، جيڪو ان وقت جي معروضات ۽ عام ماڻهوءَ جي سوچ، حاڪم ۽ محڪوم جي روين ۽ سنڌ جي عام سماجي زندگيءَ کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. اهو شاعر جيڪو پنهنجي دؤر جو آواز ۽ پنهنجي دؤر جي زبان ۽ حالتن جو ترجمان آهي، ان جي پيغام ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي ۽ شعري ۽ فڪري محرڪ پڙهندڙ آڏو سامهون اچن ٿا. جن کان متاثر ٿي هن عظيم شاعر شاعري ڪئي. هن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ لطيفي فڪر، سوانح ۽ ان وقت جي معروضات کي سمجهڻ ۾ ايچ ٽي سورلي جو هي ڪتاب وڏي اهميت رکي ٿو.

۱۹۵۰ع ۾ ”مولانا دين محمد وفائي“ لطيفي سوانح ۽ احوال تي ”لُطف اللطيف“ جي نالي سان ڪتاب شايع ڪيو، جنهن جي مواد تي پڻ مير سانگيءَ جي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ۽ ميرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ”احوال عبداللطيف“ جو گهڻو رنگ غالب آهي. جيتوڻيڪ مولانا دين محمد وفائي مذڪوره ڪتابن ۾ ڏنل روايتن کان وڌي سندس سوانح جي سلسلي ۾ ٻيون ڪجهه روايتون پيش ڪيون آهن، اهي ڪيتري قدر مصدقه آهن ۽ انهن کي شامل ڪرڻ لاءِ وفائي صاحب ڪهڙا معيار مقرر ڪيا، ان باري ۾ ڪو عالمانه بحث ڪتاب ۾ نه آهي. مجموعي طور تي سندس ڪتاب جديد تحقيق جي اصولن کان خالي آهي ۽ مٿي ڄاڻايل ڪتابن جيان سواءِ ايچ ٽي سورلي جي ڪتاب جي، روايتي سلسلي جو سوانحي ڪتاب آهي. ان کان سواءِ غلام محمد شاهواڻي، آڏواڻي توڙي ڪن ٻين پڻ لطيف جي حياتيءَ جي احوال کي پيش ڪيو آهي پر انهن سڀني جي مواد جا ماخذ اهي ئي ساڳيا رهيا آهن، جن کي گربخشاڻيءَ ڪتب آندو، پاڻ پوين صاحبن وڌيڪ استفادو گربخشاڻيءَ جي مقدمه لطيفي تان ڪيو آهي.

شاهه جي سوانح، فڪر، شاعري ۽ ڪلام جي تحقيق جي سلسلي ۾ سڀ کان وزندار برجستي ۽ مدلل تحرير جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي آهي. ڊاڪٽر صاحب شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح جي سلسلي سان جيڪو اشاعتي پروگرام شروع ڪيو، ان جي پهرئين جلد ۾ پاڻ شاهه جي سوانح، ڪلام جي شرح ۽ ڪلام تي تحقيق جي ضرورت، ان لاءِ مقرر اصول، لطيفي فڪر ۽ ان جي مختلف رخن ۽ اڳين سوانح نگارن جي لکيل ڪتابن کي زير بحث آڻي صحتمندانه ۽ عالمانه طريقي سان لطيف جي حياتيءَ جي احوال ۽ ان وقت جي سماجي حالتن، واقعن، سيروسفر، ماڳن مڪانن ۽ شعري عنصرن تي مؤثر روشني وڌي آهي. هن اڳين سوانح نگارن جي روايتي بيانن ۽ ڳالهين

تي سير حاصل بحث ڪري لطيفي سوانح جي سلسلي ۾ نهايت بهتر مواد پيش ڪيو آهي ۽ انهن ڏندڪٿائن جهڙوڪ: رسالي کي ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلڻ ۽ سندس پڙهيل يا اڻ پڙهيل هئڻ واري مسئلي تي محققانه روشني وڌي آهي. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته ڊاڪٽر صاحب جو اهو مقدمو لطيفي سوانح جي سلسلي ۾ هڪ علمي ۽ تحقيقي تحرير آهي، جنهن جي اشاعت سان ڪيترين مبالغي آميز روايتن جي نفي ٿئي ٿي ۽ لطيفي سوانح جا ڪيترائي نوان گوشا سامهون اچن ٿا. جنهن سان لطيفي فڪر جي ماخذن ۽ سندس فقراءُ سان دلبستگي ۽ سندن روحاني رمز آفريني ۽ فڪر اغماض ۽ تصوف جي فڪر جو هڪ صحيح سلسلو پڙهندڙ آڏو اچي ٿو. جيڪو لطيفي سوانح ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ وڏي هٿي ڏيندڙ آهي.

لطيف جي ڪلام جي فڪري روين جي شرح جي سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين جيڪا تحرير اسان کي نظر اچي ٿي، اهو غلام محمد خانزائي جو ڪتاب "منهاج العاشقين" آهي، جيڪو ١٢٥٢هجريءَ مطابق ٨٥-١٨٨۴ع ۾ لکيو ويو. جنهن ۾ هن صاحب لطيف جي فڪر کي نمايان ڪرڻ ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي واضح ڪرڻ لاءِ رسالي جي سُرن ۾ سمايل راز تي قلم کنيو ۽ هر سُر جي ظاهري توڙي باطني نظريي تحت معنيٰ کي پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. هر سُر جي علامتي ڪردارن کي نئون رنگ ڏنائين ته پنهونءَ مان مراد ڇا آهي، سسئي جي ڪردار جي ڪهڙي حقيقت آهي؟ سهڻيءَ مان مقصد ڇا آهي؟ ڏم جي باطني حقيقت ڪهڙي آهي؟ خانزئي صاحب انهيءَ اصول تحت سسئيءَ مان مراد طالب حق ۽ پنهونءَ مان ذات حق کي ظاهر ڪيو. ڏيرن جي ڏاڏائيءَ کي نفساني ۽ دنيوي خواهشن ۽ تڪليفن جي زمري ۾ آندو، سسئيءَ جي پنهون لاءِ ڳولها کي طالب جي حق جي حاصلات لاءِ جدوجهد قرار ڏنو. اهڙيءَ ريت هن صاحب هر سُر

جي ظاهري يعني مجازي ۽ باطني يعني حقيقي سلسلن کي پيش ڪيو، جنهن ۾ هن هر سُر جي علامتي ۽ اشارتي نڪتن کي تصوف جي راهه ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس اها ڪيل ڪوشش هڪ ڊگهو عرصو لطيف تي لکندڙن لاءِ سونهي جي حيثيت سان ڪم ايندي رهي. انجو اهو اثر رهيو جو شاهه جي ڪلام جي هر بيت کي انهيءَ فارم ۾ ڏٺو تي ويو ۽ عام توڙي خاص حلقن تي ظاهري ۽ حقيقي معنيٰ جو تصور غالب رهيو. انهيءَ انداز نظر جو اهو نتيجو نڪتو جو شاهه جي ڪلام جي ٻين خوبين ۽ محاسن کي ايترو نمايان ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ نه سوچيو ويو، جنهن ڪري صوفيانه فڪر، ڪلچر جي روين ۽ زندگيءَ جي فلسفي جي رخن کي شاهه جي ڪلام مان اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ايترو اُسري نه سگهي.

لطيف جي سوانح ۽ ڪلام جي شرح ۽ انهيءَ قسم جي لکڻين جو اهو اثر ٿيو جو ظاهر ۽ باطن حقيقت ۽ مجاز جي تخيل جي هڪ چڱي خاصي لهر پيدا ٿي جيڪا علمي حلقن کان اڳتي وڌي عام پڙهندڙن ۽ ڪلام سان محبت رکندڙ حلقي تي پڻ اثرانداز ٿي. انهيءَ سبب ڪري عام توڙي خاص ڪچهرين يا لطيفي مجلسن ۾ جڏهن به ڪو بيت تي آيو يا ايندو هو ته پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ هڪدم ان جو تاويل انهن ٻنهي رخن ۾ ٿي ڪيو، جڏهن لطيف جي ڪلام جي ٻئي اشاعتي دؤر جي شروعات ٿي ۽ اُن جي شرح جو سوال پيدا ٿيو ته انهيءَ ۾ به ڪلام جي سهيڙيندڙن، شارحن ۽ شاهه تي لکندڙن جو قلمي طبقو انهيءَ مسئلي جو شڪار رهيو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شرح يا شاهواڻي جي رسالي جي ترتيب ۽ اشاعت يا علامه دائود پوٽه صاحب ۽ آغا تاج محمد ۽ ان وقت جي ٻين صاحبن جون تحريرون يا لطيف جي رسالي جي مختلف سُرن تي ڪتابي صورت ۾ لکيل شرحون انهيءَ مرڪز جي چوڌاري ڦرنديون نظر

اچن ٿيون. لطيف جي ڪلام جي تقابلي مطالعي ۾ رومي ۽ حافظ وغيره کي پيش ڪيو ٿي ويو، جنهن ۾ علامہ دائود پوٽو صاحب، مولانا غلام محمد گرامي صاحب ۽ آغا تاج محمد وڏي ڪري حصو ورتو. انهن بنهي عنصرن جو اثر لطيفي ڪلام جي شرح تعبير ۽ تاويل تي قريباً سٺ جي ڏهاڪي تائين مضبوطي سان رهيو. لطيفي مجلس يا ڪچهريءَ ۾ انهيءَ دائري کان ٻاهر جي گفتگو يا تحرير وارو فرد عتاب ۾ ٿي رهيو. انهيءَ ٻہ رويي جهنجهٽ جي ڪري لطيف جي ڪلام جي فڪري عنصرن تي ڇڻ هڪ ٿلهو پردو پيل رهيو، يا ائين چئجي تہ ڪا ٻنل رلي پيل هجي، جنهن اندر جهاتي پائڻ مشڪل هو. انهيءَ جمود کي سڀ کان پهريائين سائين جي ايم سيد "پيغام لطيف" لکي ٽوڙيو ۽ انهيءَ ٻينل پاٽيءَ ۾ پٿر هنيو ۽ پنهنجي منفرد تحرير ۽ خيالن وسيلي لطيف جي ڪلام تي سوچڻ ۽ لکڻ لاءِ هڪ نئون رُخ پيش ڪيو. محترم جي ايم سيد جي ڪتاب "پيغام لطيف" علمي ادبي حلقن ۾ خصوصاً نئين ٽهيءَ ۾ تجسس جي هڪ نئين لهر پيدا ڪئي. جيتوڻيڪ سندن ڪتاب لطيفي فڪر ۽ تصوف جي مسئلن ۾ ڪيترن ئي اختلافن کي پنهنجي اندر رکندڙ هو، باوجود ان جي سندس نقطئہ نظر، فڪر ۽ تحرير جي پنهنجي جاءِ تي هڪ اهميت هئي ۽ آهي. سندس انهيءَ تحرير لطيفي فڪر جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي نون رُخن کي جنم ڏنو يا ائين ڪٿي چئجي تہ سيد لطيفي فڪر تي غور لاءِ هڪ شاهي دروازو کولي وڌو، جيڪو اتفاق ۽ اختلاف جي باوجود اهميت وارو هو جيڪو سوچ جي عمل کي هڪ قدم اڳتي وڌائي ٿو. رسول بخش پليجي صاحب "انڌا اونڌا ويج" لکي علمي حلقن کي ويتر ميڇرائي وڌو. سندس انهيءَ تحرير سان ڪير اتفاق ڪري يا اختلاف، قطعہ نظر ان جي، هن صاحب رومانوي فلسفي جي بنياد تي لطيف جي ڪلام تي سوچڻ جو هڪ نئون رُخ پيش ڪيو. ادب جو هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌي ادب تي اردو ادب جيان ترقي پسنديءَ جو عنصر غالب هو. جيئن اردو ادب ۾ ممتاز

شيرين پنهنجو تنقيد ڪتاب ”معيار“ لکي هڪ هلچل پيدا ڪئي يا ممتاز حسين ۽ حسن عسڪريءَ جي ڪتابن اردوءَ جي ادبي حلقن ۾ چوبول پيدا ڪري وڌو هو، تيئن رسول بخش پليجي جي اها تحرير سنڌي ادب جي علمي حلقن ۾ بحث جو موضوع رهي. سائين جي ايم سيد صاحب ۽ محترم پليجي صاحب جي ذڪر مان اهو هرگز مقصود نہ آهي تہ ڪو سندن لکيتون لطيفي فڪر جي سلسلي ۾ حرف آخر آهن. انهيءَ اظهار مان اهو واضح ڪرڻ مقصد آهي تہ لطيف جي ڪلام ۾ جيڪا همہ گيريت، رمز آفريني، سخن طرازي ۽ سماجي صداقت جا جيڪي عنصر سمايل هئا، مٿين صاحبن جي انهن تحريرن جي اچڻ تي علمي طبقي انهن کي لطيف جي ڪلام ۾ ڳولڻ شروع ڪيو ۽ لکڻ جو جيڪو هڪ روايتي طريقو هو ۽ ٻہ روپي جهنجهٽ سان هر وقت سلهاڙيو پيو هو، ان ڪان بند خلاصي جي راهہ پيدا ٿيڻ لڳي. انهيءَ گرفت کي ٽوڙڻ ۾ لطيفي ليکڪن مان ڪنهن جو ڪيترو حصو رهيو، اهو ان دؤر ۽ بعد جي تحريرن جي جائزي مان بخوبي معلوم ڪري سگهجي ٿو.

اسان جڏهن شروع واري دور بعد وچئين دؤر ۽ ان ڪان بعد جي هلندڙ دؤر جي لطيفي لکٽين تي نظر وجهون ٿا تہ انهيءَ فڪري مونجهاري مان آجائي لاءِ ڪي نالا سرفهرست نظر اچن ٿا، جن ۾ رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد حسين ”ڪاشف“ (مون کي پنهنجو نالو انهيءَ سٽ ۾ ڳڻائڻ نہ کپي، ليڪن حقيقت پنهنجي جاءِ تي حقيقت هوندي آهي). بي ريائي ۽ علمي طريقي سان لطيفي تحريرن جو جائزو ورتو وڃي تہ فڪر جي بنياد تي نظرئي جي اظهار ۽ لطيفي ڪلام جي سماجي صداقت ۽ سماجي شعور جي سلسلي سان ڪهڙن ليکڪن جي تحرير ۾ مواد موجود آهي. انهيءَ سلسلي کي اڳتي هلي عبدالحميد سنڌي، ڊاڪٽر

شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، انعام شيخ ۽ ٻين ليکڪن انهيءَ رُخ کي اختيار ڪيو ۽ اسانجي نون لکندڙن ۾ همت پيدا ٿي جو هنن لطيف جي ڪلام جي گهڻ پاسائين صورت تي قلم کنيو، جنهن جو سفر جاري آهي.

لطيف جو ڪلام ۽ فڪري رويا تاريخ جي هڪ ڏکي دؤر مان گذريا آهن ۽ گذري رهيا آهن. جيئن جيئن جديد علم ۽ سماجي شعور جي جاڳرتا وڌندي وئي، تيئن تيئن لطيف جي ڪلام جا نوان رُخ ۽ زاويا لکندڙن جي آڏو ايندا ويا. مٿئين پيش ڪيل جائزي مان هيٺيان نتيجا ملن ٿا:

١. لطيف جي ڪلام تي شرح ۽ اظهار جو اهو پهريون دؤر جنهن ۾ ڪلام کي ڪنايہ جي روشنيءَ ۾ ظاهر ۽ باطن/حقيقت ۽ مجاز جو تصور مليو ٿو. جنهن ۾ سندس هر بيت انهيءَ زمري ۾ آندو ٿي ويو. انهيءَ پرچار ۾ اڳين عالمن وارو دؤر پيش پيش نظر اچي ٿو. جنهن جو بنياد غلام محمد خانزائي وڌو. اڳتي هلي ڊاڪٽر گربخشاڻي، علام دائود پوٽو، محمد بخش واصف، محمد صديق مسافر، محمد صديق ميمڻ، غلام محمد شاهواڻي، شيخ عبدالرزاق "راز"، مير محمد ٻيو، آغا تاج محمد، پروفيسر اڪرم انصاري ۽ انهيءَ قبيلي جي ٻين ليکڪن پنهنجي تقريري توڙي تحريري مواد جي سلسلن ۾ لطيفي فڪر کي مٿينءَ صورت سان پيش ڪيو.

٢. ٻيو دؤر جنهن جي شروعات سائين جي ايم سيد ۽ محترم رسول بخش پليجي ڪئي ان ۾ گرامي صاحب ۽ انهيءَ حلقي جا ٻيا قلم ڌڻي نظر اچن ٿا. انهيءَ دؤر ۾ ترقي پسنديءَ جي فلسفي جي غالب اثر هيٺ محفلن ۾ تقرير توڙي تحرير ۾ اها بہ ڪوشش ڪئي ٿي ويئي تہ لطيف جي ڪلام ۾ طبقاتي ڪشمڪش جو جيڪو عنصر غالب آهي اهو ظاهر ڪجي. ڪن وري ڪلام ۾ مارڪسزم جي فلسفي جي تلاش

ڪئي ۽ تاريخ جي تجزياتي ڪتابڙن ۾ انهيءَ فڪر ڪي اوتڻ شروع ڪيو ۽ روحانيت ڪي عقل جي ڪرشمہ سازي قرار ڏنو. ون يونٽ واري دؤر، جنهن ڪي خالص سنڌي قوميت جي پرچار ۽ احياء وارو دؤر چئجي ان ۾ بہ پنهنجي مخصوص رويي ڪي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. نئين ٿهي ۽ ان جي ادارت ۾ نڪرندڙ ڪن رسالن ۽ هئنڊ بلن ذريعي نج سنڌي قومي رويي جي وڌي آبياري ٿي. رياستي ڏاڍ سنڌي ماڻهوءَ جي عزم ڪي وڌيڪ پختو ڪيو. انهيءَ سلسلي جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي پڙهيل طبقي ۾ قومي شعور وڌيڪ سگهارو ٿيو. سنڌي ڪلچر جي روين جي ادبي پيشڪش ۽ مجلسي اظهار جي عملي صورت عام توڙي خاص صورت ۾ تهذيبي رشتي سان ڳانڍاپي واري رجحان ڪي وڌو موڙ ۽ تقويت ڏني. لطيف، لطيف جي شاعري ۽ سندس فڪر ڪي لازم ملزوم تصور ڪيو ويو ۽ هن مهان شاعر ڪي سنڌي قوم جي وجود ان جي ٻولي ۽ تهذيب جو نہ صرف پيامبر پر رکوالو سمجهيو ويو. اڄ اهو خيال عام آهي تہ لطيف سنڌ آهي ۽ سنڌ لطيف آهي.

سائين جي ايم سيد تصوف جي سلسلي ۾ جيڪي خيال پيش ڪيا، ان جي اختلافي اظهار سبب سندس نظريو هڪ مخصوص حلقي کان ٻاهر نڪري مجموعي طور تي سنڌي ادب ۾ تصوف جي فلاسافي تي غالب پئجي نہ سگهيو. سائين جي ايم سيد جي نظريي جي بنياد تي سندس نياڻي مرحوم ڊاڪٽر دُرشهوار سيد ڊاڪٽريٽ ڪئي. محترم پنهنجي والد جي خيالن جي پنيرائيءَ سان گڏوگڏ صوفي فڪر جي بين الاقوامي ويچارن ڪي ڪتاب ۾ پيش ڪري، پنهنجي انفراديت قائم ڪئي. هتي هن امر جو اظهار ڪرڻ بي محل نہ ٿيندو تہ محترم پليجي صاحب جنهن وقت پنهنجو ڪتاب ”انڌا اونڌا ويڄ“ پيش ڪيو، ان دؤر ڪي سندس فڪر جو وچيون دؤر چئجي تہ بجا آهي، پر هلندڙ دؤر جي لطيفي گڏجاڻين ۾ لطيف ڪي تقابلي مطالعي سان هن جنهن انداز ۾ پيش

ڪيو آهي اهو نهايت ئي وزندار آهي. سندس نظر ۾ لطيف بين الاقوامي صوفي فڪر ۾ نهايت مٿاهون مقام رکي ٿو. ”فارسي شاعر جن وٽ تصوف جو نظريو نهايت مضبوطيءَ سان آهي، انهن کان لطيف فڪري طور تي نهايت اڳتي آهي.“ گرامي مرحوم جي انهيءَ راءِ سان محترم رسول بخش پليجو سهمت نظر اچي ٿو. انهن فڪري روين سبب پليجو صاحب لطيف تي لکندڙن يا ڳالهائيندڙ فردن جي نئين زمري ۾ اچي ٿو، جن وٽ ”لطيف“ سماجي شعور، سماجي انقلاب، سماجي صداقت جو هڪ وڏو علمبردار ۽ اهڃاڻ آهي.

٣. لطيف جي ليکڪن جي انهن پنهي طبقن ڪانسواءِ اسان کي هڪ ٽيون طبقو پڻ نظر اچي ٿو، جهن ۾ رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالحميد سنڌي، محمد حسين ”ڪاشف“، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر ذهر، شيخ محمد سومار، محمد عمر معمور يوسفاڻي ۽ ان قبيل جا ٻيا ليکڪ نظر اچن ٿا، جن جي تحريرن جي جائزي مان اهو بخوبي معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ طبقي لطيف کي روايتي انداز کان هٽي ڪري، سندس ڪلام جي فڪري محرڪات، فڪري روين، ٻولي ۽ تاريخي روين وغيره کي پيش ڪيو آهي، يا ائين چئجي ته لطيف کي ٻه رويي جهنجهٽ مان ڪڍڻ ۽ ڪلام جي ظاهري ۽ معنوي حقايق کي اجاگر ڪرڻ ۽ تصوف جي سلسلي کي تاريخي تسلسل سان پيش ڪرڻ ۾ وڏي همت کان ڪم ورتو آهي. انهيءَ تحريري مواد ۾ اسان کي جيڪا ڳالهه سڀ کان اتم نظر اچي ٿي سا اها ته هنن اهو واضح ڪيو ته ”لطيف زندگيءَ جو شاعر آهي، ان ڪري زندگيءَ جي مختلف رُخن، انساني جذبات ۽ روين جي وٽس وڏي پاسداري آهي. وٽس سنڌي ڪلچر ۽ تاريخ جا رويا نهايت مضبوطيءَ سان موجود آهن، جتي سندن ڪلام ۾ ملاحت، شگفتگي، سلاست ۽ رواني موجود آهي، اتي احساس جي باليدگي ۽ روحاني سرور جي ڪيفيت سان سندس

ڪلام پُر آهي. لطيف ياڳ تي ياڙي وهڻ بدران تلاش يار جو قائل آهي، انهيءَ پس منظر ۾ سندس هر بيت صوفياڻن روين وارو نہ آهي، پر زندگيءَ جي هر رويي ۽ انساني نفسيات جي هر پهلوءَ جي ترجماني ڪندڙ آهي. هن وٽ تصوف جي باريڪ بينين ۽ ان جي حال ۽ احوال، عرفان ۽ معارف جا جتي عنصر آهن، اتي ڪلام ۾ جماليات ۽ رومانيت جا قدر پڻ موجود آهن. هو جتي ذات احديت جي جلال ۽ جمال جو اظهار ڪري ٿو، اتي هو انساني حُسن ۽ ان جي عشوه طرازين ۽ غمره و ناز کي پڻ بيان ڪري ٿو." هن ڪلاس جي تحريري توڙي تقريري احوال تي لطيفي محفل هلندي بہ گرفت ٿي ۽ ڪن صاحبن پنهنجي طرفان اهڙو اظهار پڻ ڪيو تہ هي صحيح نہ آهي. معنيٰ تہ پهرئين ڪلاس لطيفي اظهار سان جيڪو سڪو ڄمايو هو، اهو ٿتي رهيو هو. لطيف جي ڪلام جي شرح يا ان جي ڪنايہ ۽ اشاريت جي جيڪا مطلب آوري هئي ان کي ٽئين ڪلاس مٿئين فارم ۾ مدلل ۽ مؤثر انداز سان پيش ڪيو. جيڪو فڪري طور تي اثر پذيريءَ وارو هو. ان لاءِ ٽئين ڪلاس وارن ليکڪن جي ڪتابي مواد ۽ لطيفي سيمينارن طرفان شايع ٿيل ڪتابي مواد مان انجو بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو. ازانسواءِ انهيءَ ڪلاس مان معمور يوسفاڻي ۽ شيخ محمد سومار لطيف جي رسالي جي صرفي ۽ نحوي بناوتن، لفظي ترڪيبن، لفظن جي ذاتن ۽ انهن جي اصليت ۽ معنيٰ ۽ لطيف جي دؤر جي تاريخي تاڻن تڪاڻن بابت يا جن تاريخي ماڳن کي لطيف بيان ڪيو آهي، انهن جي اصليت ۽ تاريخي پس منظر ۽ سندس سيروسفر واري سلسلي سان لاڙ ۽ ٿر جي تاڻن تڪاڻن کي ڪلام جي روشنيءَ ۾ جنهن انداز سان پيش ڪيو، اهو پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو ۽ لطيف جي سوانح کي سمجهڻ ۾ هٿي ڏيندڙ آهي.

اسان جي نقادن ۽ پارکن لاءِ اهو ضروري آهي تہ لطيف تي شايع ٿيل مواد جو غائر نظر سان اڀياس ڪيو وڃي ۽ انهن نڪتن کي نروار ڪيو وڃي تہ "لطيفي فڪر جي اظهاري تسلسل جي ڏاري ۾ ڪنهن

کھڙي نئين ڳالھہ ڪئي آھي ۽ ان جي انھيءَ نڪتي جي ڪيتري اثر پذيري ٿي آھي." لطيفي فڪر جي اظھار جي سلسلي سان علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مولانا گرامي اھڙا اسم آھن، جن جو مقام لطيف تي اظھار خيال جي سلسلي ۾ نھايت ئي منفرد ۽ مٿاھون آھن. سندس حيثيت ھڪ استاد ۽ عالم جي، ھڪ فلسفي ۽ دانشور جي آھي، پنھنجي تحرير توڙي تقرير ۾ ھنن صاحبن جو ڪجھہ بيان ڪيو آھي، اھو اختلاف راءِ جي باوجود بہ وڏي پد ۽ ماڻ وارو آھي. اھو فڪر ۽ سوچ جي دعوت ڏيندڙ آھي، رھبري ۽ رھنمائي ڪندڙ آھي ۽ لطيفي فڪر جي سلسلي ۾ ان جو پنھنجو مقام آھي.

لطيفي ڪلام جي شرح جي سلسلي ۾ صرف ٻہ اسم نظر اچن ٿا. پھريون ڊاڪٽر گربخشاڻي جو جنھن ١٩٢٣ع ڌاري لطيف جي ڪلام جي شرح جو ڪم سرانجام ڏنو. جيڪو پنھنجي تڪميل کي پھچي نہ سگھيو. شرح سان صرف ٽي جلد شايع ٿيا ۽ چوٿون شايع نہ ٿي سگھيو ۽ ٻيو نالو جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو آھي، جن رسالي جي شرح جي ڪم کي تڪميل تي پھچايو آھي. ٻنھي عالمن جي شرح پنھنجي جاءِ تي اھميت واري آھي. ڊاڪٽر گربخشاڻي شرح جي سلسلي سان ڪافي تفصيل ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. ليڪن باوجود ان جي ھو لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي انھيءَ انداز سان بيان ڪرڻ ۾ قاصر رھيو آھي، جيڪا ھن جي تقاضا ۽ معيار آھي. ليڪن انھيءَ ڏس ۾ شروعاتي قدم ھوندي سندن ڪيل ڪوشش مان لھڻي، چو تہ سرڳواسي گربخشاڻي بيئل پاڻيءَ ۾ پٿر ھڻي لھريون پيدا ڪري، شرح واري ڪم لاءِ ھڪ راھ پيدا ڪئي. ان لاءِ ھو صاحب جس جو ڀاڳي آھي ۽ سندس ڪيل پورھيو نہ وسارڻ جھڙو آھي.

انھيءَ سلسلي ۾ ٻيو قدم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو آھي. ھن وٽ رسالي جي ڪلام جي تصحيح ۽ ترتيب ۽ شرح جو

پنهنجو انداز آهي. ڪلام جي تصحيح ۽ ترتيب ۾ سڀ کان وڏي خوبي بيتن جي پيتا جي آهي، جنهن کي ڊاڪٽر صاحب سرانجام ڏيئي، لطيف جي ڪلام ۽ ڏارئين ڪلام کي الڳ ڪيو آهي. ان لاءِ فاضل محقق کي ڪيتري محنت ڪرڻي پيئي ۽ هن ڪهڙا ذريعا ۽ طريقا استعمال ڪيا انجو ذڪر پاڻ شرح واري پهرئين جلد ۾ تفصيل سان ڪيو اٿس. اهو ڪم وڏي ڳڻ وارو هو. جنهن کي پاڻ سرانجام ڏنائون. شرح جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جيتوڻيڪ ايترو اونهائي ۾ نه ويو آهي ۽ نه وري تصوف جي فڪري مسئلن کي ايترو ڇيڙيو آهي، ليڪن باوجود ان جي، نڪته نوازي جي حوالي سان فاضل محقق پڙهندڙن لاءِ چڱو خاصو مواد ڏنو آهي، جهن جي اهميت کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي، جنهن مان هر صاحب ذوق پنهنجي عقلي مايه مطابق استفادو ڪري معنيٰ جا موتي هٿ ڪري سگهي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو رسالي جي شرح وارو ڪم سرڳواسي گربخشاڻي جي ڪيل ڪم کان گهڻو اڳتي آهي. جيتوڻيڪ شرح جي سلسلي ۾ لطيفي ڪلام اسان کان گهڻو ڪجهه گهر ٿو اُن جي باوجود فڪري ۽ معنوي طور تي بلوچ صاحب جي ڪيل شرح هڪ بنيادي ۽ بهتر قدم آهي.

لطيف جي صوفيانه توڙي عاشقانه شاعري قدما ۽ صوفياء ڪرام جي شاعري کان نه صرف مختلف آهي، پر هن جو پنهنجو هڪ مخصوص رنگ ۽ انداز آهي. سنائي، عطار، رومي، حافظ شيرازي جنهن نهج تي پنهنجي فڪر جو اظهار ڪيو آهي، لطيف ان کان هٽي ڪري پنهنجي عارفانه ۽ صوفيانه مقصد کي بيان ڪري ٿو. لطيف وٽ جتي توڪل، تسليم و رضا، فقر ۽ استغنا جا قدر موجود آهن، اتي سندس شاعري ۾ محبوب جي حُسن ۽ عشق جي روين ڪانسواءِ حصول محبوب لاءِ تلاش ۽ جهد جو جيڪو اظهار آهي، اُن ۾ ڪيف و جذب ۽ خودسپردگي سمايل آهي ۽ اهو محسوس ٿو ٿئي ته لطيف انهن ڪيفيتن ۽ تصوف جي انهن منزلن ۽ مقامن کي ڇهي ٿو، جنهن جو تصور ۾ اچڻ

انساني فڪر لاءِ مشڪل تہ نہ، پر محال ضرور آهي. لطيف نينهن جي شينهن کي ڇڙواڳ نٿو ڇڏي، پر ان تي سوار ٿي سرمدي سرور حاصل ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري. لطيف عام صوفين وانگيان پاڻ کي انفراديت تائين محدود نہ رکيو آهي، سندس پيغام ۾ اجتماعي طور انسان جي روحاني ۽ فڪري اصلاح جا اڻ ميا قدر موجود آهن.

لطيف جي ڪلام تي فڪري ۽ معنوي نقطئہ نظر کان يا تقابلي مطالعي ۽ ڪلام جي ڀرپور شرح ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ ايترو خاطرخواه ڪم نہ ٿيو آهي، جيترو هن عظيم شاعر جو اسان تي حق آهي. اسان جڏهن مولانا روم، اقبال يا ٻين شاعرن تي ٿيل علمي ۽ فڪري ڪم کي ڏسون ٿا تہ انهيءَ جي مقابلي ۾ اسان لطيف لاءِ اوترو ڪجهہ نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان کي لطيف جي ڪلام جي نسخن جي ترتيب يا انهيءَ باري ۾ مسئلن تي توجہ ڏيڻ جي بجاءِ لطيف تي انهيءَ زاويہ سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جنهن جي بين الاقوامي فورم تي تقاضا آهي، جيڪا وقت جي وڏي ضرورت آهي. لطيف جي ڪلام ۾ سمايل فڪري روين تي جڏهن غور ڪجي ٿو تہ هن عظيم شاعر وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي، جنهن جو تعلق زندگي، رموز زندگي ۽ اُن جي معنوي حقيقت سان آهي. لطيف تصوف جي فڪر جو هڪ اونهون سمونڊ آهي، وٽس ڪلچر جي روين انساني حُسن ۽ ٻوليءَ جو اهو مقام ۽ اها منزل آهي، جنهن جو ڪو سَنڌو ڪونہ آهي. لطيف مولانا روميءَ جيان الاهيات ۽ حصول ذات جي سلسلي ۾ انهن جملي ڪيفيتن، درجن ۽ وهبي مقامن کي بيان ڪيو آهي، جتي حيرت جو مقام آهي جنهن جو پرتوو سندس لفظن ۾ چٽو نظر اچي ٿو:

**لوچيان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد،**

**يا**

**پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جيئَن جهالا ڏي.**

پوپٽي هيراننداڻي

# شاهہ جو رسالو ۽ عورت

فنڪار/ڪلاڪار- پوءِ هو چاهي سنگيتڪار هجي يا چترڪار، سنگتراش هجي يا ساهتڪار - عورت جو تن ۽ من چٽڻ ۾ پنهنجو شان سمجهندو آهي. سنگيتڪار ڪي پڌندڙ، چتر ڪي پسندڙ ۽ ساهتيہ/ادب ڪي پڙهندڙ پڻ انهن مان اهڙي ئي قسم جي اُميد رکندو آهي.

عظيم فنڪار بہ اهو ئي مجيو ويندو آهي، جنهنجي ڪردار جي تن مان هن جو من جهلڪندو هجي ۽ من مان سندس تن جو اُجالو پکڙجندو هجي. عورت جو من بہ مرڪبي (Complex) آهي تہ تن پڻ وروڪڙن وارو، مرد جيئان اها تن من ۾ سڌي سنواتي ناهي، پر فنڪار جي عظمت ۽ بلندي اهڙي ٽڙڪندڙ ۽ ترڪندڙ تن من واريءَ ڪي پنهنجي رنگن، لفظن يا سُرن جي ساهيتا سان سهڻو ۽ گهڻ رنگو ڪري سگهندا آهن.

سنسار جي بلند پائي وارن شاعرن شاهہ عبداللطيف ۽ شيڪسپيئر پنهي پنهنجي تصنيفن ۾ سُورمن (نائڪن) ڪان وڌيڪ سورمين (نائڪائن) ڪي اپاريو آهي. ائين ڪندي شيڪسپيئر پنهنجي سورمن ڪي ڪجهہ قدر ڪمزور ۽ جهڪو ڪري ڇڏيو آهي، مگر شاهہ سورمن توڙي سورمين پنهي ڪي شاندر شخصيت بخشي آهي. ظاهر آهي تہ شاهہ جي شعر ۾ ٻئي سڌ ۽ پڙاڏي جيئان آهن. پنهنجين سورمين ڪي تن ۽ من جي خصوصيتن سان سينگاريندي شاهہ سندن وهنوار ۽ گفتار مان جن بہ سورمن جو ديدار ڪرايو آهي، سي شاه جا سورما صابر ۽ سياڻا، ڏاتار ۽ ديا وارا، غيرتمند ۽ آن بان وارا، محبتي ۽ فلڪ ۽ شان سان پيار ڪرڻ وارا، بي ڊپا ۽ بهادر، سمجهو ۽ ذهين آهن.

عشق جي ڳالهہ تہ پري آهي مگر هوئڻ بہ زال جي بيان ۾ مرد

جو ذڪر سمايل ئي رهي ٿو، ائين جيئن Woman لفظ ۾ Man يا Female لفظ ۾ Male سمايل رهي. سنسڪرت شبد/لفظ ”جايا“ جو پڻ ظاهري مطلب آهي ”اها جا جنم ڏئي“ پر باطن ريت ان لفظ جو Connotation آهي ”أها جا پتيءَ کي (پٽ جي روپ ۾) ڄڻي“ پٽ پيءُ جي شخصيت ۽ وجود جو حصو آهي، ان ڪري ئي پتنيءَ/زال کي سنسڪرت ۾ ”جايا“ سڏيو ويجي ٿو.

شاهہ جي شعر ۾ عورت جو بيان ڏاڍي پيار ۽ دلار سان ڪيل آهي. شاعر پنهنجين سورمين کي بيحد گهڻو ٿو چاهي، انهيءَ ڪري جو ٽپ ٽپ تي ڪين سمجهاڻيون ڏئي ٿو، قدم قدم تي ڪين ڏڍ، ۽ دلاسا ڏئي ٿو ۽ همت ٻڌائي ڪين اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ۽ چُڪ ڪرڻ تي ڪين ڇينڀي ٿو. شاهہ سيني سورمين کان گهڻو سهڻيءَ کي ٿو گهري، ڇاڪاڻ تہ هوءَ سڪ جي سامهون دنيا کي تڇ ڪري ٿي سمجهي، محبت جي دنيا ۾ هوءَ بلڪل بيڌپي ۽ بهادر آهي. شاهہ هن لاءِ چوي ٿو:

**تو ڏي توڙ ائين، نيهن نوازي سهڻي،**

يعني سهڻي اصل کان نينهن کان نوازيل آهي.

**سانوڻ گهڙي سيڪا، هيءَ سرهي سياري.**

يعني سانوڻ رت ۾ تہ هر ڪا ٿي واهہ ۾ گهڙي، پر سهڻي سياري جي پاري جهڙي پاڻيءَ ۾ گهڙي آهي تہ بہ پيئي بهار بهار ٿئي! سهڻي تهہ سياري جي رات ۾ مينهن وسندي درياهہ ۾ گهڙي آهي.

**سياري سهہ رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،**

ان ڪري شاهہ هن لاءِ چوي ٿو:

**سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيون مهراڻ.**

ٻين کي سمنڊ ٻوڙي ڇڏيندو آهي، پر سهڻيءَ سمنڊ کي ئي

ڀوڙي ڇڏيو!

سُر سهڻيءَ ۾ شاهه تپ تپ تي سهڻيءَ سان ٿو ڳالهائي.

**گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسرو م لاهيج،**
**گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاٽان هو حجاب.**

شاعر جي ٻي دل گهري سورمي مارئي آهي. شاهه کي پنهنجي سنڌ بيحد پياري آهي. ان ڪري مارئيءَ کي وطني حُب جو مجسم بڻايو اٿس. هو مارئيءَ کي ڏيڏ ڏيندي چوي ٿو:

**ستي! تهجي ست ۾، ڳال گهرجي ڳچ،**
**وڏيو، چيريو، چچرئو، پر ۾ اُپي پچ،**
**ساڻ امانت اَچ تہ تئين سماني ساٽيهہ ۾.**

**م ڪي روءِ م رڙ ڪي، هنجون هڏ م هار،**
**تو تان بند بدا تيو، پيڙيون نيئي پار،**
**پهچنديني پنهوار، سگهي سنگهارن کي.**

**م ڪي روءِ م رڙ ڪي، م ڪي ڪر دانهون،**
**ستي لوڪ لطيف چي، پيئي ڪٽج پانهون،**
**لڏيئہ جت لائون، سو ڏيهہ پسنديني مارئي.**

مارئيءَ سان ايتري همدردي اٿس جو چوي ٿو:

**جي هت هئي مارئي، تہ لڏيم ڪر ڪيٽاس،**
**اردا سيم عمر کي، ويجهو تي وتانس،**
**جي نہ ڇڏيائين، ڪِ جهليائين تہ پنهنجو انگ آڇيائس،**
**لاهي لوهہ لطيف چوي، هتان هند هلانس،**

**مونکي مليو ساميهين، وٺي پانهن ويچانس،**
**رهبر ٿي ريڙهيانس، سنهاري ساٿيهه ڏي.**

شاهه مارئيءَ بدران پاڻ قيد ٿيڻ لاءِ تيار آهي! هوُ ڪيس هٿ ڪان جهلي سندس ساٿيهه ڏانهن پهچائڻ تو گهري! مارئي بند ۾ آهي ته هو سندس سار لهڻ تو گهري!

مٿئين بيت ۾ ”سونهاري ساٿيهه“ لفظن مان شاهه جي وطني حب ٽپڪي ٿي پوي!

شاعر سسئيءَ سان به رهاڻيون ڪيون آهن ۽ ڪيس ڳولها ڪرڻ سيکاري آهي:

**هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار.**
**ٻرياڻي ته ٻار، ڦوڪ ته لڳي آنبڙين.**

اي سسئي! واڪو ڪر، وس هلاءِ. پنيور ۾ ترسي نه ويهه! اي منڌ! ڇانو ۾ نه ويهه! اُس ۾ اٿي هل! ٿڌيءَ ٿڌيءَ ڪاهه! ڪشالا ڪڍي ويراني ۾ ڪاهي پئُه! اي ڪوهياري! پٿرن کي رتيون رتيون ڪر! پهاڙ کي رت سان رڱي لعل ڪري ڇڏ.

شاهه پنهنجين سورمين کي نه رڳو پيار ڪيو آهي، پر هو هڪ هڪ سورميءَ سان ملي هڪ ٿي ويو آهي. ائين هو جڻ پاڻ کي پيو سمجهائي ۽ سينگاري.

پنهنجي وطني حب ظاهر ڪرڻ لاءِ هن مارئيءَ کي سرجيو آهي، پنهنجي راڳ جي شوق ظاهر ڪرڻ لاءِ هن ”سُر سورٺ“ رچيو آهي، پنهنجي محبوب سان وڇوڙو ظاهر ڪرڻ لاءِ هو وڻجاري بڻيو آهي، پنهنجي دلبر جو انتظار ڪرڻ لاءِ هو ”مومل“ ٿيو آهي، پنهنجي سرتاج اڳيان نئڙت واري ”نوري“ ۽ پنهنجي سهاڳ اڳيان هو ليلائيندڙ ”ليلا“ آهي. هنجي سوز ۽ سڪ جو انتها روپ سسئي آهي.

**ڏکـي تـي ڏڌور، لـهـسـي لـنـؤ پـنـهـونءَ جـي،**
**ڏيـئـي آڳ انـدر، سـپ نـہ سـاڙي سـسـئـي!**

سسئي، جنهن کي پنهونءَ سڄو ساڙي رک نہ ڪيو آهي پر اڌ ڪاميو ڪري تڙڦڻ ۽ ڦٿڪڻ لاءِ ڇڏي ڏنو آهي.

**ڏکـيءَ سـنـديـون ڏونـگـريـن، وڻ ٽـڻ وايـون ڪـن،**
**وٽـان ويـهـي جـن، وڍيءَ سـي واڍوڙيـا.**

ڏونگر ۽ وڻ ٽڻ بہ هن ڏکيءَ جون پچارون پيا ڪن. عشق جي وڍيل هيءَ نار جنهن وڻ هينان تي وهي، اهو سندس سوز ڪري وڍجي تو وڃي.

**وڍيءَ سـي واڍوڙيـا، رت نـہ ڏنـو جـن.**

اهي بي جان چيزون جن ۾ رت نہ آهي سي بہ سندس ورهہ جو سوز ڏسي وڍجي ٿيون پون.

ان طرح شاهہ پنهنجي جيءَ جو عڪس پسائڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ دل جي ڌڙڪڻ ٻڌائڻ لاءِ "زال" ئي ڪنئي آهي ۽ نہ "مرد".

ان جو بنيادي سبب هيءُ آهي تہ سنسار جي سيني ساهہ وارن ۾ انسان اشرف المخلوقات ٻڌجي دل ۽ دماغ جو مالڪ ٻڌيل آهي. اها مالڪي ورهايل نموني ۾ عورت ۽ مرد کي عطا ٿيل آهي. مرد دماغ تي هلندڙ جيو آهي ۽ عورت دل ۽ هنين تي. ٻنهي کي دماغ ۽ دل مليل آهي، پر هڪ ۾ دماغ زوراور آهي ۽ ٻيءَ ۾ دل! شاهہ دل جي دنيا جو سَيَر ڪرايو آهي. انڪري ئي هن "زال" جي اندرين دنيا جا تفصيل ڏنا آهن.

## جدا جدا سُرن ۾ عورت جي جيون جا جدا جدا پهلو

شاهہ جي رسالي ۾ عورت جو مڪمل روپ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو، پر ائين جيئن جدا جدا ڏينهن تي چنڊ جي هڪ هڪ ڪلا ان ۾ شامل

ٿيندي پيئي وجي ۽ سڀني ڪلائن جي ملڻ سان چندرما ٻڻجي ويو هجي. تيئن سڀني سرن ۾ عورت جي جسم ۽ جان جا جيڪي جدا جدا قسم چٽيل آهن، انهن کي پاڻ ۾ ملائجي ته عورت جو عالمگير روپ چٽجي ويندو.

رسالي ۾ راڻيون، شهزاديون، پانهيون، ماڇياڻيون، ڌوٻياڻيون، ڪنيارڻيون، مطلب ته هر طبقي جون زالون آهن. زال جي گهر ڌياڻي هئڻ جا جدا جدا روپ به رسالي ۾ آهن. اَسر جو اُٿندڙ، کوهه تان پاڻي ڀريندڙ، ڏهي ولوڙيندڙ، چيلا ۽ ٻڪريون چاريندڙ، پنار جي پير ۾ ويهي گهيتين جي اُن لاهيندڙ، مڇيون وڪڻندڙ، ڪڪيءَ هاٿيون ڪاريون ۽ ڇيڇيءَ هاٿا چڇ ڪٽندڙ، پاڻيءَ ۾ لڏڙن جيئان تڙڳندڙ، پنار جو انتظار ڪندي اڪا وجهندڙ ۽ باسون باسيندڙ، ڏيئا موهيندڙ ۽ دان ڪندڙ ۽ گيهه جا ڏيئا ٻاري ڏياري ڪندڙ، چُڪ ڪري پنهنجي گهوٽ کان بخشائيندڙ، چرخو هلائي سٽ ڪتيندڙ وغيره. وهانءَ کان ٻاهر رهي محبت ڪندڙ جي روپ ۾ سهڻيءَ جيئان دلبر ڏانهن ڊوڙندڙ عورت به شاهه وٽ آهي ته هار سينگار ڪري مومل جيئان راجائن کي ريجهائيندڙ زال پڻ، سندس شعر ۾ آهي:

**مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس،**
**نه ڪا عام نه خاص، جي ويا سي وڍيا.**

**مومل ماري مير، آهيڙين کي آڪري،**
**سوديءَ گهٽا سڪائيا، پڙهيا پٽت پير،**
**هٽي تن کي تير، مٽيو جن متن ۾.**

هڪ سسئي جو ڪردار ڏسو ته شاهه هڪ ئي نظر ۾ گهايل ٿيندڙ نار، وشواس ڪندڙ ۽ دوکو کائيندڙ زال، قريل ۽ ڪيهون ڪندڙ عورت، همت ڪري اڪيلي ئي ڳولها ۾ ويندڙ وينگس، وٽن ۾ واڪا

ڪندڙ وني، جبلن جا لاهہ چاڙهہ لنگهندڙ لڏڻ، فراق جي قتيل ڇيهون ڇيهون ٿيندڙ زائفان، ڏونگرن سان رهاٽيون ڪندڙ بيوس زال ۽ ڏيرن کي ڏوراپو ڏيندڙ ڏکيءَ کي ڪٽي ائين وچوڙي وچان واڍوڙيل زال جي وهنوار جا انيڪ روپ ڏيکاريا آهن.

سسئيءَ کي وڇوڙي ۾ ڳولها جو مجسم بڻائيندي، هن جي سڪ ۽ ڇڪ جا پهلو پسائيندي، شاهہ سسئيءَ جا سُر سسئي آبري، سُر حسيني، سُر ڪوهياري، سُر معذوري ۽ سُر ديسيءَ نالي پنج سُر رچي ورتا آهن.

شاهہ زالن جي زنانن گڻن اوگڻن، وهنوارن، اُڌمن ۽ اڌڪن کي اِن ريت پيش ڪيو آهي، جو عورت جي سرير ۽ دل جي سِيني تهن جو عڪس سندس شعر ۾ چٽو پيو ڏسجي. زال جنهن کي پيار ڪري ٿي اُن کي ئي سِيني کان سهڻو ڪري ئي سمجهي.

**جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهہ ملار،**

**ماڻڪ مٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو.**

اُنهن کي پنهنجو ميرو ۽ ڪنيرو محبوب ئي ڪپي، ٻئي ڏانهن هو اک کڻي نہ ٿيون نهارين. اتفاق سان جي سندس دلبر ڪانئس جدا ٿي ٿو وڃي، تہ هوءَ پاڻ کي يا پهنجي قسمت کي ئي ٿي ڏوهہ ڏئي! هتان جي زال جي اهائي پر آهي، سينا بہ ائين ئي ڪيو تہ شاهہ جي سسئي بہ ائين ئي ڪندي.

**اي ڪم ڪميڻين جَنِ سمهن پير ڊگها ڪري.**

**ستيئن سنجهيئي! منهن ويڙهي مُئن جَنِ.**

سسئي پاڻ کي ڏوهہ ڏيندي چوي ٿي تہ زال کي سويل ئي پير ڊگها ڪري سمهڻ ڪو سونهين؟ اهو ڪميڻين وارو ڪم ڪيئہ تڏهن تہ پنهون جدا ٿيئہ؟

شاھہ کي اھا پتني پسند آھي جنھن ۾ "نئڙت ھجي. شاھہ جي ان پسنديءَ جو روپ آھي "نوري"، جا ور ور ڪري پيئي آکي:

**تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيب اَپار.**

**تون تماچي تڙ ڌڻي، آءٌ مهاڻي مي.**

**تون تماچي تڙ ڌڻي، آءٌ گندري غريب.**

شاھہ جون پيون سورميون بہ پنھنجي پنھنجي محبوب اڳيان نماڻيون ناريون آھن.

**ھئي نہ ھئي تہ بہ ٻانھي ٻاروچن جي.**

**جيھي جي تيھي تہ بہ ٻانھي ٻاروچن جي.**

**تو ور وھون ڪيتريون مون ور تون ئي تون.**

شاھہ حاڪماڻين کي وچوڙي ۾ تڙقندو ڏيکاريو آھي تہ غريب گھر وارين کي پڻ. مومل پنھنجي مٿيءَ پريل ھنڌ ۽ وھاڻن جو ورنن تي ڪري، تہ نماڻي نار برسات ۾ وھندڙ پنھنجيءَ جھوپڙيءَ جي ڇت جو! مومل تي چوي:

**ڪاڪ ڪڙھي، وڻ ويا، ٻريا رنگ رتول،**

**تو پڇاڻان سپرين! ھينئڙي اَچن ھول.**

**رئان تي راڻا! ھنڌ نھاريو ھجرا،**

**پيئي کھہ ڪتن تي، ٿيا پلنگ پراڻا،**

**ڍريائي ڍوڙا ٿيا، ور ريءَ وھاڻا،**

**جايون گل جبات، وڻ توريءَ ڪوماڻا.**

۽ وري تي چوي تہ:

**ڪٺڪن ڪانڌ ڇت ڪيو، جھڙ پسيو جھجن،**

ور ريءَ وانديون آڏيا، پڪا سي مَ پسن،
اتر ڏاهي اُن جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اچي شال اولو ڪري.

ڪٺڪن ڪانڊ چت ڪيو، جهڙ پسيو جهٽڪن،
سٽيو رڙ رعد جي، ڪليون ٿيون ڪنبن،
ڪليون ڪين ڪچن، ويچايون وري ري.

**مرڪزي موضوع:**

شاهہ جي شعر جي مرڪزي موضوع آهي ”عشق“ شاهہ صوفي شاعر آهي ۽ صوفيءَ جي راهہ بہ عشق آهي تہ منزل بہ عشق.

ايراني راويت موجب جنس مذڪر کي ئي عاشق مجيبو وجي ٿو، پر باريڪ نظر سان ڏسجي ۽ منو وگيانڪ (نفسياتي) سطح تي جاچجي تہ مذڪر جي نظر ۾ عورت جي جسم کي ئي ترجيح ملي ٿي. ان جسم کي ئي ”بُت“ مجي عاشق ان اڳيان سجدو ڪري ٿو. اِن ڪري اهڙي قسم جو عاشق خط و خال، روءِ رخ، زلف پريشان، سر وَ قد صنوبر، ابرو ڪمان وغيره وغيره ئي ذڪر هيٺ آٽي ٿو.

ان جي ابتڙ هندي/سنڌي روايت موجب پيار جسم جي حد پار ڪري روح جي سونهن پسي ٿو. جنهن ۾ عمر يا جواني وغيره جا سڀ سنڌا منجي وجن ٿا.

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ.
عدد ناهہ عشق پڇاڻي پاڻ ڪري.

هندي روايت موجب راڌا ۽ ميران ئي پريم جو روپ آهن، راڌا شادي شدهہ هئي ۽ ڪرشڻ کان عمر ۾ گهڻو وڏي هئي. ميران تہ

ڪرشڻ ڪي پنهنجي جسماني اک سان ڏٺو ۽ ڪين ھو!

دنيوي لحاظ کان پڻ مرد لاءِ پيار جيون جي انيڪ پهلن مان صرف هڪ پهلو ئي آهي. مگر عورت لاءِ پيار سندس سموري جيون آهي. عورت پنهنجي پيار کي اندلني رنگ ڏيئي ئي زندگي گذاري ٿي، مرد ائين ڪري ته هو مجنون يعني سودائي سڏارائي ٿو.

مٿئين سبب ڪري ئي شاھ عشق جو روپ پسائڻ لاءِ عورت ڪنئي آهي. نہ رڳو محبوب سان محبت، مگر ملڪ جي مٽيءَ سان محبت پسائڻ لاءِ بہ هن "زال ذات" ئي ڪنئي آهي.

زال جي محبت کي اورار پرار نہ ٿو ٿئي. هيءَ اها حالت آهي جتي "عقل، مت، شرم" نينهن نهوڙي ٿو ڇڏي. جت "پيڪن سوڏو پاڻ" ٿو گهورٽو پوي، جت پنهونءَ بنا سسئي پنيور کي باھ ڏيئي ٿي نِڪري. جتي سهسين سائر گجن تہ بہ گجر ترسي نہ ٿي جتي.

**گولي، گهاگهائي گهڙي، جلن تا جانار.**

جتي نينهن واھر جي وهڪري سان شرط ٿو پڇائي.

**وھ تکہ، واهڙ تک جت نينهن تکہ نرالي.**

جتي دنيا جو ڪوبہ ڊپ ڊيڄاري نہ ٿو سگهي، جت

**"ڪرڳل ڪوچ ڪن گهٽا، جر واڳو جنائين"**

هجن تہ بہ سهٽي "پاڻ اُڇلي آب ۾، واھ سر،" ٿي وڃهي. جتي:

**دهشت دم درياھ ۾، جت ستاٽا سيسار،**

**بيحد باگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار.**

تہ بہ منڌ بلڪل نٿي ڊڄي! سسئي بہ عشق وهيٽي ٿي چوي ٿي:

**وٽ ڇڏي مون واڳھ، آري! وٺين عشق جو.**

يعني تون عشق روپي چيتو مون وٽ چڏي ويو آهين (جو مونکي چيري ڦاڙي ڇڏيندو)

هنجي سڪ ڪيس سجهائي ڪباب پيئي ڪري تہ بہ هوءَ سڪڻ نہ ٿي ڇڏي.

**جي سجهائي سڪ، تہ پڻ سڪي سسئي.**

عشق هنجي اندر ۾ آڳ جلائي ڇڏي آهي.

**منگل منهنجي من ۾ ”باريو هوت حمام“**

هوءَ محبت جي مچ ۾ جلي پيئي تہ بہ ويراني ۾ پيئي هلي. سندس پير ڦٽجي پيا آهن، هلڻ جي ڪيس سگهہ ئي ڪانهي تہ بہ هوت لاءِ هيڪلي ئي ٿي پيئي هلي.

**هيءَ گس، هو گس، هي پهڻ هو پيچرو،**

**ويچاريءَ وڏو ڪيو، پٽيءَ ويندن وس.**

ڪڏن ڪوہن مان لنگهي، پبہ ڀاڙهي جبلن جي ور وڪڙن ۽ ڏنگن ڦڏن رستن تان چڙهندي لهندي، منجهندي ۽ سهڪندي هيءَ سڪ جي ستايل نار هلندي پيئي وڃي.

شاهہ عورت جي عشق کي سوز بخشيو آهي. سسئيءَ جي ماتم ۾ اهڙو اثر آهي جو ساري جهان کي لهس اچي ويئي آهي! آسمان پيو هاءِ هاءِ ڪري، پکي پيا ورلاپ ڪن، پنهنجي چوپائي مال کي لهسيل ڏسي ريبدار پيو روئي، مرون بہ موت قبول پيا ڪن ۽ بريت روج راڙو ڪن.

**لگن ڪوسو واءُ، لوڪ مڙيو ئي لهسيو،**

**اُپن منجهان آيو، هئي! هئي! جو هگاءُ،**

**طيورن تنواريو، پنهونءَ پچاڻانءُ،**

**رسيو سور هبان کي، وحوشن وٽاءِ،**

**مروئن موت قبوليو، آپر افسوساءِ،**

**برپڻ ڪن بڪاءِ، اُڪنديا آريءَ لاءِ گهٽو.**

سهٽيءَ جي سڪ مهراڻ ٻوڙي ڇڏيو، سسئيءَ جي سوز پاٽيءَ کي بہ اُجايل ڪري ڇڏيو، مومل جي ورلاپن ڪري-

**"جايون، گل، جبات وڻ" ڪومائجي ويا!**

هيءُ عورت جو پيار آهي، عورت جنهنجو جيءُ پنهنجي پياري جي جيءَ منجهان ئي مڙهيل آهي.

**مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.**

**بدني سونهن**

عشق جو سنبنڌ سونهن ۽ جوانيءَ سان ئي آهي. اِهو سنبنڌ چولي دامن جي ساٿ جيئان آهي، ان ڪري شاهہ جون سڀ جون سڀ سورميون، هڪ ليلا ڪانسواءِ جنهن ۾ ذاهپ جي سونهن آهي، سهٽيون آهن. سونهن سان سينگار جو ذڪر پڻ ساڻ ساڻ هلي ٿو. ان ڪري مناسب جڳهہ ڇاٽي شاهہ مومل جي سونهن ۽ سينگار جو ورنن ڪيو آهي.

**چوٽا تيل چنبيليا، ها... ها... هو هميشہ!**

**پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اڇن نيش،**

**لالن جي لبيس، آتڻ اڪر نہ اُجهي."**

**جهڙا پانن پن، تهڙيون سايون مٿن سالون،**

**عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن،**

پر جسماني سونهن کي تمام گهٽيون محدود ڳيون آهن. انڪري شاهه انجو ذڪر ڪرڻ ۾ پنهنجي شعر جو زيان ڪين ڪيو آهي.

## عالمگير عورت ۽ مقامي عورت

بلندپايه شاعر انسان جا ٻئي روپ چٽيندو آهي، هڪ عالمگير ۽ ٻيو مقامي. عورت ڪٿي به هجي، هن ۾ زنانا احساس ساڳيا ٿين ٿا. ور جي وڇوڙي ڪري تڙڦڻ، هنجي اچڻ تي گد گد ٿيڻ، پتيءَ جو پريم حاصل ڪري ٻود ۾ ٻرجڻ وغيره احساس هر زال وٽ ساڳيا ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي ماڻ ماپا يا عورت جي جيون جا قدر سندس بنيادي روپ پسائين ٿا. مگر هر عورت پاڻ پنهنجي مقام جي ريتين رسمن سان نباهي ٿي. يورپين زال مڙس جي پرديس وڃڻ تي دکي ٿيندي، مگر هوءَ اڪا ڪين پائيندي ۽ نه ئي ڏيئا موهيندي. شاهه جي زال تحقيق هڪ سنڌي زال ئي آهي.

شاهه - شاعر عالمگير عورت چٽيندي سندس تمام ارمانن، اميدن ۽ امنگن کي عورتاڻن احساسن سان سينگاري، انهن جو اهڙي ته خوبيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان چٽ چٽيو آهي، جو زناني دل جي اُٿت ٻٺت جي باريڪيءَ پنهنجو سنهو سنهو ۽ ننڍو مختلف پٽو ڪٽي ظاهر تي بيٺي آهي. مثلاً موملن ڪان راڻو رسي ويو، هوءَ شڪ جو شڪار ٿي آهي ته چوي ٿي ته:

**مــــيــنــــدرا، وڏي جـــــاڙ ڪــيـــــاءِ،**

يا

**راڻـي رڻ ڪـيــو، جـيـڏيـون مـنـهـنـجي جيءَ سين.**

”رڻ ڪيو“. لفظن ۾ هڪ نازڪ دل سان ڪيل ظلم خلاف پڪار آهي، ليلا سان به چنيسر رنل آهي، پر اهو روسامو سندس ئي ڀل

جو نتيجو آهي، ان ڪري ليلا جي پڪار ۾ پڇتاءُ ۽ عاجزي آهي.

**اوڳڻ عيب مَنايون، ڍولا! ڍڪ سيئي،**

**هار هٿان مون ڇڏيو**

**داغ تنهنجو دائما ماري معذورين،**

يا

**سائين ڪارڻ سپرين! وڃ م ڏورين،**

**آئون تو حضورين، مٺيون وڃهان مڇ ۾.**

سسئيءَ ڪان ٻه محبوب وڇڙيل آهي ته وڻجاري ٻه ورهه جي ماري آهي، مگر ٻنهي جي وڇوڙي جي مختلف سبب ڪري فرق آهي. سسئي ”پرديسي پرين“ خلاف تي شڪايت ڪري.

**ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.**

يا

**ڪو هاڙهو، ٻن هو، ڪوءِ پنهون، ٻن پريتڻو.**

**ڪوءِ ٻولي، ٻن ٻروچ! ڪهوري ذات جتن جي!**

**مون ڪي چئي ”لوچ“، پيهي وريا ڇپرين.**

۽ وڻجاريءَ جي شڪايت وڻجاري جي واپار خلاف آهي.

**ڪوءِ سودو سندوءِ، جو تو ڍوليا سڪيو،**

**وڃيئي وسري شال! جو تو سودو سڪيو.**

**جي تون وڻجارو ڪاند! ته مون هڏ مَ لائون لڏيون،**

**سامونڊيڪو سڱ، آهي گوندر گاڏئون.**

رسالي ۾ عورت جو نازڪ ۽ نفيس جسماني روپ ئي نه پر

مجموعي روپ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. مگر اِهو سڀ هوندي بہ شاھ جي ”زال“ سنڌ ۾ رهندڙ زال ئي آهي.

هڪ هڪ سورمي ڪٿي، هن جي اردگرد پيون بہ دايون ۽ مايون پسائي، شاھ ان خاص سورميءَ جي جيون جو پس منظر پڻ پسايو آهي. جيئن، اها سورمي پنهنجي جيون جي ماحول ۾ ائين ڦبي جيئن ”هيرو“ مٺئي واري سون ۾.

مثلاً ”مارئي“ آهي تہ ٻيون بہ ملير ڇايون آهن، جي گيدوڙا ۽ گگريون پيئون ميڙين ۽ لاڪ سان لويون پيئون رڱين يا ڪائر ۽ ڪائو ٻنان پيئون ڪائين.

جي ”نوري“ آهي تہ ڪينجهر جون ٻيون بہ ماڇاڻيون آهن جي

**ڪاريون ڪوجهيون، ڪوڙيون مور نہ موچاريون،**
**وٺي وينديون واٽ تي ڪکيءَ جون ڪاريون.**

**جن پاليا پيٽ، ڪمن ڪالورن ساڻ،**
**لڌڙن جيئن لطيف چوي، پاٽي وجهن پاڻ.**

جي وڻجاري آهي تہ ٻيون بہ وڻجارن جون وهون آهن، جن مان ڪي پيئون چون تہ:

**سر نسريا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين.**

تہ ڪي ٻيون آکين

**ڪيڙي ڪنبو، ماءِ سامونڊي آئيا**

شاھ جي شعر ۾ سنڌ آهي ۽ سنڌ مقام جي پس منظر ۾ شاھ پنهنجي سورمي ڦبائي ٻيهاري آهي.

امداد حسيني

# لطيف - سنڌي ٻوليءَ جو محافظ

٢٦ ۽ ٢٧ جنوري ١٩٩٨ع تي لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران سڏايل لطيف ڪانفرنس ۾ مون عرض ڪيو هو ته "اسين لطيف ڪان پري ٿيندا پيا وڃون" ۽ اِن جملي جو ٻيو ڀاڱو هو "پر لطيف اسان ڪان پري نہ ٿيو آهي." ۽ بروهيءَ جا هي لفظ به ورجايا هئم ته: "لطيف ماءُ جي ٿڃ سان اسان جي رت ۾ شامل ٿي ويو ٿو."

ڀل اَڄ به اهڙيون سنڌي مائرون هجن! پر لطيف جو مارُن سين ڳانڍاپو اِن ڪان به آڳاٽو آهي. "بنيو هو نہ بت ۾، اڃا ڪِي آدم" ڪان به آڳاٽو:

**الست بربڪم، جڏهن ڪَن پيوم،**
**قالو بلي قلب سين، تڏهن تِت چيوم،**
**تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.**

۽ اُهو وچن لطيف اڄ به پاري رهيو آهي، پر ان ڏس ۾ مارُن جي به ڪا ذميواري آهي:

**جي ڪَرَ لڏائون، تہ بنديءَ بندُ وساريو.**

مارئي کي ماڙيون ڪونہ ٿيون مارين، پِر مارُن جي مُنجهہ ٿي ماري:

**مارُن مُنجهہ مياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪينَ ڪي.**

اِها مارُن منجهہ نہ رڳو اَڃا ختم نہ ٿي آهي، پر ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. مٿي جنهن ڪانفرنس جو مون ذڪر ڪيو آهي، اُن ۾

اِهو ڏسي اچرج گاڏڙ ڏک ٿيو تہ "مارُو" لطيف کي صحيح پڙهي بہ نہ پئي سگهيا! پُرجهڻ ۽ ڪڙهڻ جو مرحلو تہ ان کان پوءِ جو آهي:

**پـڙهـيــو تـــا پـڙهـن، ڪـڙهـن ڪـين قـلـوب ۾.**

لطيف ٻوليءَ وسيلي ئي اسان تائين پهچي ٿو. بلڪل ائين اسين بہ ساڳيءَ ٻوليءَ وسيلي ئي لطيف تائين رسون ٿا. ٻنهي جي هڪ ٻئي تائين رسائيءَ جي ٻي ڪابہ واھہ نہ آهي، سواءِ ٻوليءَ جي ۽ ايليٽ چيو آهي:

> "شاعر جا (شاعر جي حيثيت ۾) فرض قوم سان اڻ سڌي طرح هوندا آهن، هن جو "سڌو سنئون" فرض پنهنجي ٻوليءَ سان هوندو آهي. هڪ تہ اِهو تہ هو اُن کي محفوظ رکندو آهي ۽ ٻيو اهو تہ هو اُن کي اڳتي وڌائي ۽ ترقي ڏئي."

هر عظيم شعر ان فرض کي نڀائيندي پنهنجي ٻولي پاڻ تخليق ڪندو آهي. اُن جو فن ۽ فڪر اعليٰ پائي جو هوندو آهي ۽ اُن جي اِظهار لاءِ ٻولي بہ اعليٰ پائي جي هوندي آهي. لطيف وٽ ٻوليءَ، فن ۽ فڪر جو سنگم آهي:

**جنءَ ڳنديون منجهہ ڳنڍير، تنءَ من ماروئڙن سين.**

لطيف جن احساسن کي اظهاريو آهي، سي اِنساني من ۾ مڪڙيءَ جيئن ڪِڙي، لطيف جي شاعريءَ ۾ لفظ ٻڌجي ٽڙي ٽا پون، ۽ انهن جو واس اسان جي وجود کي واسي ٿو ڇڏي.

**ڪـــتـــوريءَ خـــوشـــبـــوءِ ســـيـن، ولات سـڀ واسـي.**

لطيف جيڪو سدا حيات شاعر جو پد ماڻيو آهي، تہ ان ۾ خود لطيف جي خلقيل ٻوليءَ جو وڏو عمل دخل آهي ۽ ظاهر آهي تہ اُها ٻولي

ٻہ امر آهي، جيڪا لطيف جي اظهار جو واحد وسيلو آهي. لطيف وٽ سِٽ سٽاءُ ۾ جيڪو لفظن جو جڙاءُ آهي، اُن جو جوهر اڄ تائين نہ رڳو جهڪو نہ ٿيو آهي، بلڪہ اُهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ جهرڪندو ٿو وڃي، رچرڊس چواڻي:

"شاعرن جي اهم ترين وصف، لفظن تي سندس حيرت انگيز قدرت آهي."

شاعر جيئن تہ سچو مانداڻ لفظن سان منڊي ٿو، ان ڪري لفظن تي اهائي حيرت انگيز قدرت اُن جي فطرت جو جز بہ آهي تہ ڪُل بہ. ان ريت شاعر هڪ ئي وقت ٻوليءَ جو خالق بہ آهي تہ محافظ بہ. انسان جي اعليٰ ترين دريافت "لفظ" آهي ۽ شاعر جي اعليٰ ترين دريافت لفظ جي "معنيٰ" آهي ۽ اهو لفظ جو جوهر آهي. سحر جا لفظ آهن:

"لفظ جي قوت جو اندازو لطيف سائينءَ کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ شاعر کي نہ آهي، هو لفظن جو پارکو آهي ۽ ٻول جو مول ڄاڻي ٿو."

۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ هر عظيم شاعر جو پيغام آفاقي هوندو آهي ۽ جيڪو هر دور ۾ انسان ذات جو سونهون هوندو آهي ۽ جيئن تہ ان پيغام جي اظهار جو واحد وسيلو ٻولي هوندي آهي، ان ڪري شاعر پاڻ اُن کي تلاشيندو ۽ تراشيندو آهي. لطيف وٽ ٻولي قدرت جو هڪ خاص عطيو آهي، جيڪو پاڻ اسان جي سپرد ڪيو آهيس، هاڻي اِهو اَسان جو فرض آهي تہ اَسين اِن بيش بها عطئي کي هاٺوڪي ۽ ايندڙ نسلن جي ٻلي ڪريون، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ئي قوم جي حيثيت ۾ اسان جي بقا آهي.

" ڪنهن بہ قوم، ڪنهن بہ ڪتاب، يا ڪنهن بہ زبان جي بقا

جو دارومدار صرف هن ڳالهہ تي آهي تہ اُهي ايندڙ نسلن کي کھڙو ڪم ڏيندا ۽ ان سان گڏوگڏ بني نوع اِنسان کي ترقيءَ تي گامزن ڪندا، يا انهيءَ جي برعڪس مرڳو ئي تنزل ڏانهن راغب ڪندا."

علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جا اِهي لفظ آسان لاءِ هڪ اهڙي آنهريءَ سمان آهن جنهن ۾ اسين پنهنجو "ڪالهہ، اڄ ۽ سڀاڻي" پسي سگهون ٿا، پر شرط آهي تہ آسان کي اُهي اکيون بہ هجن:

**اکيون سي ئي ڌار، جن سان پسين پرينءَ کي.**

هتي گهڻو تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت نہ آهي تہ لطيف جو لهجو اُترادي آهي يا لاڙي! لطيف وٽ اترادي لهجو "بہ" موجود آهي:

**راڻا تنهنجي راهہ، تي ڏيهاڻي ڏيکان،**

**راڻي جي رهاڻ جون، روح اندر ريکان،**

**محبت جون ميکان، توسين لال لپيٽيون.**

پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ اسين لطيف جي ڪلام ۾ "چنڊ" کي "چنڊر" لکون. بلڪل ائين لاڙي لهجي جو مطلب بہ اهو پٽيءَ ڪينهي تہ اسين "پٽ" کي "ٻٽ" لکون. لطيف وٽ سِٽ سِٽاءُ ۾ جيڪو لهجو جڙيل آهي، اُهو فطري آهي، انڪري ئي اُهو "تز" (perfect) آهي. اِن ڪري اُن کي دوام آهي، ۽ اُهو پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو.

**راڻي پائي "رسُ"، تن ٻيڙيءَ جڻ تاڻيو.**

اهو لهجو اڄ بہ اهڙو تازو (Fresh) آهي جهڙو سڄيءَ لاءِ لڪن منجهہ لڳل، پنهونءَ جو تازو پيرا وقت جي لَٽ اِن لهجي جي تازگيءَ کي لتي نہ سگهي آهي.

**نہ ڪہ واءُ وڃائيو، جهوريو تان نہ جهڪن،**

لڳو منجهه لڪن، تازو پير پنهونءَ جو.

چوندا آهن ته ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“ سو سنڌيءَ ۾ اُترادي، لاڙي، ڏاتڪي ۽ ڪوهستاني لهجا موجود آهن، جن تي دنگئي علائقن جي ٻولين جا سياويڪ اثر آهن. لطيف وٽ نه رڳو اِهي، پر بلوچ ۽ هندي لهجا به موجود آهن، پر لطيف جي شاعريءَ جو نمايان لهجو حيدرآباد ۽ اُن جي آسپاس وارو ئي آهي. (اِن آسپاس ۾ منهنجو ڳوٺ ٽنڊڙ به اچي وڃي ٿو) ۽ قليچ جي لفظن ۾،

”حيدرآباد جي آسپاس واري پاڳي جي ٻولي مرڪو ئي ٻي طرح جي آهي، جا سيني ڪان سڌريل شمار ٿيل آهي ۽ جنهن ۾ تعليمي ڪتاب پڻ لکيل آهن.“

لطيف جي شاعريءَ ۾ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس واري ٻوليءَ جو لهجو اِن ڪري به سياويڪ آهي، جو اِهو لطيف جو پنهنجو تر آهي.

ٻوليءَ، لهجي، فن ۽ فڪر جي حوالي سان لطيف جي شاعري نه رڳو گذريل توڙي گذرندڙ، بلڪ ايندڙ زمانن جي شاعري آهي ۽ بني نوع انسان لاءِ هر دؤر ۾ وات جي لات آهي ۽ اهڙو ڏينهن پڪ ئي اچڻو آهي، جڏهن پيون گهتون گوهيون ڇڏي، بني نوع انسان کي اهڙي شاعريءَ ڏانهن رجوع ٿيڻو پوندو.

”شاعريءَ جو مستقبل ڏاڍو شاندار ۽ وسيع آهي، جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، بني نوع اِنسان کي شاعريءَ تي ويساهه حاصل ٿيندو ويندو.“

مئٿيو آرنولڊ ان ڏکهي پئرا ۾ مذهب، عقيدي ۽ روايت جي زوال پزيريءَ تان ٿيندو، پچائي هنن لفظن تي ٿو ڪري:

”پر شاعريءَ لاءِ خيال ئي ڪافي آهي.“

لطيف جو بيت آهي:

**جت آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيءَ خاڪيءَ جو خيال،**

**جانب جو جمال، پسڻا ٿي پري ٿيو.**

سچل جي سِٽ آهي:

**مين تان ڪوئي خيال هان، رمسان نال خيال دي.**

۽ قليچ لکي ٿو: ”ٻوليءَ جي مدعا آهي دل جا خيال زبان سان ظاهر ڪري ٻڌائڻ.“

لطيف پنهنجي دل جي خيال کي زبان عطا ڪئي آهي ۽ انهن خيالن کي پروڙڻ ۽ پُرجهڻ لاءِ انهيءَ زبان کي بہ اهائي اهميت ڏيڻي پوندي جيڪا اُها لهڻي ٿي، قليچ لکي ٿو:

”ڪابہ ٻولي لفظن مان جُڙي ٿي، ۽ لفظ فقط اُچار ۽ آواز آهن.“

مان ٻوليءَ جي اِن بنياد يعنيٰ شبد/لفظ/اُچار/آواز/صوت کي ”سُر“ ٿو سڏيان. لطيف وٽ ٻوليءَ جي ان بنياد يعنيٰ ”سُر“ جي وڏي اهميت آهي. ان اهميت جو ڪاٿو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ لطيف ٻولي هٿ سان لکي نہ آهي، بلڪہ مُک مبارڪ مان چئي آهي، بلڪہ ڳائي آهي. لطيف وٽ لفظ هيري مثل آهي ۽ لطيف اُن جي تراش خراش ڪري، سِٽ سَريءَ ۾ پوئي اُن جي معنيٰ جا ست ئي رنگ جهرڪائي ڇڏيا آهن:

**لٿو اُونداهو، جوڳيءَ سندي جوت سان،**

ڪيترن ئي جوهرين انهن هيرن جي ملهہ، ڪٿ ڪئي آهي ۽ يقيناً اُهي ايڏا تہ وڏا نالا آهن، جو ڪنڌ سندن تعظيم ۾ جهڪي ٿو وڃي. مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي، خاص ڪري گربخشاڻيءَ، آڏواڻي ۽ شاهواڻيءَ

لطيف جي سوانح ۽ ڪلام تي پنهنجي سڄي ڄمار صرف ڪري ڇڏي آهي. سندن ايڏي وڏي ۽ اهم ڪم کان انڪار ممڪن ئي ناهي. اُن مان منهنجي مراد آهي تہ انهن عالمن لطيف جي هر رنگ سُرنگ کي اُجاگر ڪرڻ جي انتهائي ڪوشش ڪئي آهي، پر ان مان منهنجي مراد اها بہ آهي تہ ڳالهہ اتي ختم نہ ٿي ٿئي، بلڪہ اتان شروع ٿي ٿئي . مثال طور قليچ جهڙي ڏاهي چيو آهي:

"اهو جهنگلي سنڌي شعر، سترهين‌ءَ صديءَ تائين هليو."

پر جهمٽ مل خوبچند ڀاوناڻي پنهنجيءَ اهم تصنيف "چند سڳنڌ" ۾ ثابت ڪيو اهي تہ آساسي يا ڪلاسيڪي شاعري نہ رڳو جهنگلي شاعري نہ آهي، بلڪہ اُها هڪ اِنتهائي سڌريل گهاڙيٽي، اُوچ ڪلا ۽ سُريلي سرشتي تي جوڙيل آهي، جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ جي پاتال تائين آهن ۽ جنهن کي ماتر چند ڇنڊجي ٿو. ظاهر آهي تہ چاڻ جي اِنهيءَ ستاري جو سُهائو اڄا سنڌ جي ڌرتيءَ تائين نہ پهتو هو.

جڏهن لفظ جملي ۾ ڪتب اچي ٿو، تڏهن هڪ خاص معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو. پر جڏهن لفظ شعر جي سِٽ ۾ اچي ٿو، تڏهن منڊيءَ تي ٽڪَ وانگر جڙجي ٿو. جيڪڏهن اُن لفظ بدران اُن جو ٻيو ڪوبہ هم معنيٰ لفظ ڪتب آڻبو تہ سپاويڪ ٽنبيل ۽ پرتيءَ جو ڀاسندو. ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ لفظ جي شڌتا ۽ پوترتا تي سڀ کان ڀهرين ڌيان ڏنو ويندو آهي ۽ لفظ جي حرمت جو لطيف کان وڌو پاسدار ڪنهن ماءُ اڄ تائين ڄڻيو ئي ناهي.

## مِــــٽي اِن خـــمــــيــــر، اصــل هــڻــي ايــتــــري.

اڄڪلهہ هڪڙي پاسي ٻوليءَ تي اڄوڳي ڏاريئن اثر جو روڄ پٽڪو چالو آهي، تہ ٻئي پاسي اُن جي نجپٽي (Purification) تي بہ اعتراض واريو ٿو وڃي. هتي مان اهو مڃيندو هلان تہ "لفظ" جو سپاءُ

۽ انساني سياءَ وارو آهي، اُهي چمن ۽ ٿا. اگها/سگها ۽ ٿين ٿا ۽ مري ۽ وڃن ٿا ۽ ڊڪشنرين جي قبرن ۾ دفن ٿي وڃن ٿا. يا پوش پائي ڪوش جي چڪيا تي چڙهي وڃن ٿا. هڪ زنده ٻوليءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ”چمڻ/مرڻ/ڄمڻ“ جو چڪر (cycle) هلندو رهندو آهي پر هتي جيڪا ڳالهه مان توهان جي ڌيان تي آڻڻ ٿو گهران، سا لفظن کي گهوگهاتي مارڻ واري آهي، جيئري ئي چڪيا تي چاڙهڻ واري آهي.

**مارونڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.**

ڪاوڙ ۽ ڏک ان تي ٿو ٿئي جڏهن اهڙي ڪاسائڪي ڪار لطيف جي لفظن سان روا رکي ٿي وڃي، جنهن کي سحر ”سيحا صفت شاعر“ سڏيو آهي.

لطيف جي لفظن/ٻوليءَ جي متروڪ ٿيڻ جي ڳالهه سڀ کان پهرين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪئي ۽ ان کي ”ٻوليءَ بدلجڻ جو هڪ ٻيو سبب“ ڄاڻايائين:

”کي جهونا لفظ وڃن متروڪ ٿيندا ۽ انهن جي جاءِ وڃن نوان لفظ وٺندا.“

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهونن(!) لفظن جي متروڪ ٿيڻ/ڪرڻ جو نِڪر ماڻهن تي ٻيگو آهي:

”ماڻهو سمجهندا آهن ته جهونا لفظ ڪتب آڻڻ تهذيب جي خلاف آهي.“

ڪهڙا ماڻهو سمجهندا آهن؟ سو ڪونه ٿو ٻڌائي؛ پر مون کي انهيءَ چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه ٿي ٿئي ته اهڙا ماڻهو يقينن ”عوام“ نه پر ”خواص“ ئي هئا ۽ اهڙي شاهدي خود ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي هنن لفظن مان ملي ٿي:

”مثلا شاهه جي رسالي ۾ ”آڻ“ ”ڪري“ ”پونءِ“، ”گوندر“، ”ٻڪي“، ”ويچ“، ”پرين“، وغيره ڪتب آيل آهن.

هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ اهي لفظ عامي سمجهيا وڃن ٿا ۽ انهن جي عيوض حڪم، پرهيز، زمين، غم، دوا، طبيب، محبوب وغيره وڌيڪ رواج ۾ آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اها ڳالهه تڏهن لکي جڏهن تدريسي سطح تي Geology لاءِ ”پون وگيان“ لفظ ڪتب اچي رهيو هو. انڪري ظاهر آهي تہ ”پون“ لفظ متروڪ نہ ٿيو هو. جڏهن تہ اهي لفظ عام ڳالهه ٻولهہ ۾ پڻ ادا ٿي رهيا هئا ۽ شاعريءَ ۾ مستعمل هئا. خاص طور تي ڪافيءَ جي شاعريءَ ۾- مان عرض اِهو ٿو ڪرڻ گهران تہ انهن لفظن جي متروڪ ٿيڻ کي فرض ڪري ڇاتو ويو، جڏهن تہ اُهي پنهنجي ڀرپور اظهاريت سان سنڌيءَ ۾ ادا ٿي رهيا هئا ۽ اڄ تائين ٿي رهيا آهن، ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت جديد سنڌي شاعري آهي ۽ ان دور کي سگهن آهوجا Neo classical age سڏيو آهي.

هتي مان اها بہ گذارش ڪريان تہ جڏهن ڳالهايل ۽ لکيل ٻوليءَ ۾ هترادو فرق کي هٿي ڏني ويندي آهي، تڏهن انهيءَ احساس ڪمتريءَ جي نتيجي ۾ لفظن جي ذخيري ۾ ڪوت ٿيندي ويندي آهي ۽ ائين پنهنجن ئي لفظن تان ڇيپ ڪرڻ، انهن کي اڇوت سمجهڻ سان اسين پنهنجي نج ۽ اصل کان پري ٿيندا ويندا آهيون. ان جي نتيجي ۾ اسان کان پنهنجي سڃاڻپ کسجي ويندي آهي.

**ڏريان ئي ڏار، وڏي وڻ جدا ڪيا،**

**تن سُڪن ڪهڙي سار، تہ وٺا مينهن ملير تي.**

لطيف جيئن تہ نج ۽ اصل جي کوج ڪئي آهي، سڄي سنڌ پيرين پنڌ رُليو آهي، ماڻهن سانِ رليو مليو آهي، اُنهن سان گڏ رنو.

ڪليو آهي، هن اُنهن سان ٻُجهه ٻُرهيو آهي، هن جي مشاهداتي اک ازل ۽ ابد جي وسعتن کي ماپي ٿي وٺي، انڪري ئي لطيف جي ٻولي به وسيع ۽ لامحدود آهي ۽ لطيف جي ڪنهن به لفظ کي متروڪ ڪرڻ جي معنيٰ ان کان سواءِ ٻي ڪابه ناهي ته ٻوليءَ جي لامحدوديت کي، جيڪا لطيف ان کي عطا ڪئي آهي، محدود ڪري رهيا آهيون ۽ لطيف ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ جي جنهن احساس ڪمتريءَ جي ڏيڻ مان اسان کي ٻاهر ڪڍيو آهي، اُن ۾ اسين پاڻ ئي احساس برتريءَ جي هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ غرق ٿي رهيا آهيون، لطيف ته ”اُڀ“ سان گڏ ”آسمان“ لفظ به ڪتب آندو آهي:

**ڏٻـي ڏرتـي، لـرزي، تـر تـلـئـا آسـمـان،**

ته ”آڪاس“ لفظ به ڪتب آندو آهيس:

**ڪـنـول پـاڙون پـاتـار ۾، پـونـر پـري آڪـاس.**

ائين اُڀ، نڀ، امبر، آڪاس، آسمان، عرش، چرخ...... سڀ اسان جا لفظ آهن ۽ انهن سان سنڌي ٻوليءَ جو دامن وسيع ٿئي ٿو، انهن مان ٻيا سمورا لفظ متروڪ ڪري صرف ”آسمان“ جو واهپو ڪنهن به صورت ۾ جائز نه آهي، نه ئي قبوليت جوڳو آهي.

ان ريت ڀون، زمين، ڌرتي، پٽ، فرش، ڌر.... مان ٻيا سمورا لفظ متروڪ ڪري صرف زمين کي وهنوارڻ سنڌي ٻوليءَ کي محدود ۽ مسدود ڪرڻ آهي. ڇا لطيف گربخشاڻيءَ جي دور ۾، هيءَ سِٽ:

**جـا ڀُـون پـيـريـن مـون، سـا ڀـوُن مـتـي سـجـٽـين.**

ڪي هيئن لکي (ڇپي) ها؟

**”جـا زمين پـيـريـن مـون، سـا زمين مـتـي سـجـين.“**

ڪوءِ شعر، ڀَن نثر، ڀوءِ ته اِها عام ڳالهه ٻولهه واري سِٽ به

نٿي رهي!

**ڪِي ڏر تَتي ماءُ، ڪي جَر سَندِي سَڄَڻين،**

**هلي ۽ واجهاءُ، ٻنهي جيرن وِچ ۾.**

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي سونهن، گهرائيءَ ۽ وسعت کي لهڻو هجي، تہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ئي اُهي لهي سگهجن ٿيون. لطيف جي بيت مان نہ تہ ڪو لفظ گهٽائي سگهجي ٿو، نہ ئي وڌائي سگهجي ٿو. مٿئين بيت جي ڪنهن بہ لفظ کي ڇاتي اَڄاتي متروڪ چوڻ جو مطلب ان ڪانسواءِ ٻيو ڪي بہ ڪينهي تہ اسين سنڌي ٻوليءَ جي سوُنهن، گهرائيءَ ۽ وسعت کي هڪ ئي ڏڪ سان ختم ڪرڻ جي سِٽ سِٽي رهيا آهيون.

لطيف جيڪي "جيها جي تيها، مارو مچيا" آهن، ٻولي بہ انهن جي، يعني عوام جي ڪتب آندي آهي، يا

**پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،**

تن کي لطيف اوليت ڏني آهي:

**سمو ڄامُ سُهڄ، اُيو ڪري اُن سين.**

عورتن، مهاڻن، ميراثين، ڪورين، لوهارن، ڏنڌوڙين، ڪمين ڪاسبين، هارين نارين کي سنڌي سماج ۾ گهٽ ڪري ڄاتو ويندو آهي. جڏهن تہ لطيف انهن کي جوڳي اهميت ڏئي، مٿي ڪڻي آيو آهي.

**هلو هلو ڪورين، نازڪ جن جو نِينهُ،**

**ڳنڍين سارو ڏينهُ، ڇنڻ مورُ نہ سڪيا.**

۽ لطيف بہ انهن سان يعني عوام سان هر سطح تي پاڻ کي جوڙي رکيو آهي. لطيف سنڌيءَ ۾ (جنهن کي هوُ "ٻاٻاڻي ٻولي" ٿو سڏي)، شعر چئي سنڌي ٻوليءَ جي اَٿاهہ تخليقي قوت کي قبول ڪيو

آهي ۽ ڊاڪٽر سورلي چواڻيءَ "هڪ مڪاني محاوري واري ٻوليءَ کي اعليٰ پد تي ڪٽي آيو آهي." ساڳئي وقت ڌارئين "تسلط" جي غلاميءَ مان آزادي ڏياري، نِڌڻڪائيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري، ڌڻيءَ هئڻ جو احساس بخشيو آهي.

گربخشاڻيءَ جي سهيڙيل "شاهه جو رسالو" جي "مقدمي" جي يقيناً اهميت آهي، پر جڏهن اُن ۾ متروڪ لفظن بابت سندس راءِ پڙهيم، تڏهن اهو ئي ٻُڌڪيم ته "شل! گربخشاڻيءَ کان اها ٻل اَچاتي ۾ تي هجي." گربخشاڻيءَ جي مقدمه" ۾ متروڪ لفظن واري مامري تي مون تڏهن به ڪجهه نوٽس (Notes) ورتا هئا، پر اُهي ڪنهن ستاءُ ۾ نه اچي سگهيا هئا، انڪري ڪنهن جي نوٽيس تي به نه اچي سگهيا پر ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن اها ساڳي ٻل ورجائي وئي ۽ نه رڳو اها ٻُل لکي وئي، پڙهي وئي، بلڪ ڇپي به وئي، تڏهن ڏر (ليڪڪ هڪ پي ايچ ڊي) سان جڏهن ان ڏس ۾ زباني طور ڳالهايم، تڏهن پاڻ ئي مڃيائين ته سندس راءِ (فتوائن!) جو اطلاق شاعريءَ تي نه ٿو ٿئي! تڏهن ڇا تي ٿو ٿئي؟ جڏهن ته هن اهو ليک لکيو ئي شاعريءَ جي حوالي سان هو. سوبه لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان! هتي مان جميل جالبيءَ جا لفظ ڏيڻ چاهيان ٿو.

> "نصابي تنقيد جي زهري اثرن اسان جي فڪر کي مُڏو ۽ اسان جي احساسن ۽ ادراڪ کي محدود ڪري ڇڏيو آهي."

لطيف پنهنجي ٻوليءَ جو پاڻ محافظ آهي. ان جو ثبوت سندس درگاهه تي ٽن سوَن سالن جي عرصي کان به مٿي هر جمعي رات گونجندڙ راڳ آهي.

ائين لطيف پنهنجي ٻوليءَ کي محفوظ رکڻ، وڌائڻ، ترقي ڏيارڻ

۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو پاڻ ئي اهتمام ڪري ڇڏيو آهي. اسين ڄڏهن انهيءَ باباڻي ٻوليءَ جا ٻيلي سُٻيلي ٿي بيهون ٿا. تڏهن اسين دراصل پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻ جو جتن ڪريون ٿا. لطيف تي ڪا اِها ٻاجهه ڪانه ٿا ڪريون. اِن ڪري لطيف جي ٻولي/لفظ متروڪ نه آهن. بلڪ اسان جو "ترڪو" آهن. البت جيڪي پنهنجي "ٻولي دانيءَ" جي زعم ۾ اُن کي متروڪ ڪرڻ تي وَر ڪُنجيو. سندرا ڀڏيو بيٺا آهن. سي پاڻ ئي متروڪ آهن:

## جنين پانيو پاڻ، ڪري تواڻي تن ڪي!

لطيف جي ڪلام جي سورمي (نائڪا) يعني عورت بابت. لطيف جي ڪلام جي حوالي سان گهڻا واهڙ وهايا ويا آهن. مثلاً عورت ويچاري اَبلا ناري آهي... آهن دانهن ۾ اثر اتس وغيره! جڏهن ته لطيف ان ۾ جيڪا مام رکي آهي، اُن کي اُکيلڻ منهنجي موضوع کان ٻاهر آهي، ۽ اهو يقيني هڪ انتهائي اهم ۽ الڳ موضوع آهي، هتي موضوع جي مناسبت سان صرف هڪ نقطو نروار ڪرڻ چاهيندس ته: "ٻولي عورتاڻي سماج ۾ ئي محفوظ رهي ٿي ۽ وڌي ويجهي ٿي."

اياز چيو آهي ته: "لفظ ڪي صدين جو پس منظر آهي" ۽ انهن لفظن کي، جيڪي لطيف جي شاعريءَ ۾ ڳهه تي موتيءَ وانگر جڙيل آهن. متروڪ ڪرڻ سان اسين انهيءَ صدين جي پس منظر کي، جنهن تي بجا طور تي فخر ڪري سگهجي ٿو. وڃائي وهنداسين! ساڳئي وقت لفظن (ٻوليءَ) کي صدين جو پيش منظر به هوندو آهي، اُن کان به محروم ٿي ويندا سين:

## محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نه مئا!

انهن سان اسان جون انيڪ چوٽيون. پهاڪا. محاورا. اصطلاح، ريتون رسمون، ياءُ سياءُ... سلهاڙيل آهن. اِهي اسان جي

شاندار ۽ شاهوڪار سيپيتا جا اَمُلهہ ۽ امٽ اُهڃاڻ آهن. اَسان جي اتهاسڪ پرمپرا جا سونهان آهن. اسين انهن تان هٿ نٽا کڻي سگهون ـ نہ ئي اسان انهن تان ڪڏهن هٿ کنيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِهي لفظ اسان جي ميراث آهن، ۽ اِها ميراث اسان کي امانت با سلامت ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻي آهي ۽ انهن ئي لفظن سان سنڌين کي سڄي دنيا کي اَمن ۽ آشتيءَ جو پيغام پهچائڻو آهي:

**سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،**

**دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.**

**مقصود گل**

# ڪربلاءِ سُر ڪيڏارو

دنيا جي تاريخ جا ورق اٿلائڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ تاريخ کهڙي بہ دور جي ڇو نہ هجي انهيءَ ۾ اسان کي ڪي نہ ڪي ورق رت هاڻا ضرور ملن ٿا. حضرت آدم عليہ السلام جي دور کان وٺي اڄ تائين. هابيل ۽ قابيل جي جهگڙي کان وٺي ويندي اڄ ڪلهہ جي ٽوڙهي ڦاٽڪ ۽ ٺندي بهاول وارن سنڌ جي سانحن تائين بي گناهن جي هاريل رت تاريخ جي پيشانيءَ تي پنهنجا لاک رتا نشان ڇڏي مظلومن جي خون جي دانهن پئي دخل ڪئي آهي.

انهن سمورن تاريخ جي بي گناهہ ظلمن مان ڪربلا جو سانحو بہ وڏي اهميت جو حامل آهي، جنهنجو احتجاج عالمي ۽ بين الاقوامي سطح تي هزارين رڪاوٽن ۽ مخالفتن جي باوجود بہ مسلسل چوڏهن سو سالن کان ٿيندو رهي ٿو.

اسلامي سال جي شروعات بہ قربانيءَ سان ۾ پڄاڻي بہ قربانيءَ سان ٿئي ٿي ۽ شايد انهيءَ اهڃاڻ کي پختو ڪري ٿي تہ اسلام جنهنجو بنياد انسانيت جي عالمي درس تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري ان جي سچي پيروڪار کي شروع کان آخر تائين ۽ پنهنجي زندگي انسان ذات جي ڀلائيءَ، حق ۽ سچ جي حمايت لاءِ وقف ڪري هر قربانيءَ لاءِ همہ تن تيار رهڻ گهرجي.

ڪربلا واري قرباني جيڪا رسول پاڪ ؐ جي ڏوهٽي پنهنجي سموري خاندان سان گڏ ڪربلا جي ميدان ۾ ڏني، ان اهو ثابت ڪيو تہ حق ۽ سچ جي راهہ جي راهگيرن کي نڪا لالچ خريدي سگهندي آهي ۽ نہ وري ڪو لشڪر ۽ سپاهہ جو وڏو انگ سندن راهہ ۾ رڪاوٽ

ٻڌي سگهندو آهي. هو پنهنجو سِر، گهر، ٻچڙا ۽ ٻيو سڀ ڪجهه لٽائي ته سگهن ٿا، پر پنهنجي اصولي موقف ۽ مقصد محور تان هرگز هٽي ڪونه ٿا سگهن.

ڪربلا جو ايڏو وڏو سانحو جڏهن تاريخ جي سيني ۾ پنهنجي شفق رنگ لاليءَ سان رتايون ريکائون ڪنيو هر دؤر سان سفر ڪندو رهيو، تڏهن سنڌ جي سنڌي شاعرن پنهنجي شاعريءَ جي حساس ڪيمريائي نظر سان انهيءَ سانحي جا عڪس جهٽي تاريخ جي البم ۾ چيڪائي ڇڏيا آهن. منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو شاعر ڪو ورلي هوندو جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪربلا جي واقعي کي جڳهه نه ڏني هوندي. هن هڪڙي محدود مقالي ۾ صرف هڪڙي عالمگير شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي گلشن جي گلن جون ورڪائون ڪري ڪربلا جي شهيدن کي عقيدتون ارپڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريون شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ملي ٿو، جنهن ڪربلا جي سانحي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪشادي جڳهه ڏني آهي. شاهه سائينءَ جي وفات سن ١٧٥٢ع ۾ ٿي. انهيءَ حساب سان شاهه سائينءَ اڄ کان پوريون اڍائي صديون اڳ شاعري ڪئي ۽ شاهه سائين جي سڀني شارحن جو انهيءَ ڳالهه تي اتفاق آهي ته سُر ڪيڏارو، سواءِ ڪجهه بيتن جي باقي شاهه سائينءَ جو لکيل آهي. (صرف هڪ شارح علامه آءِ آءِ قاضيءَ سُر ڪيڏاري کي شاهه سائينءَ جو نه مڃيندي پنهنجي نسخي مان خارج ڪيو آهي.)

شاهه سائينءَ جي ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري رسالي جو ١٨ نمبر سُر، "سُر ڪيڏارو" آهي. ڪيڏارو سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ "ڪيدار" مان نڪتل آهي. جنهن جي تبديل ٿيل صورت ڪيڏارو وڃي بيٺي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "جنگ جو ميدان". انهيءَ حوالي سان جيڪڏهن شاهه سائينءَ جي "سُر ڪيڏاري" کي سنڌس رزميه يعني

جنگي شاعري ڪونجي تہ بہ درست ٿيندو ۽ ساڳيو ئي هي سُرَ ڪيڏارو شاهہ سائينءَ کي رزميہ شاعر بڻائي بہ پيش ڪري ٿو.

شاهہ سائينءَ جو سُر ڪيڏارو جيڪڏهن اسان غور ۽ فڪر سان پڙهنداسين تہ انهيءَ ۾ اسان کي سنڌي رزميہ شاعريءَ واريون سڀئي خاصيتون ڀرپور نموني ۾ نظر اينديون.

شاهہ سائينءَ سُر ڪيڏاري ۾ نہ صرف عليءَ جي اولاد، حسن مير حسين تي پنهنجي محبتن ۽ عقيدتن جي گلن جي ورڪا ڪئي آهي، پر پتائي پرجهل، جنگ جي ميدان جو نقشو بہ خوب چٽيو آهي، ميدان ۾ پهچڻ کان اڳ، محرم مهيني جو اچڻ، شهزادن جو گهر ڇڏي نڪرڻ، ميدان ۾ پهچڻ، دشمن سان دوبدو ٿيڻ، بهادريءَ سان وڙهڻ، سندرا ساهڻ، جنگ جي سختي، تلوارن جا ڪڙڪاٽ، اُڃ، پياس، وفاداريون بي وفايُون، حالتن جي تبديلي، سڀ ڪجهہ اهڙي تہ سهڻي ۽ چٽي نموني ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ ايئن محسوس ٿو ڪري تہ ڄڻ اجهو شاهہ سائين هن وقت ڪربلا جي ميدان ۾ بيٺو آهي ۽ اتان دردي نظارن جو دوبدو احوال بيٺو اوري.

اچو تہ ٿورو شاهہ سائينءَ جي لفظن ۾ شاعريءَ جي لڙهيءَ ۾ پويل ڪربلا جي ميدان جي منظرنگاري پڙهي ڏسون.

شاهہ سائينءَ محرم مهيني جي آمد تي عليءَ جي شهزادن جو فڪر ۽ انتظار بيان ڪري ٿو مگر ساڳئي وقت خداوند ڪريم جي بي نيازي ۽ بي پرواهيءَ کي بہ ڪونہ ٿو وساري. چوي ٿو تہ اهو بي پرواهہ بادشاهہ آهي جيڪو هميشہ پاڻ وڻنديون ئي ڪري ٿو، ڪائنس ڪوبہ پڇڻ وارو ڪونهي.

**ڏٺو محرم ماهَہ، سَنڪو شهزادن ٿيو،**

**ڇاٽي هڪ الله، پاڻ وڻنديون جو ڪري.**

سرڳواسي ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو رسالو هونءَ بہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جو اختصار آهي، تنهنڪري هن پنهنجي خيال موجب چونڊوان بيت ۽ وايون ڪٺي پنهنجي نسخي ۾ شامل ڪيون آهن پوءِ بہ سندس انتخاب موزون ۽ مناسب ٿو معلوم ٿئي.

شاهہ سائينءَ، امام حسين عليہ السلام جي مختصر لشڪر جو ڪربلا جي ميدان ۾ پهچڻ، خيمن کوڙڻ، سندن حوصلي، همت ۽ شجاعت جو منظر هن بيت ۾ کهڙي نہ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

**ڪربلا جي پِڙ ۾ خيما کوڙيائون،**
**جهيڙو يزيد سامهون، جُنبي جوڙيائون،**
**مُنهن نہ موڙيائون، پَسي تاءُ ترار جو.**

جڏهن جُنگ جوان جنگ جي ميدان ۾ هڪ ٻئي جي منهن مقابل ٿي جوٽئي جوٽين ٿا. تڏهن جيڪو هڻ وٺ وارو منظر ٿئي ٿو، تلوارون هڪ ٻئي سان ٽڪرجي، ٽڪرا ٽين ٽيون ۽ هٿيارن جي سرگم تي سر نچن ٿا ۽ ڏڙ ڏوڙ ۾ رقص ڪن ٿا. انهيءَ منظر کي پٽائيءَ ڏسو تہ ڪهڙي نہ من ڇهٽي انداز سان بيان ڪيو آهي. بلڪل ايئن محسوس ٿو ٿئي ڄڻ تہ اهي بهادُر پهلوان اسان جي نظرن جي سامهون تلوارون ٽڪرايو بيٺا آهن.

**ڪامل ڪربلا ۾ آيا جُنگ جوان،**
**ڌرتي ڏٻي لرزي، ترتليا آسمان،**
**ڪرهہ هٿي ڪان، هو نظارو نينهن جو.**

**بهادر ڳڏيا بهادرين، ڪرڳ ڪلول ڪن،**
**وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاڪارينِ هٽن،**

**ڪِرنِ، ڪنڌ نچنِ، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو.**

شاهه سائينءَ جي مشاهدي جي نظر ڪافي تيز ۽ حساس آهي. جتي پٺائيءَ ٻلوانن جي ڳالهه ڪئي آهي، اتي هن انهن عورتن کي به ڪونه وساريو آهي جيڪي پنهنجي ورن کي سچ ۽ باطل جي معرڪي ۾ ڪم ايندو ڏسن ٿيون. اهي ويچاريون جڏهن بي وَريون ٿين ٿيون، تڏهن سندن ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟ شاهه سائينءَ اهي نقش وري هيئن چٽيا آهن:

**جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون،**

**پايو ٻڪ ٻهار جا، اَن جون وَهون واڪا ڪنِ،**

**پِٽينِ پار ڪڍنِ، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو.**

بهادر ورن جون، بهادر ونيون، پنهنجي ورن جي مرتئي تي مغموم تَه ضرور آهن، سندن نيڻن ۾ نير ۽ لبن تي آهون ۽ دانهون ته ضرور آهن، پر سندن امنگ ۽ ارادا مضبوط ۽ مستحڪم آهن، اهي پنهنجي پهلوان ۽ اصول پسند ورن کي سچ، سونهن ۽ سرهاڻ جي حفاظت لاءِ، ڪچ، ڪِرپ ۽ ڪرهاڻ سان جهيڙيندي، پڙ ۾ پرزا ٿيندي ڏسڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿيون، پر بزدل تي پٺ ڏيئي ڀڄندي ڏسڻ هرگز پسند نٿيون ڪن. اهڙن احساسن جي اپٽار پٺائي صاحب هن ريت ٿو ڪري:

**پيڳو آءٌ نه چوان، ماريو ته وسهان،**

**ڪانڌ مُنهن ۾ ڏَڪڙا، سيڪيندي سُونهان،**

**ته پڻ لڄ مران، جي هُوَنِس پُٺِ ۾.**

**مَرُ، مَرين، آئون رئنءِ، موتي آءٌ مَر ڪانڌ،**

**ڪچن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينهڙا.**

سُر ڪيڏاري جي پهرين ٽن داستانن ۾ شاهه سائينءَ جنگ جي ميدان، قوم، وطن سچ ۽ اصول لاءِ جنگ جوٽڻ، پهلوان جي بهادريءَ، جنگي ساز سامان، هٿيارن جي استعمال، ڪٽڻ ۽ هارائڻ جي ڳالهه ڪري، رزميه شاعريءَ جي مڙني پاسن ڪان مضبوط نموني پيش ڪري نه صرف پاڻ کي رزميه شاعر جي حيثيت سان مڃايو آهي، پر اهو ثابت ڪيو آهي ته هو جنگي سپهه سالار وانگر جنگ جي مڙني اصولن، اهڃاڻن، جنگي ڪرتبن ۽ حڪمت عملين جي بيحد ۽ باڪمال ڄاڻ رکندڙ هو.

شاهه سائينءَ پنهنجي سُر ڪيڏاري جا باقي ٽي داستان سموري جا سمورا، حضرت عليءَ جي شهزادن، ڪربلا جي قضئي ۽ ڪربلا جي شهيدن جي فڪر کي ارپيا آهن.

شاهه سائينءَ نه صرف ڪربلا جو قضيو بيان ڪيو اهي پر ان جي تاريخي پس منظر جوبه احوال به ڏنو آهي.

عليءَ جي اولاد تي ٿيندڙ هن ڏهڪائيندڙ ستم تي شاهه سائينءَ نَه صرف افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيا آهن، پر ڪربلا جي سانحي کي قدرت جو راز، ڳجهه ۽ ناز به ڪوٺيو آهي.

**قضيو ڪربلا جو، نسورو ئي ناز،**

**ڪي رِند پروڙن راز، قضيو ڪربلا جو.**

**ڪا جا ڏَري ڏِنگري، ڪو جو وريو واءُ،**

**عليءَ شير وياءُ، رڻ ۾ پين راتڙي.**

يتائي تاريخي حقيقت ٻڌائيندي چوي ٿو ته: ”ڪوفي جي رهواسين خط لکي امام حسين عليه السلام کي ڪوفي اچڻ جي دعوت ڏني، پر پوءِ آهي حڪومتي جبر جي آڏو همت هاري پنهنجي اصولي موقف تان ڦري ويا ۽ امام جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ ڦري سندس دشمن تي

بينا ۽ يزيد جا جماعتي ۽ حمايتي ٿي ويا.

**ڪوفين ڪاغذ لکيو، وچ وجهي الله،**
**اسين تابع تنهن جا، تون اسان جو شاهُ،**
**هيڪر هيڏي آءُ، تہ تخت تابيني تنهنجي.**

**ڪوفين قهر ڪيو، تيا جماعتي يزيد جا،**
**پليتن ڪي پڙ ۾، ورنه ور پيو.**
**سڌر هونہ سِهو، شير شهادت رسيو.**

شاهہ سائينءَ ڪربلا جي ميدان ۾ هلندڙ جنگ دوران، حُرَ جي حسين عليہ السلام جي پاسي ڏي هلي اچڻ جو بيان بہ چٽيءَ طرح ڪيو آهي ۽ ان جي عزم ۽ قربانيءَ واري جذبي ڪي ساراهيندي پنهنجي شاعريءَ ۾ هيٺ ڏنل سُرهن لفظن سان ياد ڪيو آهي.

**حُر هلي آئيو، مانجهي مردانو،**
**مانَ راضي ٿئي رسول رب جو، نبي تو نانو،**
**هيءُ سر سَمانو، گهوٽ مٿان ٿي گهوريان.**

جهڙو ڪربلا جو دردناڪ قصو آهي، اوترو ئي پٽائي صاحب ان ڪي پنهنجي سُر ڪيڏاري ۾ سوز، گداز، تجسس ۽ نفاست سان ڳايو آهي. جيڪڏهن اسان شاهہ سائينءَ جي سُر ڪيڏاري ڪي سنڌيءَ ۾ ڳايل رزميہ شاعريءَ جو هڪ شاهڪار نمونو چئون تہ انهيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو.

شاهہ سائينءَ پنهنجي نفيس ۽ حساس شاعريءَ وسيلي جيڪي ڪربلا جي ميدان ۾ ٿيندڙ جنگي منظر محفوظ ڪري احساساتي عڪسن جو مجموعو جوڙي تاريخ جي حوالي ڪيو آهي ان ڪي باقي

رهندڙ دنيا جا واسي وڏي حيرت ۽ افسوس سان ڏسي ڏندين آڱريون ڏيندا رهندا.

اڇو تہ آخر ۾ امام حسين عليہ السلام جي شهادت ڪانپوءِ شاهہ سائينءَ جي چٽيل احساساتي عڪس کي اندر جي احساسن سان ڏسون! ايئن محسوس ٿو ٿئي ڄڻ اسين پاڻ ڪربلا ۾ موجود آهيون.

**ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن،**
**چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس،**
**ميڙي ۾ محمدﷺ جي، مر مرڪي ماس،**
**تنهن سورهيہ کي شاباس، جو مٿي پڙ پرزا ٿيو.**

## مددي ڪتاب


١. شاهہ جو رسالو - ڪلياڻ آڏواڻي

٢. شاهہ جو رسالو - غلام محمد شاهواڻي

٣. شاهہ جو رسالو - ڊاڪٽر هوتچند مُولچند گربخشاڻي

ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه

# مراد فقير جي شاعريءَ تي شاهه جو اثر

مراد فقير پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. هن ڇهن ٻولين ۾ شعر چيو آهي- سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ فارسي. سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ سندس ڪلام جو چڱو ذخيرو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي پيروي ڪندي پاڻ به سنڌ جي رومانوي قصن ڪهاڻين جي اوٽ ۾ تمثيلي شعر چيو اٿس ۽ فني گهاڙيٽو به چند وديا مطابق رکيو اٿس.

مراد فقير خاص طور تي شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف کان گهڻو متاثر نظر اچي ٿو. هن جي نقش قدم تي هلندي هن پنهنجي ڪلام ۾ عشق حقيقي ۽ تصوف جي موضوع تي خوب شعر چيو آهي ۽ عشقيه شاعريءَ ۾ درد جو بيان بي حد اثرائتي نموني ڪري ٿو.

عشق جي ميدان ۾ سر ڏيئي محبوب جو وصال حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه سائين سُر يمن ڪلياڻ ۾ پتنگ جي قربانيءَ جا بيت چيا آهن ۽ حقيقي عاشق کي اها قرباني ڏيڻ ۾ سکڻ جو سبق ڏنو اٿس ۽ پوءِ قربانيءَ جي ان علامت کي عاشق لاءِ استعاره طور استعمال ڪندي فرمايو اٿس.

**پتنگ چايين پاڻ کي، ته اچي اگ اجهايا**
**پتنگ چايين پاڻ کي، ته جيي پوءِ جاڻي.**
**پتنگ چايين پاڻ کي، ته پسي مچ مَ موٽ.**
(شهوائي – ص ١٠٦ ـ ١٠٧)

شاهه سائين وانگر، عاشق کي پتنگ کان قربان ٿيڻ جو سبق سکڻ لاءِ مراد فقير چوي ٿو:

**سامَنَ سڪَ مراد، چڙهي جا پر پتنگن،**
**اچن اجل سامهان، سُر جو سانگ نہ ڪن،**
**جن کي موت مشاهدو سي رتي ڪين رهن،**
**ساعت سين نہ سهن، پاڻ برابر پرچي،**
**جي ٻارين تہ ٻار، اندر باهہ برهہ جي،**
**متي مچ مراد چڙهي، ڪئي پتنگن پچار،**
**تہ جيڏي جانب نہ مڙي، توڙي حيلا ڪرين هزار،**
**دوساڻي درٻار، تا مٺا ڪن مشاهدو.**

(ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١٠٣)

مراد فقير جي ڪلام ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو سهڻو ۽ بامعني استعمال ٿيل آهي. مقامي ۽ علائقائي شين مان ئي انهن صنعتن لاءِ مثال کنيا اٿس. محبوب سان هڪ ٿي وڃڻ لاءِ چوي ٿو.

**تون آهين تيئن پرينءَ سان، جيئن پاڻيءَ ۾ ماڪ.**

عشق الاهيءَ ۾ من کي گهاٽي سان تشبيهہ ڏيندي چوي ٿو:

**چاڪي چتَ ”مراد“ ڪري گهاٽو من گهماءِ،**
**ساري سرت نرت جا ڏينهنڪ ڏاند وهاءِ،**
**ٿُهہ تاري ڪڍ من مون، سرنهن صاف پيڙاءِ،**
**تهان پوءِ تون لاءِ، لڱين تيل لقاء جو.**

(ڪنبڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١٢٨)

مراد فقير جو سنڌي ڪلام مختلف عنوانن ۾ ترتيب ڏنل آهي. سڀ کان پهريون عنوان آهي ”معرفت“، جيڪو موضوع توڙي مضمون جي لحاظ کان ۽ پڻ لفظي استعمال جي لحاظ کان بہ شاهہ جي سُر

سهڻيءَ جي زير اثر آهي. هن ۾ ١٢ بيت آهن. ٽيون عنوان آهي ”بيت سوال جواب سسئي جا“ هن ۾ مراد فقير جي طرفان سسئي کي مختلف هدايتون ۽ تنبيهون ڪيل آهن ۽ وري سسئي واتان ان جا جواب به پاڻ بيان ڪري ٿو. ان عنوان ۾ ڪل چوڏهن بيت آهن چوٿون موضوع ”بيت سسئي باب وصال“ ۾ ڪل چار بيت آهن. پنجون عنوان آهي. ”بيت سسئي (تاڪيد طلب)“ هن ۾ به چار بيت آهن.

مراد فقير رومانوي قصن مان سسئيءَ جي قصي ۾ سڀ کان گهڻا بيت چيا آهن. سسئي کان پوءِ ڇهون عنوان ”مومل راڻو“ آهي، ان ۾ چار بيت، ستون عنوان ”عمر مارئي“ جو، هن ۾ چار بيت آهن. ان کانپوءِ ”بيت نوري جا“ ۾ پنج بيت، ليلا چنيسر ۾ ٣ بيت، ”بيت گهاتو، جا“ ۾ ٽي بيت، بيت ساموندي“ ۾ ٻه بيت، پرڀاتيءَ ۾ نو بيت، پورب ۾ ٻارنهن بيت، ۽ چوڏهين ۽ آخري عنوان ”بيت متفرقه“ ۾ پنجويهه بيت ڏنل آهن. اهڙي طرح سندس سنڌي بيتن جو ڪل تعداد ١٢٩ آهي، جيڪو لطف الله بدويءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪنبڙي وارن جو ڪلام“ ۾ موجود آهي.

استعارن ۽ تشبيهن جي استعمال ۾ شاهه لطيف جو مراد فقير تي اثر تمام نمايان آهي. سندس پهرئين عنوان ”معرفت“ ۾ انهن ٻن صنعتن جي لحاظ کان ته شاهه جو اثر نه آهي. اڳتي سهڻي ميهار ۾ شاهه سائين سهڻي، عاشق حقيقي لاءِ، ميهار محبوب حقيقي لاءِ، مهراڻ يا درياءِ شريعت جي واٽ لاءِ مستعار ڪيا آهن. مراد فقير به اهو ساڳيو ئي استعاراتي طريقو استعمال ڪيو آهي.

شاهه صاحب چوي ٿو، سهڻي - داستان ٥، بيت ۴ ۾:

**گهڙيا سي چڙهيا، ايهر اتيئي،**

**مٺي متي مهراڻ ۾، پٺو تپو ڏيئي،**

**تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيٺاهہ سين.**

(شهواڻي – ص ٣٢٠)

مراد فقير مئي متي مهراڻ جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

**مئي متي مهراڻ جو نڪو آر نہ پار،**

**لهرين ليڪو ناهہ ڪو، اونهو جت اجهار،**

**اڻ تاري ڪي تار ۾، جيئن تارين تئن تار،**

**منهنجي ساڻ مهار، ڪج ملاقات "مراد" چئي.**

(ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام – ص ١٠٩)

شاهہ سهڻي داستان ٧ بيت ٢ ۾ فرمائي ٿو:

**ٻوڙين چاڙهين تون ڏئي! ٻي جو دعوا رسي نہ دم،**

**هن منهنجي خيال جو، ميهر ئي معلم،**

**رک ٻيلي جو ٻرم، جو اچي پئو اجهور ۾.**

(شهواڻي – ص ٣٣٧)

مراد چئي ٿو:

**ٻيلي تي مَ ٻلاءِ، جو ڪچي مان ڪين تئي،**

**توهہ تنهنجو آسرو، تو لهريون لس لنگهاءِ،**

**ڪهڙو ٻؤ ٻرين جو، جن ٻيڙي ٻاجهہ سنداءِ،**

**اچي ٻرين پاڻ ٻساءِ، ڪر مون تہ مهت "مراد" چئي.**

(ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام – ص ١١٠)

سسئي پنهون جي تمثيل ۾ مراد فقير جيڪو ڪلام چيو آهي ان ۾ مضمون ڪان علاوه استعاراتي استعمال يعني هوت وغيره حقيقي

محبوب لاءِ، سسئي سالڪ لاءِ، پنهور هن دنيا لاءِ مستعار ڪيا اٿائين. جن ڪي ان ئي ساڳي استعاراتي استعمال ۾ سندس همعصر سچل سائين وغيره ۽ متقدمين ۾ شاهه لطيف، شاهه عنايت ۽ ٻين بہ استعمال ڪيو آهي. شاهه سائين سسئي آبري، داستان ۵ بيت ۱۲ ۾ فرمائي ٿو:

**هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوه پهي،**
**"وفي انفسڪم افلا تبصرون" سوجهي ڪر سهي،**
**ڪڏهن ڪانہ وهي، هوت ڳولڻ هٽ تي.**

بيت ۱۳:

**هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪہ پرياڻ،**
**"ونحن اقرب من حبل الوريد" تهجو توهي ساڻ،**
**پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن ڪي.**

(شهواڻي - ص ۴۰۹)

مراد فقير وحدت الوجود جي ان نظرئي جي تشريح لاءِ ساڳيو استعارو استعمال ڪندي چيو آهي:

**وڃي ڪونہ ويوءِ، هوت تنهنجي هنج ۾،**
**ڇا ڪي ڏورين ڏونگرين، ساٿي هوت سندوءِ،**
**تو ۾ محب مراد چئي، لڪين ڪونہ لڪوءِ،**
**پس متان پرين پوءِ، اٿي پاڻئون پرين اوڏڙو.**

(ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام - ۱۱۵)

سُر "مومل راڻو" ۾ مراد فقير ڪردارن ۽ ماڳن جي استعاراتي استعمال کان علاوه محبوب کي پارس سان تشبيهہ ڏني آهي جيڪا شاهه لطيف بہ ڪجهہ هنڌن تي ڏني آهي، جيئن سُر پرڀاتيءَ جي بيت

٢٥ ۾ فرمائي ٿو:

**تون سپڙ آءُ سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏوهه،**

**تون پارس آءُ لوهه، سيجين تہ سون ٿيان.**

(شهواٽي - ص ١٣٢٣)

مراد فقير مومل جي زباني چورائي ٿو:

**تون سودو آهين سو، نہ جهڙا پيا جهان ۾،**

**پيا جي راڻا راڇيا، تر برابر تونہ،**

**تنهنجو مٽ مراد چئي، آءُ ڪامل ڪريان ڪونہ،**

**سرس ٿيان ڪون سون، جي اڇي پارس پاسو تون ڏئين.**

(ڪنڍڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١١٩)

نوري ڄام تماچيءَ جي قصي ۾ جنهن کي شاهه سائين "سُر ڪاموڏ" ۾ رچيو آهي ان ۾ جيڪا تمثيل رٿي وئي آهي تنهن ۾ نوري هڪ اهڙي ٻانهي جي علامت آهي جيڪو پنهنجا عيب ۽ اوڻايون تسليم ڪري، پنهنجي رب آڏو نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان ٻاڏائي ٿو، پنهنجا عيب ۽ هيڻايون بيان ڪري ان ڪان رحم ڪرم، عنايتن ۽ نعمتن جي خيرات گهري ٿو. هن تمثيل ۾ ڄام تماچيءَ کي ڏڻيءَ لاءِ مستعار ڪيو ويو آهي. هن ڪائنات جو ڏڻي بي نياز رب جيڪو پنهنجي ٻانهي جي آزين نيازين ۽ عجز و انڪساريءَ کي قبول ڪري، نہ صرف ان کي پر ان جي متعلقين تي بہ پنهنجي رحمتن ۽ نعمتن جي پالوٽ ڪريو ڇڏي. شاهه سائين، سُر ڪاموڏ داستان اول بيت ٥ ۾ فرمايو:

**تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،**

**هن منهنجي حال جي، تو کي سڀ پرک،**

**ڪارڻ رب الڪ، متان ماڳر متيين.**

بيت ١٠

**ڪڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇڄ،**

**پاند جنين جي پاند سين، لڳو تئي لڄ،**

**سمون چام سهڄ، ايو ڪري ان سين.**

(شهواڻي - ص ٨٥٨، ٨٥٩)

مراد فقير چوي ٿو، "بيت نوري جا"بيت ١:

**ڪني ڪوجهي ڪوڙي، نوري نماڻي،**

**هٿئون وٺي جنهنجي، ڪو پٽي نہ پاڻي،**

**سا محلن منجهہ مراد چئي، ٿي مرڪي مهاڻي،**

**جيلها سمي سيباڻي، تيلهان سونهن منجهہ سرتين.**

(ڪندڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١١٩)

"نوري جا بيت" ڪان پوءِ مراد فقير ليلا چنيسر جي مشهور داستان مان بيت چيا آهن. محترم غلام محمد شاهواڻي هن قصي جي روحاني رمز بيان ڪندي لکي ٿو تہ هن سُر ۾ الله پاڪ جي غيرت مند هجڻ ڏانهن اشارو آهي ۽ چنيسر مان مراد غيرتمند الله، ليلا مان مراد آهي اهو سالڪ جنهن کي هڪوار محبوب جو وصال نصيب ٿيو هجي پر دنياوي مزن تي هرکي اهو وڃائي وينو هجي. ڪنئوروءَ مان مراد آهي ڏتاريندڙ شيطان يا نفس، هار آهي دنيوي جنسار يا شيطان جو ڦندو. شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ ان تمثيل مطابق ڪلام چيو آهي ۽ ليلا کي تشبيهون ڪيون اٿائين. داستان ١ بيت ٨ ۾ فرمائي ٿو:

**مٺيو ناهہ مٺيون، جو تون پسي هار هرکين،**

**اصل آهي اِڳهين، سندو ڪوڙ ڪٺيون،**

**ان گھوڙن هنئين گهٽيون، دوسنئا دور ڪيون.**

بيت ٩:

**جو تو پانيو هار، سو سورن جو سگرو،**

**چنيسر چت ڪٽي، تيو پورهيت جي پار،**

**اوٺت جو آچار، ڪانڌ ڪهين سان مَ ڪري.**

(شهواڻي - ٦٧٥، ٦٧٦)

مراد فقير ليلا کي چوي ٿو،

**جو تو هاري پانيو هار، سو تان مٺيو مور مڪر جو،**

**هن ڪؤنرو ۾ ڏتيون ڪيتريون، ليلان لک هزار،**

**موهي منصوبي سان نر وئي وئي نار،**

**انهي مهل مراد چئي، ويلو اٿي وار،**

**نہ تہ موٽي چار چمار، دست نہ ايندؤ داسڙو.**

(ڪنڍڙيءَ وارن جو ڪلام - ١٢٠)

مراد فقير جو ڪلام شاهہ سائينءَ جي بيت ۾ تمام گهٽ آهي پر سندس مضمون مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هن جيڪي بہ سُر يا قصا، تمثيل طور بيان ڪيا آهن انهن ۾ ڪردارن يا ماڳن مڪانن جو استعاراتي استعمال ساڳيو شاهہ سائين وارو آهي. سُر سريراڳ ۾ شاهہ سائين داستان اول، بيت ۾ فرمايو آهي:

**سڙهہ سنوان لاڄو نوان، مِهاڻا سندس مير،**

**ساٿي سفر هليا، ٿيا سڻاوا سير،**

**جي اچن ساڻ اڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ سين.**

(شهواڻي - ص ١٩٨)

مراد فقير "بيت ساموندي" ۾ چوي ٿو:

**جنين جي جهاز ڪي ساچا سڙهہ سڪان،**
**ڏس ڏيهاڙي ڏيهہ جا، معلم ڏي مهندان،**
**سي ڪنڌي آيا خير سان، سفر صاب پيان،**
**ستڙ ساويرا ڊڪيا، بندو بار سندان،**
**سپي سنگ مٿان، تيڙا معاف مراد چئي.**

(ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١٢٢)

"سُر پرڀاتي" ۾ مراد فقير ڪنهن به سخيءَ يا ڏاتار جو نالو نہ ورتو آهي جيئن شاهہ سائين سمي ڄام سپڙ جو ورتو آهي. شاهہ سائين سپڙ سخي سردار کي ڏيهن جي ڏاتار، ڏٽي پاڪ لاءِ مستعار ڪيو آهي. شاهہ سائين فرمايو:

بيت ١٣:

**پاجهاٽو پيلي ڏٽي، پجهان پاجهہ ٿئي،**
**سپڙ سا سئي، جيڪا جارڻ جت ۾.**

(شهواٽي - ص ١٢٢٩)

مراد فقي چئي ٿو:

**سائل سٽي آئيو، سَپَڙ سر سندؤ،**
**ڪڏهن ڪونہ پڏؤ، تہ ڪو هتون موٽيو منگتو.**

(ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١٢٣)

شاهہ سائين فرمائي ٿو:

بيت ٩:

**اتو اپوجهبا سپڙ جو سڏ ٿيو،**

**جنءَ ائين ڪيرت نہ سڪيا، تنءَ پاٿان ريڏو راءِ،**

**مگو مون ملاءِ، آئون آوان جو آهيان.**

(شهواٽي - ص ١٢٢٨)

مراد فقير، بيت ۵ ۾ چئي ٿو:

**نہ مون ڪلهي ڪينرو، ڪيرت چاٿان ڪانہ،**

**تون اجهو اپوجهن جو، مهر پويئي مان،**

**مون تي ڪر مراد چوي، عنايت احسان،**

**جو تون سدا سلطان، تو نالائق نوازئين.**

**بيت ٦:**

**مون جيهو ڏڏ ڏيهہ ۾، تو جيهو ڏاتار،**

**جان چڪاسيم چوڌار، تان پيو ڪونهي مور مراد چي.**

(ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام - ص ١٢٣)

”پورب جا بيت“ جي عنوان هيٺ مراد فقير، حقيقي عاشق ۽ سلوڪ جي راهہ رمندڙ سالڪ لاءِ جوڳي ۽ ان جي ٻين نالن ڪي استعاره طور بيان ڪيو آهي، سندس متقدمين ۽ همعصر شاعرن شاهہ عنايت، شاهہ لطف الله، شاهہ لطيف، روحل فقير وغيره بہ اهو استعاراتي استعمال ڪيو آهي. شاهہ سائين خاص طور تي سُر پورب ۽ رامڪليءَ ۾ جوڳين جي جوڳ پچائڻ ۽ محبوب حقيقي سان وصال حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۽ سفر جو بيان ڪيو آهي. شاهہ سائين جوڳين جا جيڪي نالا ورتا آهن، انهن ۾ جوڳي سامي، آديسي، ڪاپڙي، نانگا، لاهوتي، بابو، اڌوت، سناسي، ويراڳي اچي وڃن ٿا، مراد فقير جي هن سُر ۾ بہ انهن نالن جو استعمال ٿيو آهي. تصوف جي چئن منزلن جو ذڪر بہ سيپ

صوفي شاعر ڪندا آيا آهن. شاهہ سائين سُر رامڪلي، بيت ۹ داستان، پنجين ۾ فرمائي ٿو:

**نـڳـئـا نـاسـوتـا، مـٿـيـائـون مـلـڪـوت ڏي،**

**جـوڳـي جـبـروتـا، وڃـائـي واٽ ٿـيـا.**

(شهواٽي – ص ۱۱۴۰)

مراد چوي ٿو:

**نـانـگي کي نـاسـوت، ڪـٽـي پـيـر پـسـايـو پر جـو،**

**تنهن ڪاهوڙيءَ ڪرو پيو، ڏس منجهون ملڪوت،**

**سـڃـاتـائـين سـپـريـن، جـاءِ وڃـين جـبـروت،**

**لنگهئو جن لاهوت، تان ٿيو هو ۾ محو "مراد" چئي.**

(ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام – ص ۱۲۷)

جوڳيءَ کي مختلف هدايتون ڪندي مراد فقير چوي ٿو:

**جوڳي تو نہ جڳاءِ، جو تون ڪَنَ چيرائين ڪاپڙي،**

**سـامـي سـانـت صـبـر جـي، مـن ۾ مـنـدرا پـاءِ،**

**سـڪ سـڱـي ڪـر سـڃـٽـا، ويـنـو ويـر وڃـاءِ،**

**سـيـلـهـي مـيـل، پـريـت پـٿـر، انـدر الـک جـاڳـاءِ،**

**لـڱـين رک لـقـا، جـي لاهـوتـي تـون لاءِ،**

**روح ۾ رام ريجهاءِ، ڇڏ باهريان مڪر "مراد" چئي.**

(ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام – ص ۱۲۵)

شاهہ سائين "سُر ڪارايل" ۾ هنج، مور، ڪانگ جو جيئن استعاراتي استعمال ڪيو آهي، ان جو اثر مراد فقير جي هن بيت تي

صاف صاف نظر اچي ٿو.

شاهہ سائين سُر ڪارايل - بيت ٢٩، داستان ١ ۾ فرمايو:

**ويا مور مري هنج نہ رهيو هيڪڙو،**
**وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيئرن جو.**
(شهواڻي - ص ١٢١٨)

مراد فقير چوي ٿو:

**ويا هنج هلي، آيا ڪانو ڪنبن تي،**
**مورن جي مراد چئي، مرن جاءِ جهلي،**
**چپن ساڻ چلي، ٿي مينا مقالون ڪري.**
(ڪندڙيءَ وارن جو ڪلام - ١٣٢)

شاهہ لطيف ۽ مراد فقير جي ڪلام جي تشبيهہ نگاري ۽ استعاراتي استعمال جي ڀيٽ مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ هي صوفي شاعر پنهنجي صوفيانہ تخيل جي بيان ۾ مضمون توڙي موضوع جي لحاظ کان شاهہ سائينءَ جي زير اثر آهي ۽ تصوف جي نظريہ وحدت الوجود جي تشريح خاطر هن مختلف لوڪ داستانن جي تمثيلي پيشڪش ۾ استعاراتي استعمال بہ شاهہ وارو ڪيو آهي. البت تشبيهہ جو استعمال تمام گهٽ ڪيو اٿس ۽ انهن ۾ بہ ڪا هڪ پہ شاهہ سائين جهڙي آهي.

## حوالا

١. لطف الله بدوي (مرتب)، "ڪندڙيءَ وارن جو ڪلام". سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان - ١٩٦٤ع.

٢. شاهہ جو رسالو - غلام محمد شاهواڻي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير ۽ تدبير جو فلسفو

نـہ ڪانـي نـہ ڪانـهـن، نـڪـو ڏوهـ قـلـم جـو،
انـگ اتـيـئـي لـکِـئـو، جـت نـہ رسـي ٻـانـهـن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، جيئن قضا قلم وهايو.
(سهڻي، ۲۰/۹)

شاهه لطيف جي هن بيت پڙهڻ ڪانپوءِ اسان جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا شاهه تقدير پسند هو، قسمت ۾ سندس ويساهه هو؟ ۽ جڏهن ساڳئي وقت سندس هيٺيان بيت اسان غور سان پڙهون ٿا:

ٽـڪـيـائـي ٽـر ٽـيـلـهـہ، ڇڙهہ ڇـڪـيـائـي ڇـوٽـيـن،
هـلـنـدي هـوت پـنـهـونءَ ڏي، ڀَـؤ مَـڙيـئـي ڀـيـل،
اٿـــي رَاتـــو ريـــل، ويـــنـــيـن تـــان واري وري.
(آبري، ۲۵/۸)

ســـتـــا اٿـي جـــاڳ، نـنـڊ نـہ ڪـجـي ايـتـــري،
سـلـطـانـي سـهـــاڳ، نـنـڊون ڪـنـدي نـہ مـلـي.
(ڏهر ۳/۸)

تـتـيءَ تـڏيءَ ڪـاهہ، ڪـانـهـي ويـل وهـڻ جـي،
مـتـان ٿـئـي اونـداهہ، پـيـر نـہ لـهـين پـرينءَ جـو.
(حسيني ۱۸/۲)

تہ مامرو مختلف ٿو لڳي. ان مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو سگهجي تہ شاهه تدبير پسند بہ هو تہ شاهه وٽ جدوجهد ڪرڻ ۽ تقدير

بدلائڻ جو تصور به هو. فڪري طور فلسفي جي دنيا ۾ جبريت (Determinism) يا ارادي جي آزادي (Freedom of will) به وڏا مڪتبه فڪر آهن. دنيا جي هر فلسفي ۽ مذهب انهي فڪر کي زندگيءَ جا اسرار سمجهڻ لاءِ ضرور ويچاريو آهي. شاهه وٽ به انهي فڪر جي پنهي پاسن جا واضح اشارا ملن ٿا.

جيڪڏهن تقدير ۽ تدبير به الڳ مڪتبه فڪر آهن ۽ اهي به بلڪل مختلف ۽ هڪٻئي جا مخالف فلسفا آهن ته پوءِ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڪ ماڻهو پنهي تي يقين ڪري.

اچو ته غور ڪريون ته تقدير جو فلسفو ڇا آهي. قرآن شريف ۾ چيل آهي ته: ترجمو: خدا جا سڀ قانون لوح محفوظ (Divine Tablet) ۾ محفوظ آهن. (پ ١١، ١٠ : ٦١)

ٻي جڳهه تي لکيل آهي ته: ترجمو: ”خبردار ٿي وڃو ته هر چيز ان جي قدرت هيٺ آهي.“ (پ ٢٥، ٤١ : ١٤)

هاڻي اسان ڏسنداسين ته اسلام ۾ هر چيز کي حرڪت ۾ آڻيندڙ خدا آهي. ساڳئي وقت فطرت جا قانون اٽل آهن يعني فطرت جا قانون بدلجي نٿا سگهن. مادي ۽ روحاني چيزن جو وجود اُنهي ڪري آهي ته انهن جا طئي شده قانون آهن. جيڪڏهن قانون نه هجن ها ته شيون پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهن ها. چو ته اسان ٻج پوکينداسين ته فطرت جو اصول آهي ته ان مان وڻ پيدا ٿيندو، اهو آهي ٻج جو جبريت يعني تقدير وارو پهلو- پر جي ان ٻج مان ڪو جانور پيدا ٿي پوي ته پوءِ چئبو ته شيون دائمي اصول نٿيون رکن. دائمي اصول نه هجي ها ته هيءَ دنيا ئي شايد نه هجي ها.

قرآن شريف ۾ آيل آهي: ترجمو: سو توهان الله جي طريقيڪار ۾ ڪابه تبديلي نه ڏسندا. (پ ٢٢، ٣٥ : ٤٣)

يا

ترجمو: الله جي ناهيل (فطرت) ۾ تبديلي نٿي ٿي سگهي. (پ ١، ٣٠، ٣٠)

اسان انهي ڳالهه کي هيئن به سمجهي سگهون ٿا ته فطرت مادي مظهرن ۾ بغير شعور ۽ جان جي هڪ فطرتي اصول ۾ ٻڌل آهي ۽ جانور جڏهن حرڪت ڪري ٿو ته سندس حرڪت به فطرتي اصولن مطابق آهي پر سندس حرڪت جو جوهر سندس دماغ آهي. هاڻي سندس هر حرڪت جو نتيجو فطرت جي اصولن مطابق طئي شده (Cause and effect) مطابق نڪرندو، جهڙي حرڪت ڪندو اهڙو نتيجو نڪرندو، هاڻي ان شعور تي منحصر آهي ته حرڪت فطرت جي اصولن کي ذهن ۾ رکي ڪري ٿو يا نه! جيئن ئي ڪو غلط قدم کڻندو نتيجو غلط ۽ نقصان ۾ نڪري سگهي ٿو. انهي ڪري شاهه لطيف چيو هو:

**دنيا سپ درياهه، ڪو ڪو تارُو تنهن ۾،**
**هڪڙي لهر لوپ جي، ٻيو آتشي اوڙاهه،**
**طالبن توڙان، موڙي چاڙهيون مڪڙيون.**
(سُر سريراڳ ٧/٥)

هاڻي فطرت جا طئي شده اصول عام تقدير يا جبريت (Determinism) آهي ۽ انسان جو شعوري قدم يعني حرڪت سندس ارادي جي آزادي آهي، سندس قابليت ۽ هوشياري تدبير آهي.

انهي ڪري قرآن شريف ۾ آيل آهي: ”الله ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين اها قوم پنهنجي حالت خود نٿي بدلائي.“ (پ ١٣، ٨ : ١١)

هاڻي تقدير ۽ تدبير جو فلسفو شاهه لطيف به ائين سمجهايو

آهي ته ڪابه شيءِ اوچتو تبديل نه ٿيندي آهي، نه وري ڪا اوچتو تقدير خراب يا سٺي ٿيندي آهي. سڀ ڪجهه فطرتي حالتن مطابق پنهنجي عمل ۽ رد عمل طور آهستي آهستي ٿيندو رهندو آهي.

**چنيسر جي چت ۾ ڪي جو اڳ هئو،**

**مٿيي سندو مامرو، تهان پوءِ ٿئو.**

(سُر ليلا، داستان ١، بيت ٨)

هڪ مسلسل ارتقا آهي. شين جي تقدير جيڪڏهن اوچتو بدلجي يعني ڪنهن مادي مظهر يا اصول کان الڳ ڪا تبديلي ٿئي ته اسان ان کي معجزو چوندا آهيون يا ڪرامت. پر گهڻيون اهڙيون شيون جيڪي اسان کي سمجهه ۾ نه ايندڙيون آهن، انهن کي به اسان معجزو چوندا آهيون. پر اها تقدير ناهي. وحدت الوجود واري نظريي مطابق تقدير لازمي آهي، جو ته هر شيءِ ۾ خدا جو ڪثرتي روپ آهي، ته پوءِ سڀئي شيون هڪ ئي رخ ۾ ۽ هڪ ئي اصول تحت جبريت ۾ آهن، انسان ڪا الڳ هستي آهي ئي ڪونه. پوءِ ارادي جي آزادي ڇا جي؟ نه وري ڪو برائي يا ڀلائي، گناهه ۽ ثواب جو ڪو حتمي جواب اسان جي سامهون اچي ٿو. امام غزالي جي بقول ته ”هي دنيا ڪو خواب آهي جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون، ٿي سگهي ٿو جاڳڻ مهل ڪا اصلي دنيا ٻي هجي.“ ته پوءِ خواب ۾ ماڻهو آزاد ۽ مرضيءَ وارو نه هوندو آهي، تنهن ڪري اسان جو هر عمل طئي ٿيل آهي، ان جي ڪنهن به سٺائي يا خرابي جا ذميوار اسان ناهيون.

پر لطيف وحدت الوجود جي روايتي فلسفي کان هٽي ڪري اسان کي ارادي ۽ جدوجهد جو رُخ ڏيکاري ٿو.

**هتان ڪٽي هت، جن رکيو سي رسيون،**

**ساجن سونهن سرت، وڪان ئي ويجهو گهٽو.**

(آبري ٢/٢)

عام طور سان صوفيءَ کي رضا تي رهڻو آهي، صبر ۽ شڪر سان سڀ ڪجهه سهڻو آهي پر لطيف وٽ ڪٿي پنهنجي گهرج وڏيڪ اهميت رکي ٿي.

**صبر ۽ شڪر کي، ڪاڏي آئون ڪندي،**

**آهيان جنهن سندي، سوئي گهرجي ساڻ مون.**

(آبري، ١/٩)

شاهه لطيف نه صرف جدوجهد جي ڳالهه ڪري ٿو بلڪه ان تي ڪامل يقين اٿس ته مسلسل انسان پنهنجي ارادي سان، يقين سان منزل حاصل ڪرڻ چاهي ته اهو ممڪن آهي پر مستقل مزاجي ضروري آهي يعني انسان لاءِ سندس قسمت ناهڻ وارو رُخ اهو آهي ته هو جدوجهد ڪندو رهي، مايوس نه ٿئي آخر هڪ ڏينهن حالتون بدلجي وينديون.

فطرت پنهنجي اصولن ۾ نوس آهي پر حالتون بدلجنديون رهن ٿيون، انهي ڪري جنهن وقت به ڪنهن عمل جو سبب پيدا ٿئي ٿو ته نتيجو پڌرو ٿي پوي ٿو. مثال ڪو ٻج زمين ۾ مهينن کان پيو آهي پر اوچتو برسات وسي ٿي ۽ زرخيزي ملي ٿي ته ٻج ڦٽيو پوي، ڇئبو ٻج جي قسمت کلي پئي.

**صبر گهڻو سفرو، ٻي جڳائي ماٺ،**

**پيو لتاڙج لطيف چئي، چرچ مَ اڳيان چاٺ،**

**ڏجڻ پون ڪاٺ، سچڻ ٿين سامهان.**

(شاهه)

اهو ساڳيو فلسفو آهي هن بيت ۾، چون ٿا ته قيامت جي

ڏينهن جڏهن حساب ڪتاب ٿي ويندو، جهنم جي سزا ڪاڏل ماڻهن کي ملائڪ جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا هوندا تہ ڪجهہ ماڻهو بار بار پويان نهاريندا انهن کان پڇيو ويندو تہ هاڻي تہ حساب ڪتاب ٿي ويو سزا ملي ويئي پوءِ توهان بار بار پويان ڇو ٿا نهاريو، تنهن تي اهي ماڻهو چوندا تہ انهي ڪري پويان ٿا نهاريون تہ اسان الله جي رحمت مان اجان بہ مايوس ناهيون، ٿي سگهي ٿو تہ الله تعاليٰ معاف ڪري ڇڏي. انهي تي الله تعاليٰ خوش ٿي انهن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ کين جنت ۾ موڪليو ويندو.

انهي ڪري ٻڌائي ڇيو آهي تہ:

**جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائج،**

**آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهينڊڙ گهڻو.**

(ليلا ٣/٩)

قسمت بدلجڻ جو فلسفو اهو آهي جو مسلسل جدوجهد ڪجي ڪنهن بہ مايوسيءَ کان بغير همت نہ هارجي ۽ مضبوط ارادو (Will Power) پيدا ڪجي، مذهب ۽ لطيف وٽ اهو ئي فلسفو آهي تہ جبريت لازمي آهي پر جبريت جي حصار کي ٽوڙڻ لاءِ تمام وڏي قوت ارادي جي ضرورت آهي. اڄڪلهہ جديد نفسيات بہ اها ڳالهہ مڃي ٿي تہ گهڻن بيمارين جو بنياد ذهني شڪست آهي، جڏهن ذهن ٿڪجي پوي ٿو تہ همت نٿي رهي.

**جهونو ٿئو جهاز، سٽ نہ سهي سڙهہ جي،**

**ڀڳهہ پراڻا ٿيا، سڙيو سيوئي ساز،**

**معلم ٿئو محتاج، ٻيڙو وس ٻين جي.**

يا

**هٿندي ٿڪر هٿ، هينئڙي هجون ڇڏيون،**
**لڪ لهرن گڏئو، موجون وريون مَتَ،**
**نِيَمر ڪُن قوت، پرِيليرا سپرين.**

(سهڻي ٢٣/٨)

يا

**هينئڙي حجون ڇڏيون، قوت رهيمر ڪانہ.**

(سهڻي ٢۴/٨)

جبريت جا مختلف پرت آهن: سماج، ڪلچر، روايتون، طبقاتي گهٽ وڌائي، ذهني ۽ جسماني معذوري ۽ فطرتي جبر.

هڪ دوست ٻڌايو تہ ڪنهن چرئي کي ماني هٿ آئي جيڪا هو مخصوص انداز سان کائي رهيو هو، مان سندس سامهون وڃي بيٺس، چيم، "يار مون کي ماني کارائي" چريو خاص انداز سان اکيون شوخ ڪري ڏسندو رهيو، صفا ويجهو وڃي چيومانس ، "مون کي بہ ماني کارائي، "پاڻ هڪدم هٿ کڻي مون ڏانهن ڇيائين "چريو ٿيو آهين ڇا؟". بظاهر تہ هي هڪ لطيفو آهي پر توهان اندازو لڳايو تہ هن ۾ ڪيڏي اهم ڳالهہ سمايل آهي تہ چرئي کي خبر آهي تہ هو ائبنارمل آهي هن سان هڪ نارمل ماڻهو ماني گڏ کائي تہ اها ائبنارملٽي (غير رواجي ڳالهہ) چئبي يعني چريو ٻن واضح شين ۾ فرق محسوس ڪري پيو پر پوءِ بہ هو ان ائبنارملٽي مان نڪري نٿو سگهي. اها آهي Psycho Cultural Determinisim جنهن مان چرئي جو نڪرڻ محال آهي، بلڪل ائين جيئن ڊپريشن جي مريض کي ڊاڪٽر ٻڌائيندا آهن تہ توکي ڊپريشن آهي، ذهني طور مايوسي ۽ ڏک کي حاوي ڪرڻ سبب پيدا ٿيو آهي، همت ڪر، ارادي جي مضبوطي ڪر، مڙس ماڻهو ٿي تہ نيڪ ٿي پوندين پر اهو جبريت جو حصار ڏاڍو سخت آهي ان مان نڪرڻ لاءِ وڏا

ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا. بلڪل ايئن شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

**وِهَڻُ ويچن وٽ، جي سگھين تہ سگھو ٿيين،**
**اڳين عادت مَٽِ، تہ اگھا عاجز نہ ٿيين.**
(يمن ڪليان، ۲/۱۴)

"اهڙي طرح اسان وٽ طبقاتي سماج ۾ غريب کي چيو ويندو آهي تہ تنهنجي قسمت ۾ اها غريبي آهي ۽ استحصالي قوتون پنهنجي اميريءَ جو سبب بہ سٺي قسمت ڄاڻائي استحصال جو جواز پيدا ڪنديون آهن. انهي جو جواز ڪڏهن رجعت پسند قوتون مذهب ۾ ڳولينديون آهن پر تقدير جي مسئلي تي بحث ڪرڻ اسلام جي بنيادي رڪنن مان نہ آهي، انهي ڪري رسالت جي دؤر ۾ اصحابن جي وچ ۾ انهي موضوع تي بحث ٿيندو هو تہ پاڻ سڳورا[۳] صحابين کي فضول بحثن ۾ پوڻ کان منع ڪندا هئا."(۱) (ماضي کے مزار)

بنيادي طرح تقدير جو مسئلو حڪمرانن ۽ جاگيردارن پيچيده بنائي انسان کي صرف مجبور ۽ عاجز بنائي ڇڏيو تہ جيئن ماڻهو ايئن سمجهن تہ انهن جا ڏک ۽ مصيبتون سياسي ۽ معاشي نظام جون پيداوار نہ پر ازل کان لوح محفوظ جون لکيل آهن. جڏهن تہ هڪڙو سٺو معاشي نظام، سٺي تعليم، سٺي معاشري کي جنم ڏين ٿا ۽ ماڻهو سک سهوليتون حاصل ڪري سگهي ٿو، سندس تقدير بدلجي سگهي ٿي.

انهي ڪري شاهہ لطيف چيو هو:

**سورهہ مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار،**
**هڻ ڀالا پوءِ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،**
**مَ ٿيڪ تراز، مار تہ منتارو ٿئين.**
(ڪيڏارو ۵/۳)

ان کان پوءِ فطرتي جبريت آهي جنهن جا سبب مادي جي

خاصيتن کان علاوه نامياتي ڪيميا (Organic Chemistry)، لاشعور جو نظريو (Theory of Unconsious) ۽ جينياتي سائنس (Genatic Science) ۾ ڏسي سگهجن ٿا. فرائيڊ جي لاشعور جي نظريي ۽ جبريت پسنديءَ جا نڪتا نروار ٿين ٿا ته ٻار جي ڄمڻ کان سندس پهريان پنج سال بنيادي حيثيت رکن ٿا جيڪو ڪجهه هو پهرين پنجن سالن ۾ ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو انهي جو اثر سندس سڄي زندگيءَ تي رهي ٿو. ماڻهوءَ جون گهڻيون نفسياتي بيماريون ۽ مختلف حرڪتون سندس لاشعور ۾ دفن ٿيل گهڻين ئي خواهشن ۽ المين جي ڪري ٿينديون آهن، انهي ڪري انسان قيد آهي، سندس لاشعور هٿان مجبور آهي . انهي ڪري مير تقي مير چيو هو:

**ناحق ہم مجبوروں پہ تهمت ہے مختاری کی،**
**چاہتے ہیں سو آپ کرے ہیں ہم کو عبث بدنام کیا.**

اڄڪلهه جي جينيٽڪ سائنس اهو ثابت ڪيو آهي ته انسان جو جسم سندس هيئت، سندس شڪل، سندس بيماريون، سندس ذهانت سڀ مؤروثي طور طئي ٿيل آهن، اها جبريت جي شڪل انساني نسل کي مورثي طور ورثي ۾ مليل آهي جيڪا خود ميڊيڪل سائنس تبديل ڪري سگهي ٿي پر هڪ وڏي ڏکهي عمل جي سلسلي کان پوءِ.

شاهه لطيف چيو هو:

**توڙي ولاڙون ڪرين، توڙين هلين وڪ،**
**لکئي منجهان لِک، ذرو ضايع نه ٿئي.**
(معذور ٢٣/٩)

اها جبريت جي شڪل فطرتي آهي، جنهن لاءِ لوح محفوظ جو ذڪر قابل قبول ٿي سگهي ٿو پر اها تقدير انفرادي طور آهي. شاهه لطيف انهي تقدير جو ذڪر بار بار ڪيو آهي.

**لکئو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نه ٿيي،**
**پاريو ويئي پار، جيڪي لالڻ لکئو لوح ۾.**
(سُر معذور، داستان ۱، بيت ۱)

**جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾،**
**تتي تيتريون، گھڙيون گھارڻ مون آيون.**
(سُر معذور، داستان ۹، بيت ۲۲)

تقدير جي فلسفي خلاف پهريون يوناني فلسفي ايپي ڪيورس (Epicurus) هو جنهن انسان کي سندس هر ڪم جو ذميدار بنايو. ڇو ته هو انسان جي جوهر کي لذت ۽ سرور کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه سمجهندو هو ۽ ساڳيءَ طرح وجدانيت (Intuitionism) جا فلسفي تدبير جا يا ارادي جي آزاديءَ جا قائل هئا. جن ۾ برگسان ۽ علامه اقبال اهم آهن. هنن جي نظر ۾ حقيقت هڪ آهي جنهن کي اسان وجدان جي ذريعي ڄاڻي سگهون ٿا. بظاهر ته هي فلسفو عقل جي خلاف آهي پر هن ۾ ذاتي شعور تي ۽ علم جي حصول تي ڏاڍو پروسو آهي شايد علامه اقبال انهي ڪري چيو هو ته:

**وہی ہے صاحب امروز جس نے اپنی ہمت سے،**
**زمانے کے سمندر سے نکالا گوہر فردا.**

ڇو ته علامه اقبال جي خيال ۾ آزادي ۽ اختيار هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جو تجربو پنهنجي ذات جي گهرائين ۾ وڃي حاصل ٿئي ٿو. اقبال جي فلسفي ۾ مادي فطرت ۾ جبر هڪ خاص حد اندر حقيقي آهي پر شعور ۽ ارادي جي خاصيت خود اختيار ڪيل آهي. جديد وجوديت ۾ سارتر جي خيال ۾ انساني فطرت جهڙي ڪا شيءِ ناهي جيڪڏهن روح ۽ مقدر جهڙن قدرن کي مڃبو ته پوءِ تقدير زندگي جو لازمي جزو هوندو، تنهن ڪري هڪ پاسي انساني آزادي آهي ٻي پاسي لوح محفوظ

۾ لڪيل تقدير آهي جو ته انسان جوهر کان بغير صرف وجود آهي تنهن ڪري ڪو مقدر ڪٿي پيدا ڪونه ٿيو آهي. تنهن کان پوءِ سارتر وٽ آزاديءَ ۾ غير جو وجود وڏي رڪاوٽ آهي جو ته هر ماڻهوءَ جي آزادي جو دائرو ٻي جي آزادي جي دائري سان ملي ٿو تنهن ڪري وري به آزادي هڪ خاص حدبندي ۾ محدود آهي.

بنيادي طرح انسان پنهنجي شعور ۾ آزاديءَ جو احساس رکي ٿو ۽ انهي احساس جبريت جي خلاف مهاڏو اٽڪائيندي وڌيڪ آزاديءَ جو دائرو وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر انسان جي آزادي جو دائرو محدود آهي، ڪا خواهش پوري ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻا پون ٿا جو ته خواهش جي تڪميل مادي عمل ۽ ذهني سوچ جي نتيجي ۾ پوري ٿئي ٿي. ايئن نٿو ٿي سگهي ته اسان درياهه جي ڪناري تي ويهون ۽ اڃ اجهامي وڃي. قرآن شريف ۾ آيل آهي ته:

ترجمو: "جيڪڏهن ڪو شخص پاڻيءَ ڏانهن هٿ وڌائي ته جيئن ان جي وات تائين پهچي وڃي ته ائين ڪڏهن به نٿو ٿي سگهي. (پ ١٣، ١٣: ١٤)

انهي ڪري انسان کي محنت ضرور ڪرڻي آهي، پاڻ کي قوت ارادي سان ثابت قدم رکڻو آهي. شاهه لطيف جو هي شعر ڏسو:

**تپي ڪنڌين ڪوه؟ ڏونگر ڏکوين کي،**
**تون جي پهڻ پپ جا، ته لڳ منهنجا لوه،**
**ڪنهنجو ڪونهي ڏوه، امر مون سين ايئن ڪيو.**
(ڪوهياري ٢/١٨)

هن شعر ۾ تقدير ۽ تدبير ٻنهي جو تڪرار آهي هڪ طرف جبريت آهي ٻي طرف ارادو مضبوط آهي تقدير جي جبر خلاف چئلينج آهي، مهاڏي اٽڪائڻ ۾ جياپو آهي، يعني تقدير قابل قبول آهي، انڪار

ڪونهي پر تقدير جي جبر ۾ لڙهي ناهي ويٺو. ڪهڙيون بہ حالتون هجن مسلسل جدوجهد ڪرڻي آهي. هڪڙي طرح شاهہ لطيف وٽ تقدير ۽ تدبير ٻئي هڪ سِڪي جا ٻہ پاسا آهن. انهي ڪري خواجہ محمد زمانؒ جن تقدير بدلائڻ جو فڪر ڏيندي چيو هو:

**ويهہ وجي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،**
**ميٽِئو انگ اڳيون، واري ٻئو لکن،**
**پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسين پرين ڪي.**

مجموعي طور تقدير هن ڪائنات جي فطرت جي خمير ۾ موجود اصول ۽ قانون آهن. پر انسان جو تہ هڪ حرڪي جاندار آهي جيڪو شعور رکي ٿو انهي ڪري پنهنجي ارادي، عمل ۽ پنهنجي جدوجهد ذريعي آزادي حاصل ڪري ٿو ۽ جبري قانونن ۾ رهندي پنهنجي فائدي جا جزا ڳولي وٺي ٿو.

## مددي ڪتاب


١. شاهہ جو رسالو. ڀاڱو ١، ٢ ۽ ٣. ڀانهون خان شيخ. شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

٢. قرآن مجيد اور مروجہ اسلام. ڪريم بخش سکهاني جامپوري.

٣. تفسير الهام الرحمان ۽ مختلف سورتون. اداره فڪر اسلامي ڪراچي، مولانا عبيدالله سنڌي. سنڌيڪار اڪيڊمي.

۴. ماضے کےمزار. سبط حسن. مکتبہ دانیال، ٻراچی.

۵. ڪلاچي، شمارو ۴ جلد ۵. مضمون حافظ حبيب سنڌي.

6. Types and Problems of Philosophy - Hunter Mead - Holt Rinchart and winston U.S.A. and London, 1962.

٧. شاهہ جو رسالو (الف - ب وار). ڊاڪٽر محمد عالم سومرو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩۴ع.

رخمان گل پالاري

# شاهہ ۽ ڏور بيت

هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي تہ سنڌي لوڪ ادب دنيا جي سيني ٻولين جي لوڪ ادب کان وڌيڪ شاهوڪار آهي. منجهس پرولين جا ئي ايترا قسم آهن، جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ لوڪ ادب ۾ ايتري جهجهي تعداد ۾ نٿا ملن. منجهس ڪي اهڙيون نراليون صنفون بہ ملن ٿيون، جن جو دنيا جي لوڪ ادب ۾ ڪو اولڙو بہ نظر نٿو اچي، جيئن سنڌي لوڪ ادب جي سگهاري صنف "ڏور" آهي. دنيا جي لوڪ ادب ۾ "ڏور" جي فن جهڙو هڪ اڌ مثال بہ نٿو ملي، ۽ نہ ئي وري شعري صنف جي حوالي سان انگريزي، هندي، فارسي توڙي عربي زبانن جي ڪا شعري صنف "ڏور" جهڙي آهي. اها نج سنڌي فن جو نمونو آهي ۽ اهو سنڌ ڌرتيءَ وارن جي سگهڙ پائيءَ، سُچيتائيءَ ۽ دانائيءَ جو ڪمال پڻ آهي. "ڏور" ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ سلڻ ۾ وڌيڪ اوکو آهي. ڏور جو قالب بيت آهي! ڏور جو گهاڙيٽو ساڳيو سنڌي بيت وارو آهي، فني ڪاريگري توڙي لفظي سٽاءَ جي حوالي سان چئڻ تہ ڏور ۽ بيت جاڙا ڀائر آهن. ڏور جي ڪچهريءَ ۾ سگهڙ عام طور چوندا، "ادا بيت ڏي" "ادا بيت سجو ڪر" يا "ڪچهري! اچي ٿو بيت" تہ هتي بيت مان مراد "ڏور" آهي. عام بيت جي ڀيٽ ۾ ڏور جي بيت جي هيءَ سجاڳپ آهي تہ منجهس معنيٰ جي لحاظ سان "تمثيل" سمايل هوندي آهي، يعني مراد ۽ معنيٰ واري "اصلي" يا لڪل ڳالهہ ڪي بيت ۾ ٻي هڪ "نقلي" يا ظاهري ڳالهہ وسيلي اهڙي طرح ادا ڪيو وڃي جو اصلي ڳالهہ وارن ڪردارن ۽ سندن عملن جو هوبهو عڪس نقلي ڳالهہ جي ڪردارن ۽ سندن عملن سان ڀيٽجي اچي، انهيءَ عڪس، نقل يا مثال واري صفت کي ادبي اصطلاح ۾ "تمثيل" سڏجي ٿو.

سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻ سگهڙن اصل ڳالهه جو دائرو قدرت جي ڪرشمن، نبين، اصحابن، امامن، ولين ۽ انهن عظيم شخصيتن جي سوانح جي واقعن، معجزن، ڪرامتن تائين وڌايو آهي، يعني ته ڏور جي ”اصلي ڳالهه“ انهن ڪرشمن، واقعن معجزن ۽ ڪرامتن بابت هجي. ان ”اصلي ڳالهه“ جو عڪس، نقل يا مثال جنهن ظاهري بيت ذريعي ادا ڪيو وڃي سو گهڻو ڪري سنڌ جي عام مشهور قصن، داستانن، تاريخي واقعن جي تاڻن، تڪاڻن ۽ اهڃاڻن يا روزاني زندگيءَ جي ڪمن ڪارين ۽ وهنوارن ذريعي ادا ڪيل هجي.

ڏور جي معنيٰ مفهوم، ماهيت، لفظي سٽاء، فني ڪاريگري قاعدن، قانونن ۽ قسمن جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، جنهن لاءِ سندس سهيڙيل ڪتاب ”ڏور“ ڏسڻ وٽان آهي، ٻين عالمن جهڙوڪ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، الهه بخش نظاماڻي وغيره به پنهنجي وسان ناهي گهٽايو. سو ڏور تي معنوي توڙي فني حوالي سان وڌيڪ لکڻ جي ڪابه گنجائش ڪانهي، پر هتي آئون ڏور جي قسمن جي باري ۾ به انهيءَ ڪري لکندس جو پٽائيءَ گهوٽ جي بيتن تي رکيل مرادن کي انهن قسمن ۾ ورهائي سگهان. جڏهن ڪان پٽائي گهوٽ جي بيتن تي ڏور جون مرادون رکيون ويون ته ڏور جي ڪچهريءَ ۾ اجان به وڌيڪ چاهه پيدا ٿيو. پٽائي گهوٽ جي ڪيترن ئي بيتن کي اسانجي عالمن جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب پنهنجي سهيڙيل لوڪ ادب بابت ڪتابن ۾ ڏور جي مختلف قسمن وارين مرادن ۾ آندو آهي، سي پٽائيءَ گهوٽ جي سگهڙ پائيءَ جي ساک پريندي ڪيس گهڙن جي سرتاج واري لسٽ ۾ به آٽي ٿا بيهارين. پٽائي گهوٽ پنهنجي بيت ۾ جيڪا ڏور جي لڪ ڪئي آهي سوبه پٽائيءَ جو ئي ڪمال آهي، وري ساڳي مراد واري ڏور لاءِ ٻيا به ڪيترائي بيت ”شاهد“ طور پٽائي

گهوٽ جي مختلف سرن مان ڏيئي سگهجن ٿا. ساڳئي بيت تي ٻه ٻه ٻه مرادون برمچي اچن ٿيون، اهائي پٽائي گهوٽ جي بيت جي ڪمال ڪاريگري آهي، سو منهنجي من مان به پٽائي گهوٽ جي ڪن بيتن جون مرادون ٻُڙڪي ٻاهر نڪتيون، تن ڪي هن تر جي سدا ملوڪ سگهڙن، سگهڙ ڪاڪا قادر بخش ڪلمتي پنيور وارو، سگهڙ ڪاڪو ساجن رند ڪوهه تراش وارو، سگهڙ ماما پانڌي خان صوياٽي ٻگهاڻ وارو، سگهڙ ماما لعل محمد پالاري سريءَ وارو، سگهڙ ڀاءُ محمد زمان حملاٽي ۽ سگهڙ ڀاءُ محمد ابراهيم حملاٽي ۽ سگهڙ ماما بشو خاصخيلي مول وارن سان روح رچنديون رهاٽيون ڪري، مون واريون منڌل مرادون سندن اڳيان رکيون، جيڪي سموريون وٽن ساب پييون، پر پوءِ به جيڪڏهن انهن مرادن ۾ ڪي ڪچايون رهيل هجن ته آئون سڀ سوڌو حاضر ٿي معافي ٿو مڱان. هتي آئون به ٿي بيت پٽائي گهوٽ جا عالمن سڳورن جي سهيڙيل ڪتابن مان نموني طور ڏيان ٿو ته جيئن منهنجي سٽيل مرادن جي ماهيت به معلوم ٿئي. ٻه ٽي پٽائي گهوٽ جا بيت اهڙا به ڏيندس جي سگهڙن جي سينن ۾ سانديل آهن، انهن تي به مرادون منڍيون آهنم. هاڻي اهو فيصلو پڙهندڙن تي آهي ته ڪهڙي ٿا فتويٰ جاري ڪن، ڇو ته آئون ڀهريائين فتوائن جي ڦرڪٽيءَ ۾ بولاٽيون پيو ڪان، پر جي ڪو انهن بولاٽين ۾ پائيوار ٿي پلي چوگان ڪري، ته به آئون اصل ڪَنَ لپا ڪونه ڪندس، منهنجون اکيون ٺڏيون، مون موڙهل ڪي اڃا به اڳئين پنڌ جي پروڙ لاءِ پيچرو ليي پوندو.

سگهڙن ڏور کي هينئين پنجن قسمن ۾ ورهايو آهي جن بابت مختصر بيان ڪندس.

١. قدرت، ٢. سوا لک يا نبوت، ٣. پنجتن، ۴. امامت ۵. وليت.

**١. قدرت:** اهڙو ڪرشمو، واقعو، معجزو يا ڪم جيڪو الله

تعاليٰ جي قدرت سان راس ٿيو هجي، اهڙي ڪرشمي يا ڪم بابت ڏنل ڏور کي قدرت جي دائري اندر شمار ڪبو.

**٢. سوا لک يا نبوت:** حضرت آدمؑ کان وٺي حضرت عيسيٰؑ تائين جي نبين سڳورن جي نسبت سان جيڪو ڏور هجي ان کي سو الک يا نبوت ۾ شمار ڪبو.

**٣. پنجتن:** اهڙو ڏور جو حضرت محمدﷺ جن سميت پنجن تنن ۽ پاڻ سڳورن جي اصحابن بابت هجي ته پنجتن ۾ شمار ڪيو ويندو.

**٤. امامت:** اهڙو ڏور جو حضرت امام حسنؓ ۽ حضرت امام حسينؓ کانسواءِ ٻين امامن بابت هجي ته اهو امامت جي زمري ۾ ايندو.

**٥. وليت:** اهڙو ڏور جو اڳين نبين يا حضرت محمدﷺ جن ۽ سندس اصحابن ۽ امامن کان سواءِ ٻين ولين، درويشن جي ڪرامتن، معجزن ۽ ڪارنامن بابت هجي ته وليت جي زمري ۾ ايندو.

**١. قدرت:**

**ڪن ڪت ڪاپت ڪاپڙي، متن بان بَري،**
**اوريندي الک سين، وين وِلهه وري،**
**پسو پَتِ پري، جيجا جوڳيڙن جي.**
(رامڪلي داستان ٢، ٻانهو خان شيخ)

**مراد:** هن ڏور ۾ مشهور قصي اصحاب ڪهف وارن جو ذڪر آهي. هن قصي جو ذڪر ڪلام پاڪ ۾ به آهي. جيڪي دقيانوس بادشاهه جي وقت ۾ هئا. انهن سان هڪڙو ڪتو "ڪتمير" نالي سان گڏ هو. ڪهف نالي هڪ غار ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا رهيا. جتي ڪين ننڊ

اچي ويئي، ڪيئي سال ان غار ۾ ستل رهيا، وري جڏهن جاڳيا تہ پانيائون اجهو هينئر ستا آهيون. تيستائين ان سمهڻ واري عرصي دوران دقيانوس جي بادشاهي سَوَ سال پهرين ختم ٿي چڪي هئي، تہ پٽائي گهوٽ بہ هن بيت ۾ انهن جو ذڪر ڪندي چئي ٿو تہ الله کي ياد ڪندي ڪين ننڊ وٺي ويئي، جڏهن جاڳيا تہ سندن مراد ساب پيئي. هينيون بيت ساڳي مراد لاءِ پٽائيءَ چيو آهي جيڪو پڻ ساڳئي رامڪليءَ جي سُر جو آهي پر هتي الڳ رنگ سان بيان ڪيل آهي.

**لنگ ڪديائون لانگ، موٺي ڪن نہ مسحو،**

**اسلامان اڳي هئي، سا سئائون پانگ،**

**سامي چڏي سانگ، گڏيا گورک ناٿ کي.**

(رامڪلي داستان ١، پانهون خان شيخ)

**مراد:** اصحاب ڪهف جيئن غار ۾ گهڙيا تہ ڪنهن بہ شيءِ جي طلب نہ ڪيائون، اسلام کان بہ اڳ خدا مٿن راضي ٿيو جو هو خدا جي يادگيريءَ ۾ دنيا ومافيها کان بي خبر ٿي وڃي پنهنجي مالڪ سان مليا. هن ئي مراد تي پٽائي گهوٽ جا هينيان بيت بہ مشهور آهن.

**جوڳي ڦوڳي ڪاپڙي، اهي جوڳي تا جاڳن،**

**پيٽ پليائون پنهنجا، تسيا ڏيئي تن،**

**بک مرندي بِکيا، ڪنهن کان ڪين گهرن،**

**ڦڪي فقيرن، مورئون ڳنهي مات جي.**

مٿيون بيت پٽائي گهوٽ جي حوالي سان پانڌي خان صوپاٽي ٻڌايو، ۽ هي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏور واري ڪتاب جي صفحي (٦٨٥) تي بہ ڏنل آهي پر ڪنهن شاعر جو نالو ناهي لکيل.

**ويني وٺيائون، اوپيندي اٿي ويا،**

**هِتِ بہ ڪتيائون، هت بہ گڏيا هوت ڪي.**

(ڊاڪٽر بلوچ "ڏور" واري ڪتاب جي صفحي (٦٨٥) تي هي بيت ڏنو آهي پر ڪنهن بہ شاعر جو نالو ڏنل ڪونہ آهي. هي بيت ڪاڪي قادر بخش ٻِٽائي گهوٽ جي حوالي سان ڀڏايو).

جينوٽيڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب مٿيان ٻئي بيت پنهنجي سهيڙيل ڏور واري ڪتاب ۾ ڏنا آهن پر ڪنهن بہ شاعر جو نالو هنن بيتن جي هيٺان ناهي ڏنو. باقي هي بيت ٻِٽائيءَ جا ئي سمجهيا ويندا آهن. جيئن ٻِٽائي گهوٽ جو هيٺيون بيت سُر رامڪليءَ جو، ڏور واري ڪتاب جي صفحي (٦٨١) تي ڏنو ويو آهي پر ان جي هيٺان بہ ڪنهن شاعر جو نالو ڪونهي ۽ هن بيت جي هڪ سٽ بہ غائب آهي، اهو ساڳيو بيت ٻانهي خان شيخ صاحب تازي سهيڙيل شاهہ رح جي رسالي جي ٽئين جلد جي صفحي (١١٧) تي پورو ڪري ڏنو آهي.

**سناسي سيئي، جي آدمان اڳي هئا،**

**اوريان اورين عام سين، پَريان پريئي،**

**چوٽا جن جا چيرئان، پيلوٽا پيئي،**

**دُرس دلالت ديس جي، هتان تن ويئي،**

**تني ڪي ڏيئي، باد وجاءِ مَ ٻِڪئِا.**

(رامڪلي داستان ١٢، ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** هن ڏور ۾ هاروت ۽ ماروت ملائڪن جو ذڪر آهي، جن کي خدا تعاليٰ زمين تي آزمائش جي لاءِ موڪليو پر انهن انسانن کي منع ٿيل سڀ برا ڪم اچي ڪيا. الله تعاليٰ کين سزا طور بابل شهر جي اونداهي کوهہ ۾ اونڌو لٽڪائي ڇڏيو آهي، قيامت اچڻ تائين کين اها سزا مليل آهي. هن مٿئين بيت ۾ بہ ٻِٽائي گهوٽ انهن ملائڪن يعني

هاروت ۽ ماروت جو ذڪر ڪيو آهي.

**جوڳيءَ ڪي جڳ تيا متي سين ميري،**

**اڪيون الک سامهون، پونءَ نہ پيري،**

**ڪارا وار ڪلهن تي، چراتيس چيري،**

**لڙڪ لال لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،**

**بينو نينهن نبيري، جيئن سڙي تيئن سنرو.**

(ٻڌايل ماما لعل محمد ٻالاري، ٻتائيءَ جي حوالي سان)

**مراد:** ملڪ اسرافيل ڪي قيامت وقت صور ڦوڪڻ جو ڪم حوالي آهي، هو الله تعاليٰ جي حڪم جي انتظار ۾ ايترو تہ محو آهي جو سواءِ خدا ڏي نهارڻ جي ڪيڏانهن ٻي پاسي نٿو نهاري، ايتري قدر جو اک بہ نٿو ڇنڀي ۽ هر وقت روئي پيو تہ متان ڪٿي حڪم جي تعميل ۾ ڪا گهتتائي نہ ٿي وڃي، هو الله جي خوشنوديءَ خاطر خوشي سان هي ڪم سرانجام ڏي پيو.

هي بيت ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي سهيڙيل ڏور واري ڪتاب جي صفحي (٦٨٨) تي ڏنو آهي پر "لڙڪ لال لطيف چئي ڪنبي ۽ ڪيري" واري سٽ غائب آهي ۽ هينان ڪنهن شاعر جو نالو بہ ڏنل ناهي، جيئن ٻين ڏورن هينان انهن سگهڙن جا نالا ڏنل آهن. هي بيت ٻانهي خان شيخ بہ پنهنجي سهيڙيل ٻتائي گهوٽ جي رسالي جي ٽئين جلد جي صفحي (٩٠) تي ڏنو آهي.

**سورٺ مٺي سک تيو، خيما ڪنيا ڪنگهار،**

**نڪو راڳ نہ روپ ڪو، نڪا تند تنوار،**

**تهان پوءِ مڱڻهار، ڏنو سر ڏياچ ڪي.**

(رامڪلي داستان ۵، پانھون خان شيخ)

**مراد:** جڏھن قيامت ٿيندي تہ حضرت عزرائيل سڀي مخلوق جا روح قبض ڪري وٺندو باقي سندس روح وڃي رھندو، تڏھن حڪم ٿيندس تہ تون پنھنجو ساھہ قبض ڪر، ھو گھڻي ڪوشش ڪندو پر پنھنجو ساھہ قبض نہ ڪري سگھندو، پوءِ خدا تعاليٰ پنھنجي حڪمت سان سندس روح قبض ڪندو. ھي بيت بلوچ صاحب پنھنجي سھيڙيل ڪتاب جي صفحي (٦٨٩) تي ڏنو آھي، جيڪو پٽائي جو ڪري ڏنل آھي جو بيت جي ھيٺان ڏنگين ۾ (رسالو) لکيل آھي.

**ال اليـنـديءِ ڪيـتـرو، ڪـتـاب ٿـا لـکـن،**

**سنھي ٿلھي ڳالھڙي، جـوڙيو جـمع ڪـن،**

**تـون پاروسي تن، جن حـرف نہ وسـري ھيـڪڙو.**

(يمن ڪلياڻ داستان ۷، پانھون خان شيخ)

**مراد:** ھن ڏور ۾ ڪرامن ڪاتبين ڏي اشارو آھي تہ تون پلي ڪيترو بہ ڪوڙ ڳالھاءِ پر ڪاتب يعني ڪرامين ڪاتبين تنھنجي ننڍي وڏي ڳالھہ پيا جمع ڪن، تون يعني انسان جن جو پاڙيسري آھين انھن جو حافظو ڏاڍو تيز آھي، ھنن کي حرف بہ نٿو وسري- يعني جيڪي مدايون چڱايون اسين ننڍيون ننڍيون بہ ڪريون ٿا سي اھي ڪلھن تي ويٺل ملائڪ لکيو ڇڏين. قدرت جي حوالي سان اجان بہ اٺ کن پيا بہ پٽائي گھوٽ جا بيت ڏور جي مراد وارا آھن، جيڪي ڪنھن بہ مضمون ۾ ڏيندس.

**سوا لک يا نبوت:**

**پـکـي پـيـھـي آئـين، ڪـھـڙي حـاج حـمـيـر،**

**تو ڏٺي مون پوءِ ٿيو، سونچو منجهه سرير،**

**ميان منجهه ملير، اڳ نه ڏٺين ڪڏهن.**

(مارئي، داستان ١٢، پانهون خان شيخ)

**مراد:** بيبي حوا بهشت ۾ جڏهن عزازيل کي پهريون دفعو ڏٺو ته کانئس پڇيائين ته هتي چو آيو آهين؟ مونکي توکان ڊپ ٿو ٿئي، چو ته هن کان اڳ توکي مون بهشت ۾ ڪڏهن ناهي ڏٺو. (روايت آهي ته عزازيل کي بهشت ۾ وڃڻ تي پابندي هئي پر هو حرفت ڪري نانگ جي وات ۾ ويهي پوءِ اندر ويو، مور کيس وٺي وڃڻ کان انڪار ڪيو) اها مراد ڏنل آهي. عزازيل جو بهشت ۾ نانگ جي وات ۾ ويهي بهشت ۾ وڃڻ تي ٻين سگهڙن جا ڏور آهن، پر پٺائي گهوٽ عزازيل کي بهشت ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ بيبي حوا جي سامهون اچڻ واري روئداد ٿو ٻڌائي.

**اڃهو آدم آيو، ڪَهي ساڻ ڪوڏار،**

**ٻنيءَ منجها ٻارِ، ڪنيائين خلت سين.**

(ٻڌايل ڪاڪو قادر بخش، پٺائيءَ جي حوالي سان، پانهي خان شيخ هي بيت رامڪليءَ ۾ ٿوري ڦير ڦار سان ڏنو آهي.)

**مراد:** جڏهن هابيل قابيل کي قتل ڪيو ته خدا جي طرفان ملائڪ ڪانگ جي شڪل ڌاري، کانئس ٿورو پريرو ڇهنپ سان کڏ کوٽي، جيڪا هابيل ڏسي پوءِ زمين ۾ قبر کوٽي.

**تو سامائي سسئي، مرڻ ڪيو مردار،**

**ڪپر سين ڪوهيار، لوئي تو لڄائيو،**

(سُر معذوري داستان ٦، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** حضرت نوحؑ جي گهرواري ٻيڙي ۾ نه چڙهي ۽ ٻڏي هئي جيئن ته

پاڻ هڪڙي نبيءَ جي گهر واري هئي جنهنڪري ڪيس ايئن نہ ڪرڻ ڪپندو هو جو پنهنجي ور يعني الله جي نبيءَ کي بہ لچارو ڪيائين.

**ڪرِگل ڪُوچ ڪن گهٽا، جت دڙڪو منجهہ درياهہ،**

**اچــو اُتاهين گــهــڙي، ســانگـو ڪري نــہ ســاهــ،**

**ســاهڙ جي صــلاح، پار لــنگهـيــائين پــاجــهــہ سين.**

(سهڻي، داستان ٢، پانهون خان شيخ)

**مراد:** جڏهن حضرت ابراهيمؑ کي نمرود بادشاهہ باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو، جيڪا حضرت ابراهيم جي لاءِ گلزار بنجي ويئي، نمرود جي ڌيءَ جڏهن اهو لقاء پنهنجي ماڙيءَ تان ڏٺو تہ پاڻ بہ انهيءَ باهہ ۾ ٽپو ڏنائين ۽ اچي حضرت ابراهيم جا هٿ چميائين پر باهہ سندس وار بہ ونگو نہ ڪيو.

**جــانــب مــنــهــنــجـي جـيءَ ۾، جي تــو طــمــع پــوءِ،**

**وٽ ڪـــاتـــي وڃ انـــگـــڙا، ادب ڪـــر مَ ڪـــوءِ،**

**پايان پال سندوءِ، جي تون ساجن سنئون نهارين.**

(بروو سنڌي، داستان ٢، ڪلياڻ آڏواڻي)

**مراد:** حضرت اسماعيلؑ کي جڏهن حضرت ابراهيمؑ ذبح تي ڪيو تڏهن حضرت اسماعيلؑ پنهنجي والد جي پدري محبت ڏسي فرمايو تہ اوهين منهنجو خيال نہ ڪري آسرو لاهي بي ڌڙڪ تي ڪاتي وهايو، جيڪڏهن آءٌ اوهان جي هٿان ذبح ٿيندس تہ الله جي حضور وڌيڪ مانائتو ٿيندس.

**پــورب مـــاريـــاس، ڪــنـــهـــن در ڏيـــان دانـــهـــڙي،**

**مـــتـــيـــون ڏيـنـدي لـوڪ کـي، چــري پــاڻ ٿــيـــاس،**

**جني لئہ جياس، مان لنءِ لڳو تن سين.**

(پورب داستان ٢، ڪلياڻ آڏواڻي)

**مراد:** بيبي زليخا کي جڏهن حضرت يوسفؑ جي محبت ايڏو مجبور ڪيو ۽ سندس سهيلين کيس مهڻا ڏيڻ شروع ڪيا تڏهن کين سمجهائڻ خاطر حضرت يوسف جي حسن جي تعريف ٻڌائي پنهنجي مجبوري ظاهر ڪيائين. ٻنائيءَ جا ٻيا ٻہ بيت ان مٿيئن مراد تي آهن جن مان ٻئي بيت شاهديءَ طور ڏيان ٿو:

**گهر نہ ور نہ وَٽ ڪا، آهيم من ميهار،**
**ان اوسيئڙي اتيان، سنجهي ڪري سينگار،**
**پرين تنهنجو پار، پسان مان پر ڪنهن.**

(سهڻي داستان ٩، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**سوڍي منهنجي ساهہ سين، جيڏيون جيئن ڪيو،**
**ڪڙي مون ڪاڪ تي، آتڻ وسريو،**
**پسان ڪين پئو، تنهن ريءَ اکڙين سين.**

(سُر راڻو داستان ٧، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**صورت ساهڙ ڇام جي، ائين جي ڏسو سپيئي،**
**سک تي سمهو ڪينڪي، پاسو وَر ڏيئي،**
**مون هان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.**

(سهڻي داستان ١، ٻانهون خان شيخ)

**ڪو جو ڪنر ڪاڪ مان، راڻي ڪي رهيو،**
**ماڳ نہ اچي مينڌرو، ايڏو سور سهيو،**

**وري تـان نـہ ويـو، مـوٽـي ان مـحـلات ۾.**

(پڌايل ڪاڪا قادر بخش ڪلمتي پِٺائي جي حوالي سان)

**مراد:** حضرت دائودؑ وٽ فيصلي لاءِ ڪي ٻہ ڏريون ايندڀون هيون تڏهن آسمان مان هڪڙو وڏو زنجير لٽڪندو هو، جنهن ۾ جڏهن ڏوهاري هٿ وجهندو هو تہ ان کي ڏاڍي تڪليف محسوس ٿيندي هئي، جنهن مان ڏوهاريءَ جو پتو پوندو هو. هڪ دفعي حضرت دائود عليہ السلام وٽ ٻہ ڄڻا آيا جن مان هڪڙي چيو تہ هي ماڻهو منهنجو امانت طور رکيل سون نٿو ڏي. حضرت دائودؑ ٻنهي کي انصاف واري ميدان تي وٺي آيو تہ زنجير ٻہ آسمان مان لهي آيو، حضرت دائود جوابدار کي زنجير ۾ هٿ وجهڻ لاءِ چيو تہ جوابدار جي هٿ ۾ هڪ لٺ هئي جيڪا هن فرياديءَ کي جهلڻ لاءِ ڏني ۽ زنجير کي جهليو تہ هن کي ڪابہ تڪليف نہ ٿي ۽ واپس ان کان لٺ موٽائي ورتائين، جو هن جو امانتي سون ان لٺ ۾ ئي لڪل هو، تنهن ڪانپوءِ زنجير واپس آسمان مان هيٺ نہ لٿو. هن ڏور ۾ اها زنجير جي آسمان مان هيٺ نہ لهڻ واري مراد ڏنل آهي. هن ئي سُر ۾ هڪ ٻيو بيت شاهد طور ساڳي مراد وارو آهي.

**رس ايـئـن، جـيـئـن، رسـي ويـو راڻـو،**
**ڪـونـہ آيـو ڪـاڪ تـي، ڪـئـو مـيـنـڌري مـاڻـو،**
**اهـڙو سـوڍو سـيـاڻـو، جـو مـوٽـيـو ڪـين مـاڳ تـي.**

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏور واري ڪتاب جي صفحي ٢٠٥ تي اهو بيت بنا ڪنهن نالي جي ڏنل آهي، ڪـاڪا قـادر بخش پِٺائي جي حوالي سان پڌايو.

**ڪـاري رات ڪـچـو ڪـهـڙو، ٻـي اوٺـنـهـين اونـدهـائـي،**
**چـنـڊ نـالـو نـامـہ ڪـو، دريـامـہ دڙ لائـي،**

**ساھڙ ڪارڻ سھڻي، آڌيءَ تي آئي،**
**اھي ڪم الاھي، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گھڙي.**

(سھڻي داستان ۴، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** حضرت موسيٰؑ جي والده خدا جي حڪم موجب فرعون جي ايڏي زبردست پھري ۽ بندوبست ھوندي پنھنجي ور سان ملڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي، (جو فرعون کي سندس نجومين ٻڌايو ھو تہ اڄ رات ڪنھن کي حق شرع پارڻ نہ ڏجان جو ھڪ اھڙو ٻار سرجڻو آھي جيڪو تنھنجي بادشاھي تباھ ڪندو، فرعون جي زبردست چوڪسيءَ باوجود بہ بيبي صاحبہ پنھنجي ور سان ملي ۽ الله جي حڪم سان ان رات حضرت موسيٰؑ سرجي ويو ۽ فرعون جي ڪوشش ناڪام ٿي).

**ڪارا ڪنبا ڪنجرا، اپر اوڍيائين،**
**ستي عمر سومري سين، مٿو ڌوتائين،**
**مليرماٺيائين، ستيءَ سيل نباھيو.**

(سُر مارئي - ٻڌايل چاچو ساجن رند پٽائي گھوٽ جي حوالي سان)

**مراد:** بيبي مريم کي جڏھن ويم جا سور ٿيا تہ جھنگ منھن ڪري ھلي، جڏھن حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو تہ سندس ڪپڙا رت ھاڻان ٿي پيا، بھشت مان حورن بيبي صاحبہ لاءِ ريشمي وڳا آندا، جيڪي بدن تي ڍڪيائين، حضرت عيسيٰؑ کي ٿڃ پياري، ساڻس گڏ سمھي پيئي، ۽ پوءِ کيس خدا جو حڪم ٿيو تہ تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر، ٻارڙي کي ڪٽي پنھنجي مائٽن ڏانھن وڃ، تون پاڪ ۽ صاف آھين. ھي بيت مارئي جي حوالي سان بدن مان سسراتيون ڪڍي ٿو ڇڏي، پر مراد ٻڌڻ ڪان پوءِ ماٺھو دنگ رھجيو وڃي. سوا لک جي حوالي سان اجا بہ پندرنھن کن بيت آھن جن تي مختلف مرادون رکيل آھن، جيڪي اجائي ڊيگھہ جي

ڪري هتي ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان.

**پنجون:**

**پـارهين ڏيـنـهـن پـيـئـي، مـن مـرادون پـنـيـون،**
**جـوڳي ان جـاتـا ڪي، تـي سـڪـيـا سـيـيـئـي،**
**سـمـانـا سـيـئـي، جـي گـر ڪـي گـڏيا ڪـاپڙي.**

(رامڪلي داستان ٢، پانهون خان شيخ)

**مراد:** پارنهن ربيع الاول تي جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن پيدا ٿيا ته خاص مقرب ملائڪ ڪين خدا جو ديدار ڪرائڻ لاءِ آسمان ڏانهن ڪٽي ويا، جن پاڻ ڪريمن جي پيدا ٿيڻ جا ڏينهن پي پُڳيا ته ڪڏهن ٿو خدا جو محبوب دنيا ۾ اچي جو سندن اها انتظار واري ڪيفيت ختم ٿئي ۽ خدا جي محبوب جو ديدار نصيب ٿئي ۽ ان سان گڏ خود خدا جو ديدار پڻ.

**سـاهـڙ جـا سـيـنـگـار، اڻ ڏٺـا اڳـي هـئـا،**
**ڪـن فـيـڪـون ڪـانـہ هـئـي، نـڪـا پـي پـچـار،**
**مـحـبـت سـاڻ مـيـهـار، لايـائـين لـنءُ لطيف چـئـي.**

(سهٽي داستان ٦، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** جڏهن خدا تعاليٰ اڃان ڪابہ شيءِ نہ خلقي هئي تڏهن کان پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو نور مبارڪ هو. پاڻ ڪريم جن تڏهن کان خدا جا محبوب هئا. هينيان بہ بيت سُر رامڪليءَ جا ان مٿئين بيت لاءِ شاهد طور ڏيئي سگهجن ٿا، تن ۾ پڻ پاڻ ڪريمن جي نور بابت واضح اشارو آهي تہ سچ هو، نہ چنڊ هو نہ ئي زمين هئي تہ بہ پاڻ جن ﷺ جو نور مبارڪ هو. ٻئي بيت ۾ اڃان بہ واضح اشارو آهي جنهن ۾ هئڻ ۽ نہ هئڻ واري حد کان بہ ڳالهہ چڙهيل آهي جنهن ۾ اهو اشارو آهي تہ

الست جي اقرار کان بہ اڳ پاڻ ڪريمن جو نور مبارڪ هو، تہ اهي ٻئي بيت پاڻ ڪريمن جي نور مبارڪ جي وڏيڪ تصديق بابت آهن.

**جـــتـــي عـــرش نـــہ آپ ڪـــو، زمـــين نـــاهـــہ ذرو،**
**نـــڪـــو چـــاڙهـــو چـــنـڊ جـــو، نـــڪـــو سِـجَ ســـرو،**
**آتـــي آديـــســـيـن جـــــو، لـــڳـــو دنـــڱُ دڙو،**
**پـــري پـــٽـــن پَـــرو، نـــاٿ ڏٺـــائـــون نـــانـــهـــن ۾.**

(ٻڌايل ساجن رند، ڊاڪٽر ترمپ رسالو صفحو ٩١١)

**نـــاٿ ڏٺـــائـــون نـــانـــهـــن ۾، ســـا نـــانـــهـــن بـــہ نـــمـــونـــو،**
**نـــفـــيءَ ۾ اثـــبـــات ڪـــان، اجـــان پـــنـــڌ اونـــهـــون،**
**جـــوڳـــي ســـر جـــهـــونـــو، آهـــي عَـــهَـــد جـــڳـــات ڪـــان.**

(رامڪلي داستان ١٢، ٻانهون خان شيخ)

**پُـــران مـــان نـــہ پـــڇـــان، بـــنـــدر مـــون ڏور تـــئـــا،**
**نـــہ مـــون هـــڙ نـــہ هـــنـــج ڪـــي، جـــي ڪـــي چـــيءَ چـــڙهـــان،**
**تِـــيَـــهِـــين ڪِـــج پـــاتـــٽـــي، جـــنـــهـــن پـــر پـــريـــنءَ مـــڙان،**
**ڪـــارون تـــي ڪـــريـــان، تـــو در آيـــي نـــاڪـــئـــا.**

(سامونڊي داستان ٣، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** بيبي حليمہ جڏهن ٻين عورتن سان مڪي ڏانهن پئي آئي تہ سندس سواريءَ جو گڏهہ سيني کان اڳرو هو، ٻيون دايون ڪيس سڀ پوئتي ڇڏي وييون، بيبي حليمہ رب کان سوال ڪيو تہ مونکي ڪنهن شاهوڪار گهر جو ٻار پالڻ لاءِ ڏيارج تہ خدا تعاليٰ سندس عرض

اگهايو جو ٻنهي جهانن جو سردار سندس حصي ۾ ڏياريائين.

**تـوڏي تـوڙائـين، نـيـنـهـن نـوازي سـهـٽـي،**
**ڳـچـيءَ هـار حـبـيـب جـو، لائـق لـڌائـين،**
**سـو تـڙ سُـونـائـين، جـيـڏانـهـن عـالـم آسـرو.**

(سهٽي داستان ٧، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** بيبي خديجته الڪبريٰ پاڻ ڪريم صلعم جن جي حق نڪاح ۾ آئي يعني پاڻ ڪريمن سان بيبي صاحبہ جي شادي ٿي. رب تعاليٰ ٻنهي جهانن جو سردار سندس حصي ۾ ڏنو. هينيون بيت شاهد طور ڏيئي سگهجي ٿو.

**نـہ وڍي نـہ وڪـٽـي، نـڪـي ڪـڪـي ڪـاءِ،**
**چـام تمـاچـيءَ لاءِ، پـاڪ رکـيـائـين پـڃـرو.**

(ڪاموڏ داستان ٣، ٻانهون خان شيخ)

**وڏي جاڙ ڪياءِ، جيئن تيئن پير ڊگها ڪري،**
**در پـر اپـيـئـن دوست جي، سڻ پڻ هوند سُـيَاءِ،**
**اصـل آريءَ چـام جـي، سـڳـي تـون نـہ سِـيـاءِ،**
**پـنـهـونءَ سين پيـاءِ، تون نـيـاڳـي نـنڊون ڪـرين.**

(ڪوهياري، داستان ١، ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** تيتار پکي واري ڳالهہ: عام طرح هيءَ ڳالهہ مشهور آهي تہ تيتار پکي درديلا آواز هن ڪري ڪندو آهي جو سندس مرضي هئي تہ سرورِ ڪائنات سان جيڪر معراج تي اڏري وڃان ها، پر جيئن تہ ان مهل ننڊ وٺي ويئي هيس، سو ان پڇتاءَ ۾ اڄ تائين رڙيون ڪندو وتي. هينيون بيت هن ساڳي مراد لاءِ شاهد طور ڏيئي سگهجي ٿو.

**ايءَ ڪر ڪميڻين، جيئن سُتيئن پير ڍِگها ڪري،**

**نِـــنــڊان نمـــاڻـــين ڪـــي، اوڀـــــالا اڇـــن،**

**لـيـٽـين ڪِـئـن لـطـيـف چـئـي، هـاري رِيءَ هـوتـن،**

**سي ڪوهہ پنهون پڇن، جي سنجهي رهن سمهي.**

(ڪوهياري داستان ۱، ٻانهون خان شيخ)

هينيون بيت بہ مٿين مراد جي حوالي سان پڻ ڏيئي سگهجي ٿو.

**اوجـاڳـو اڄـاڻ، ڪـيـئـي نـہ ڪـمـيـڻـين جـيـئـن،**

**اســاري ايــهــيءَ پـر، ڀـوي ڪــيـڇـين ســين ڪــاڻ،**

**ٻانهي چائيين ڀاڻ، ٿـي سـڇـيـون راتـيـون سـمـهـين.**

(ڪوهياري داستان ۱، ٻانهون خان شيخ)

**اڱـڻ آيـا جــان، تــہ ســرتــيــون مــون سـک تــيــا،**

**امــل پــريـــنءَ مـــتـــان، ٻــرڪــئــــو ٻـين ڏيــان.**

(ساموندي داستان ۲، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** جڏهن ڀاڻ ڪريم جن هجرت ڪري مديني آيا تہ ڀاڻ حضرت ايوب انصاريءَ جا مهمان ٿيا تہ حضرت ايوب انصاريءَ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي.

**چـــيـــري چـــيـــري چـــر، جـــي لـــوڻ لـــڱـين لائـــيـين،**

**مــون ڪــر اڳـي نــہ ڪـئـو، اهڙو ڪـوجـهـو ڪـر،**

**جـان جـان دعـوئي دم، تـان تـان پـرت پـنـوهـار سين.**

(مارئي داستان ۱۳، ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** حضرت بلالؓ جڏهن پاڻ ڪريمؐ تي ايمان آندو ته سندس مالڪ مٿس ايذو ته تشدد ڪيو جو ڪيس ذري گهٽ اڌ مئو ڪري ڇڏيو، پر حضرت بلالؓ پوءِ به پاڻ ڪريمن تي ايمان آڻڻ واري ڳالهه تان نه مڙيو، پنهنجي مالڪ کي چيائين ته جيسين منهجي جان ۾ ساهه آهي تيسين محمدؐ تي ايمان آڻيندو رهندس.

**جيڪر جاڻي جام، ته نوازي نوري،**
**سندو مي مقام، پوءِ سمي سيراندي ڪئو.**

(ڪاموڏ داستان ۱، ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** حضورؐ جن جي جتي مبارڪ واري ڳالهه جيڪا پاڻ ڪريم جن معراج تي پائي ويا هئا، سا بعد ۾ حضرت ابوذر غفاريؓ ٽوپي ناهي پنهنجي مٿي ۾ وجهي ڇڏي هئي. پنجتن تي اجان به (۱۳) کن پڻائيءَ جا بيت آهن جن تي ڪيتريون مرادون نهڪي اچن ٿيون جيڪي ڊيگهه جي ڪري نٿو ڏيان وري ڪنهن مضمون ۾ ثابتا ڏيندس.

**امامت:**

**پري پتنگَ آئيا، سائو سپ سِري،**
**ڪاٽا ڪوري وچ ۾، منجهان قرب ڪري،**
**موٽيو ڪونه وري، اچل پسي آڳ جي.**

(يمن ڪلياڻ، داستان ٦، ٻانهون خان)

**مراد:** حضرت حُرؑ جو حضرت حسينؑ ڏانهن ساٿين سميت هلي اچڻ ۽ دشمن سان وڙهي شهادت ماڻڻ، ڪربلا جي ميدان ۾ حُرؑ پنهنجي چند ساٿين سميت يزيدي فوج مان نڪري حسينؑ جي طرفان پنهنجي ئي

فوج سامهون منهن مقابل تي وڙهيو ۽ شهادت ماڻيائين ۽ هميشه لاءِ سندس ڪردار امر ٿي ويو. هن بيت تي گهٽ ۾ گهٽ ست عدد بيت شاهد طور ڏيئي سگهجن ٿا پر ٻه بيت نموني طور ڏيان ٿو.

**پتنگ ريءَ رچنگَ، آڳ پسي آئيا،**

**اُهي عبداللطيف چئي، ڪوري ڪپايا،**

**جيلاهه لنءُ لايا، مون موٽن ڪينڪي.**

(يمن ڪلياڻ، دستان ۴، ٻانهون خان شيخ)

**اچي اجهايو آڳ ڪي، پتنگن سين پرواز،**

**ڪامي خاڪ ٿين جا، انين وٽ انداز،**

**رمز پروڙيئون راز، چيري جي چيءَ جا.**

(يمن ڪلياڻ، داستان ٦، ٻانهون خان شيخ)

**اچي عزرايل، ستي جاڳائي سسئي،**

**تي ڊوڙائي دليل، ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.**

(معذوري داستان ٨، گربخشاڻي)

**مراد:** جڏهن بي بي صغرا رضه وٽ عزرائيل ساهه قبض ڪرڻ آيو، تڏهن ٻاپائين ته حضرت امام حسينؑ وٽان ڪو قاصد آيو آهي.

**منڪر ۽ نڪير ڪي، جڏهن ڏٺائين،**

**اڳيان اتي ان ڪي، پنهون پڇيائين،**

**ادا ائائين، ڪو ڏٺانَ سات سڄٽين.**

(معذوري داستان ٨، ڊاڪٽر گربخشاڻي)

**مراد:** بي بي صغران کي قبر ۾ جڏهن منڪر ۽ نڪير اچي پڇن ٿا، ته

**”محسن ۽ مقيم“ جي، اٿئون ڳهرج ڳهٽي،**
**ڪٽون جي ڪٽي، لڏوٽي لاٿيون.**

(راٽو داستان ٧ ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** جڏهن امام سڳورا شهيد ٿي ويا ته ظالمن بي حيائي ۽ نرجائي ڪندي پاڪ حرمن جي طنبن کي باهه ڏني جا اتر جي هوا تي پنيت ڪرڻ لڳي. هيءُ ڪيس ڏسي بي بي زينب رضه کي حضرت محمد ﷺ جن ۽ حضرت علي رضه (محسن ۽ مقيم) تمام گهٽو ياد آيا. هن بيت ۾ شاهه صاحب هي دل ڏاريندڙ واقعو ببيي زينت جي زباني ٻڌائي پيو.

**ولِيت:**

**پسي ڳاڙها گلڙا، ڪرها ڪيم ترس،**
**سي تان هلي پس، جي ان وَلِ واٿيا.**

(ٻڌايل ماما لعل محمد پالاري، پتائيءَ جي حوالي سان)

**مراد:** حضرت ابو صالح (حضرت عبدالقادر جيلانيءَ جو والد) کي ضمير جي آواز پرائي شيءِ بنا اجازت کائڻ تي تنبيهه ڪئي. (حضرت ابو صالح بنا اجازت ڏاڙهون کاڌو، پوءِ خيال ڪيائين ته مون ڏوهه جو ڪم ڪري وڌو، مون هن ڏاڙهونءَ جي باغ جي مالڪ کان اجازت ته ڪانه ورتي هئي، ڏاڙهون اصل ۾ نهر ۾ لڙهندو پي آيو جيڪو پاڻ کائي چڏيو هئائين.) هن ئي ڏور تي هينيون بيت شاهد طور ڏيئي سگهجي ٿو.

**ڪرها ڪڙيءَ ول کي، چانگا چڪ نه پاءِ،**
**ڏسي ڳاڙها گلڙا، هنيون ڪيم هرڪاءِ،**
**دل پلي ڪر جاءِ، پرين پرائيءَ پوک کان.**

(راڻو)

(ٻڌايل ڪاڪا قادر بخش ڪلمتي، ڀٽائي گهوٽ جي حوالي سان)

**هڪ پيالو ٻہ ڄڻا، عشق نہ ڪري اڌ،**
**ايءُ تان شاعر سڌ، ڪيئي جا قوال سين.**

(يمن ڪلياڻ، داستان ۴، گربخشاڻي)

**مراد:** حضرت ابراهيم ادهم واري ڳالهہ، سياري جي رات ۾ گرم بستري تي تسبيح سوريندي غيبي آواز ٻڌائين تہ خدا گرم بستري تي تسبيح سوريندي ناهي ملندو. (پوءِ ابراهيم ادهم فقيري ويس ڪري بادشاهي ڇڏي ڪري جهنگ منهن ڪري هليو ۽ پنهنجي وقت جو بزرگ ٿي ويو) هينيون بيت شاهد طور ساڳي مراد لاءِ ڏيئي سگهجي ٿو.

**خودي ۽ خدا، ڪيئن ماپيندا من ۾؟**
**ٻن ترارن جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾؟**

(ٻڌايل سگهڙ ماما لعل محمد پالاري ڀٽائي گهوٽ جي حوالي سان.)

**اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي سامين سِٽَ،**
**لنگ لاهوتي لال ٿيا، چيلهہ ٻڌائون چِٽَ،**
**جي محبت ڪٺا مِٽَ، سي ڪرمِ ملندا ڪاپڙي.**

(رامڪلي، داستان ۱۰، ٻانهون خان شيخ)

**مراد:** حضرت صوفي شاهہ عنايتؒ ۽ سندس مريدن جي شهادت واري مراد ڏنل آهي. هن تي مراد وارا ٻيا بہ چار بيت آهن جيڪي صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس جانثار مريدن جي شهادت واري واقعي لاءِ شاهد

طور ڏيئي سگهجن ٿا. آئون نموني طور هڪ بيت ڏيان ٿو.

**اڄ نہ اوطاقن ۾، جاگر جوڳيئڙن جو،**
**ساري سناسين کي، جان روندينءَ تان رو،**
**پس پسئان تو، لاهوتي لڏي وئا.**

(رامڪلي، داستان ١٠، ٻانهون خان شيخ)

**مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،**
**تنين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.**

(ڪاهوڙي، داستان ١، ڪلياڻ آڏواڻي).

**مراد:** حضرت خواجہ محمد زمان لنواري سان ٻٽائي گهوٽ جي ملاقات واري مراد ڏنل آهي. ٻہ بيت ٻيا بہ آهن جيڪي هن ئي ملاقات واري واقعي تي چيل آهن، جن مان هڪ هتي ڏيان ٿو.

**ڪپيريان پري، ڪُٻدي ٻُڌائون،**
**انهيءَ وٽان آءُ، رهي آيس راتڙي.**

(ڪاهوڙي، داستان ٣، ڪلياڻ آڏواڻي)

**سسئيءَ جي سِڙيءَ سين، هٿا ڪيچ ڏٺي ڪانڌي،**
**لڪن تان لطيف چئي، پئي آرياڻي آندي،**
**پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي منڊ هئي ماندي،**
**لٿس حرف حساب جا، ٿي وهمن ڪان واندي،**
**پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿي.**

(ٻڌايل لعل محمد پالاري، ٻٽائي گهوٽ جي حوالي سان)

هي بيت ٻانهي خان شيخ بہ هڪ سٽ گهٽ ڪري سُر حسيني

داستان ١٠ تي ڏنو آهي.

**مراد:** هن بيت ۾ مدن فقير واري ڳالهہ آهي، جڏهن مدن فقير مري ٿو وڃي، پائيبند جنازو کنيو پيا اچن! جڏهن پٿائي اچي ڪيس ڪانڌي ٿيو تہ جنازي مان ڪلمي جو آواز آيو ۽ چون ٿا تہ پٿائيءَ جي پيراندي مدن جي قبر آهي، جيڪا ٺلهي ۾ اچي وئي آهي.

نوٽ: سگهڙن جيڪي بيت شاهہ جا چئي ٻڌايا پر رسالن ۾ ڪونہ آهن انهن بابت چند ڇاڻ ڪرڻ عالمن جو ڪم آهي، البت ڀهراڙين ۾ ڪيترائي شاهہ جي رسالي جا حافظ آهن جن وٽ اهڙا ڪيئي بيت آهن، جن بابت هن کي پڪ آهي تہ اهي شاهہ جا آهن.

## مددي ڪتاب

١. شاهہ جي رسالي جا مختلف ڇاپا.

٢. لوڪ ادب سلسلي جا مختلف ڪتاب، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

احسن جوکيو

# سامونڊي مُون سين....
## (سُر سامونڊيءَ جو مطالعو)

شاهه رح جي رسالي ۾ سُر گهاتُو، سُر سريراڳ، سُر سُهڻي ۽ سُر سامونڊيءَ جو واسطو سمنڊ، سِنڌو ۽ انهن جي ڇاڙن، وَهڪرن، ڪَپَرن، ڪِنارن، وَسنديِن ۽ بَندرن سان آهي.

رسالي ۾ سُرن جي ترتيب مطابق "سُر سامونڊي" پنجون نمبر سُر آهي. جيڪو سُر سُريراڳ" کان پوءِ ۽ سُر سهڻي" کان اڳ ۾ ڏنل آهي. سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊي ٻنهي سُرن جو سِڌو سَنئون واسطو سمنڊ سان آهي. پر ترڪيب، ترتيب، بيان جو انداز، پَرياڻَ ۽ اُهڃاڻَ هر سُر جا الڳ الڳ آهن. هيءُ گهاتو سُر ڪانپوءِ ننڍو سُر آهي. مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هِن سُر ۾ ڪوبہ ڏاريو سُر مليل نہ آهي. اڪثر ڪري سيني رسالن ۾ ٽن داستانن اوڻاسي (٧٩) بيتن ۽ ٽن (٣) واين سان ان سُرجي سِٽا ۽ ساخت ملي ٿي.

سُر سامونڊيءَ جو سِڌو سَنئون تعلق وڻجارن جي وڻج ۽ وڻجارين جي وِرونهن ۽ ڦوڙائي فراق سان آهي. فاضل مُحقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "سُر سامونڊيءَ جو مطالعو" مرتب ڪندي صفحي ٨٧ تي لکي ٿو:

"سامونڊي سُر جو تعلق واپارين ۽ وڻجارن سان آهي. ان موضوع کي ٽِن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.(١) وڻجاري جي گهر وارِيءَ جي بي حالي، وَرَ ڪان سندس وڇوڙو ۽ وَرَ لاءِ سندس سِڪ. (٢) وڻجاري جي پرڏيهه روانگي، سمنڊ جو سفر، سختي ۽ وَريتيَن جا ورلاپ (٣) ولايت مان وڻج ڪري، وڻجارن جو وطن ورڻ وغيره."

شاهه سائينؒ سموري رسالي جي سُرن جي ترتيب وار موضوع مطابق جيڪا منظرنگاري ۽ حقيقت جي ترجماني ڪئي آهي ان جو مثال پين شاعرن جي شعرن ۾ نٿو ملي. شاهه صاحب سامونڊي سفر دوران مشاهداتي اکين سان سامونڊي سفر تي اُسهندڙ وَڻين جي وَرن جي جدائيءَ متعلق، جيڪي وڇوڙي، ورلاپ ۽ قوڙائي فراق جا پول پُڌي، سُر سامونڊيءَ جي بيتن ۾ حقيقتون، تمثيلون ۽ تشبيهون پيش ڪيون آهن اِهي سڀ مناظر ۽ ڏيک درد دل رکندڙ انسان جو هانءُ ڏاريو وجهن، جڻ تہ سامونڊين جي وَهن سان گڏ ويهي درد ۽ پيڙا جون ڪتائون پُڌي، سورن ۾ ساٿي ٿيو، پيو وڻجارين کي آٿتون ۽ صلاحون آڇي.

شاهه جي شعر جي اها مجيل عالمگير خوبي آهي جو هُو "عورت" کي سورمو ۽ سَرموڙ بنائي، ويهي ڪائنس درد، پيڙا ۽ ڪلپنا واريون ڪهاوتون ۽ دِلي وارداتون سُٽي ايندڙ نسل تائين سنڌ جي لڄ پوت عورت جي دلي محبت ۽ پيار جي پُونجي پهچائي ٿو.

سامونڊي سُر ۾ شاهه سائين سامونڊي بندرن، تَڙن، وڻجارن، وڻجارين، پيڙن، پيڙياتن ۽ وَڻين جي قوڙائي فراق ۽ اوسيئڙي جو دل کولي ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ شاههؒ سمنڊ جو سفر ڪندي، آس پاس جي ريتن، رسمن، ڏنڌن، ڪاڄن، سوڻن ساڻن ۽ قرب ڪاڍ جو "ترجمان الحقيقت" ٿي سَچي ۽ سُندر منظرنگاري ڪري، اُن دور جي عورتن جو پنهنجي ڪَانڌ لاءِ ساهه کان وڌ پيار ۽ پاٻوهه جي تصوير عوام اڳيان پيش ڪري ٿو.

شاهه جي دور ۾ سنڌ اندر جيڪي وڻج واپار جا وسيلا هئا اُنهن مان سامونڊي رستي وڻج واپار جو احوال سُر سامونڊي ۽ سُر سريراڳ ۾ مختصر ملي ٿو.

تاريخي ڪتابن جو مطالعو ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ شاههؒ

ڪراچيءَ کان ڪَڇ ۽ لکپت تائين ساموندي پَٽين جي ڇاڙُن تي جيڪي به مشهور بندر هئا؛ انهن جي پِڙ ۾ رهندڙ ساموندي وڻجارن جي معاشي ۽ ثقافتي حالتن جو پورو پورو منظر بيتن ۾ پيش ڪيو آهي. سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وارن علائقن ۾ مشهور بندر ڪراچي، لاهري/لاڙي، ڏاراجا، اورنگا، وڪر، وستا، شاهه بندر ۽ ڪيٽي بندر هئا. انهن مان ڪي بندر واپار جي لحاظ کان اَوج تي هئا ته ڪن بندرن تي نالي ماتر آمد رفت هئي.

ڇوڙ وارن حصن ۾ سمنڊ جا ڪنارا تراڪڙا هئڻ سبب اُتان گهٽيون ڪاريون ڦٽي نڪرنديون هُيون. جن جي ڪَپرن تي پيڙياتا ۽ وڻجارا گذران لاءِ جُهڳيون اڏي وهندا هئا. شاهه انهن وَسندين ۽ وَستين ۾ پير گهمائي ساموندين سان روح رچنديون ڪيون هونديون.

جناب ڪريم بخش چنا پنهنجي هڪ مقالي ”سُر ساموندي جو تاريخي ۽ ثقافتي منظر“ جيڪو ”سُر ساموندي جو مطالعو“ ۾ ڇپيو هو. صفحي ۱۵ تي لکي ٿو:

”شاهه صاحب ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ کان ٿيندو، جڏهن ٺٽي ضلعي جي لاهري بندر وٽ پهتو ته هن ڪي اُتي ساموندي وڻجارن جا جهاز ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي سِڙهه سنوان ڪريو لنڪا وڃي رهيا هئا. هيءُ دؤر نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جي اوائلي دؤر ۽ نادر شاهه جي ڪاهه کان اڳ وارو دؤر هو.“

ٻئي طرف مرحوم غلام محمد شاهواڻي شاهه جي رسالي جي مقدمي ۾ صفحي ۱۳ تي هيئن ٿو لکي: ”ڪارو ۽ منو پاڻي ڪراچيءَ جي لاڙ واري حصي ۾ سنڌونديءَ جي ڇوڙ وٽ ملي ٿو، ان ڪري اُتي جو احوال سُر ساموندي ۽ سُر سريراڳ ۾ ڏنو اٿس.“

سُر ساموندي جي سيني بيتن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته

شاهه صاحب ڪراچيءَ کان ڪڇ ۽ لکپت بندرن جي وچ ۾ جيڪي ننڍا وڏا بندر هئا، انهن جي پر ۾ رهندڙ وڻجارن جي ونين جي ورونهن ۽ ڦوڙائي جو ذڪر ڪيو آهي. شاهه ڪنهن خاص بندر جي ورتين جو ذڪر نہ ڪيو آهي، پر جامع جائزو وٺي سامونڊي پٽين تي رهندڙ وڻجارن ۽ وڻجارين کان حال حقيقت معلوم ڪري سنڌن ئي زباني، سنڌن هجر جي هاڃن ۽ ورن جي وڇوڙي جو تذڪرو ڪري، ويڳاڻين ونين جو احوال اسان تائين پهچايو آهي.

شاهه صاحب نٽي ۽ ڪراچيءَ جي علائقن جي سامونڊي ڪپرن ۽ ڪنارن جو عيني مشاهدو ڪيو آهي. تڏهن تہ سامونڊي وڻجارن جي استعمال هيٺ ان وقت جي ريتن رسمن جو پورو وچور پيش ڪري ٿو. ڀنڀور جي پر ۾ لاهري بندر، ڌاراجا بندر، اڳتي وڪر، اورنگا بندر ۽ سنڌو بندر بہ سامونڊي ڇاڙن تي وڏا بندر هئا.

ڏنو وڃي تہ سُر ساموندي ۾ وڻجارن جي واپار جو ذڪر تہ آهي پر ان دؤر ۾ ڪهڙي قسم جو وکر وهائي وڻجارا ڏيساور ڏوريندا هئا يا پرڏيهه کان وکر وهيون پري واپس ورندا هئا. اهڙو ذڪر سون ۽ موتين کان علاوه ٻئي ڪنهن بہ وکر يا ويڳر (مصالح) جي قسم جو سُر ساموندي ۾ ئتو ملي، پر سُر سريراڳ (جيڪو ساموندي کان اڳ وارو سُر آهي) جي بيتن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ وڻجارا ٻيڙيون ۽ هوڙا هاڪاري ڏيساور وڃي وکر وهائي ايندا هئا. ان وقت سمنڊ جي خوفناڪ لهرين، طوفانن ۽ ڦهري ڪُنن جي لَپيٽن جو هر وقت هانءُ ڏاريندڙ ڏهڪاءُ رهندو هو. وڻجاريون ويچاريون ڪانڌن جي سلامتيءَ سان موٽي اچڻ لاءِ اوساهيون پييون وجهندوين هُيون ۽ باسون باسينديون رهنديون هيون.

سُر سريراڳ ۾ شاهه اشارتاً ٻڌايو آهي تہ ان دور ۾ وڻجارا موتي، ماڻڪ، سچيون سِپون، آبدار موتي، گرم مصالحا، سون، شيهي

۽ ڪيڙن وغيره جو واپار ڪندا هئا.

شاهه صاحب چوي ٿو:

**قــرَ قـُـل، قــوٺا، پَــارچــا، پــاٽــيــٺَ پــاتــائــون،**
**ڪوئــيــون قــيــمت سنــديــون، تَـرَ ۾ تــاڪــيــائــون،**
**لاڄَــن ۾ لــطــيــف چــئــي، پــيـــڙا پــڌائـــون،**
**نَــذر نــبــيءَ جــام جــو، چـــڙهــنـدي چـــيـــائــون،**
**جي جُهي جوڙيائون، سي پيڙيون رکين پاڄهه سين.**

(سُر سريراڳ، ۵-۱۱)

جيئن تہ سُر سريراڳ ۾ خاص وڻج واپار جي وکرن جو مختصر ذڪر ڪيل آهي پر سُر سامونڊيءَ ۾ موتين ۽ سون ڪان سواءِ ٻين وکرن جو ذڪر نٿو ملي. خصوصاً سموري سُر ۾ وَرڻين جي ورلاپن ۽ اورانين جو ذڪر ملي ٿو.

شاهه لطيفؒ جي دل ۾ درد جي دونهي دُکندي رهندي هئي، شاهه صاحب محنت مزوري ڪندڙ مسڪينن جي ڪيسن ۽ ڪوپ جو گهرو جائزو وٺي انهن جي ڏکويل دلين جي ڇڪندڙ ڦٽَن جي مرهم پٽي ڪئي آهي. سامونڊي وَهن ۽ وڻجارن جي ڪِرت ڪار ۽ وڻج وهنوار جو اهڙو تہ ويهي اپياس ڪيو آهي جو اُن وقت جي سامونڊي علائقي جي ٻوليءَ جي لَهجن، چَوڻين، اصطلاحن، تشبيهن ۽ تمثيلن کي سُر سامونڊيءَ ۾ پيش ڪري سنڌ جي ايندڙ نسل کي ياد ڏياري، سنڌي ٻوليءَ جي امر لغت جو مطالعو ڪرائڻ تي آماده ڪري ٿو.

مثال طور: سُر سامونڊيءَ جي بيتن ۾ هينيان اصطلاح ۽ تشبيهون ڪم آڻي ٿو:

١. هِينئڙو ٻيڙيءَ جانَ: ڏولائي ۾ پوڻ، ٻَڏ تَرَ ۾ اچڻ، جيئن ٻيڙيءَ جو خراب تَڙ تي تاڙون ڪائڻ.

٢. ڪَجل ٻِنَن نيڻَ: سُرمي ڀريل اکين ۾ ڦوڙائي جا ڦُڙا، آليون اکيون اُڪير ۽ اُڪنڊ جا اهڃاڻ.

٣. اُڏوهيءَ جيئن ڏکڙا: دردن ڪان دل جو ڪوڪلو ٿيڻ، ڏکن ڪان ڏيل جو ڏرڻ.

٤. گوندر وَريا وَلين جيئن: ويڙهيءَ وَل وانگر غمن جو ويڙهي وڃڻ، غمن ۾ غلطان ٿيڻ.

٥. هينئڙو ڪوٽ بُرج جيئن ڊهڻ: ڪوٽ جي ڪنگرن جيئن دل جو ڦاڪون ٿيڻ، ڊهي پوڻ.

٦. من نـہ اوهرڻ (اصطلاح): دل تان نـہ وسرڻ.

٧. چِيَ چاڙهڻ: عذاب ۾ وجهڻ، ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ، مچ مچائڻ.

٨. لَهرين جو ٻک ٻنجڻ: لهرين ۾ لڙهي وڃڻ، غرق ٿيڻ.

٩. سهسين سڪائون ڪرڻ: باسون باسڻ، منتون مڃڻ، مڃتائون ڪرڻ.

١٠. ساڃا ڪرڻ: مضبوط ڪرڻ.

١١. ڳر لڳڻ: سيني سان لاهڻ، ڀاڪر پائڻ، ريجهائڻ.

١٢. سُتَڙَ ٿيڻ: منزل مقصود حاصل ڪرڻ، ٿانيڪو ٿيڻ.

لطيفي شاعريءَ جو پيغام ابدي ۽ لافاني آهي. سندس ڪلام اصل سنڌي ٻوليءَ جو لازوال خزانو ۽ اَکُٽ کاڻ آهي. اصطلاحن، تمثيلن ۽ تشبيهن گاڏڙ جملا، شعر جي سادگي، راستگي، ساختگي ۽ پختگيءَ

ڪي اعليٰ ڪريو بينا آهن.

سموري سُر ۾ شاهه سائين وَريتين جو وَرَن جو وڇوڙو، انتظار ۽ اوسيڙي جا اهڃاڻ، وڻجارن جو پرڏيهه وڃڻ وقت وڻجارين جي جيءَ ۾ جدائيءَ جا ڏنبَ اچڻ، مُندن ۽ موسمن ڪي ساريندي پنهنجي پرين لاءِ واٽون نهارڻ، ڪانگ اڏائڻ، باسون باسڻ ۽ ڪتوريءَ آڪا آچڻ جو ذڪر ڏاڍي درد ۽ سوز سان ڪيو آهي ۽ ان ڪي اهڙي صورت ۾ پيش ڪري عوام ڪي عورت جي منجهيل مَنَ جي واردات ٻڌائي ٿو.

وانجهيل وَنيءَ جو وَرُ پرڏيهه اُسهڻ جي سَنبت ڪري ٿو. هُوءَ (وڻجاري) پنهنجي ڪانڌ جي جدائيءَ جا پار ڪنيو آيل ويل ساٿياڻين ۽ سَهيلين ڪان پُڇائون ٿي ڪري ۽ سامونڊين ڪان پرينءَ لاءِ پڇائون ڪري وَر جا آرڪٽا ۽ پار پڇائي چوي ٿي ته منهنجي "من جو موڙ" هتان لنگهندي ڏٺوَ؟

عورت جي زباني شاهه چورائي ٿو:

**سَنهي لَڪَ، نَڪَ سَنئين، ڪَجَلَ ڀِنَ نيڻَ،**

**سامونڊِي! مُون سيڻَ ڪِ تو ڪالهه لَنگهائيا؟**

(سامونڊي داستان، ١-٣٦)

"اي پاتڻي، سنهي چيلهه، الف جيان سنئين نَڪَ ۽ اڏورن ڪَتورن جيان چِلڪندڙ نيڻن ڀريو منهنجو ڪانڌ ڪو هتان گذرندي نظر آيو يا نه؟"

سنڌ ۾ آڪتوبر جو مهينو آهي، سَرن ۽ ٻُوڙن ۾ سَرِي ساهه پيو آهي. وڻ ٽڻ نسري پيا آهن. اُتر جون هوائون به لڳڻ شروع ٿيون آهن. ويچاري وڻجارِيءَ ڪي انهن موسمن ۽ مندن ڪي ساريندي دل ۾ دَڪ دَڪ جا اُڌڪا ٿا پونس، پنهنجي ڪانڌ جون ڪهاڻون ياد ڪريو

واٽون پيئي نهاري، اڱڻ پيئي ٻهاري، ٻاسون پيئي ٻاسي ۽ خير سان اچڻ لاءِ اوسايون پيئي وجهي ۽ چوي ٿي ”هاٺي ڪانڌ ڪي تہ اچڻ کپي!“ سَر ۽ لوهيڙا بہ ڳيجي پيا آهن، پر سُڪي نوٽ تيل مُئل سَر بہ نِسري پيا آهن. چڻ پٽرن ۾ بہ زندگي اچي ويئي آهي. پوءِ اي منهنجا ڍولڻ! ڇا تو اچڻ جا ڏينهن وساري ڇڏيا آهن، جڏهن تہ مُردن ۾ بہ ساهہ پئجي چڪو آهي، ڪهڙو نہ من موهيندڙ منظر پيش ڪري ٿو شاهہ!

**سَــرَ، لوهِيــڙا ڳَـيِـيــا ڪُـسَــرَ نِـسـريـا، (۱)**

**تــو ڪـيــئـن وِســريـا، ڍوليــا ڏيـنـهـن اچـڻ جــا.**

(۱-۲۸)

يا

**سَــــرَ نِـســـــريـا پــانــدَ اُتــر لـڳــا آءُ پــريــن،**

**مـون تـو ڪـاڙڻ ڪـانـدَ، سـهـسـين سُـڪـائـون ڪـيـون.**

(۱-۲۹)

اڄ وري وٽجارا ٻيڙين جي ”مڪ مڪان“ لاهيو ٻيٺا آهن. ڏياريءَ جو ڏڻ شروع آهي، گهرَ گهرَ ۾ خوشيءَ جا ڏيئا پيا ”ٽِمر ٽِمر“ ڪن، پر ساموندي جي سڙهہ سنوان ڪريو پاڻ ۾ ”سُ پُس“ لاهيو ٻيٺا آهن. شايد وري ٽا ولات وڃڻ جون وايون ڪن! شاهہ صاحب وَنيءَ جي ڦوڙائي ۽ فراق جا سور سَليندي، ڪيس هدايت ٿو ڪري تہ اي سَکي! تون ڇو نہ ٿي ٻيڙيءَ جي پر ۾ ويهي، ڳِرهہ لڳي، ونجهہ ڪي پاڪر پائي روئي رات گذارين تہ مان تنهنجي مُنڌل مَنَ کي آٿت اچي ۽ ڳراٽڙيون پائي ٻيڙِيءَ کي اُهرڻ ئي نہ ڏي. اي مُني! جيڪڏهن سُستي ڪيئہ تہ پرهہ سان ئي پرين پرڏيهہ پَٽاري ويندا تہ صُبح وارا سُور، تو لاءِ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا!

ڏسو هڪ ڏکويل دل جي سچي ترجماني ڪرڻ لاءِ شاعر جي تڙپندڙ دل تي ڪيڏا نہ گهرا گهرا گهاءُ ٿا پهچن. ڏسو منظر نگاري:

**ڏِٺي ڏِياري سامونڊين سِڙهہ سَنباهيا،**
**وِڃهڻو وَر وَنجهہ ڪي روئي وڻجارِي،**
**مَاريندءِ مارِي! پِره سور پرين جا.**

(۳-۱۷)

وري اڳتي شاهہ چوي ٿو:

”اي پورِي! ونجهہ ڪي الوڙڻ ٿي نہ ڏي منٿون ۽ آزيون ڪري پرچائينس ۽ پاڪر وجهي، ڳراٽڙيون پائي اجوڪي رات تہ ترسائينس، اي منهنجا لالڻ اجوڪي رات رهي پئو تہ ڳالهيون ڳجهہ ڪري تاساري روح کي ريجهائيون. مون کي فراق ۽ ڦوڙائي ۾ وجهي، ايڏي ڏگهي سفر تي چو ٿو وڃين؟ اجوڪي رات رهي وڃ، اي منهنجا سر جا سائي رهي پئو!

اُداس ۽ اُماس عورت جي اندر جون آهون ٻڌي ۽ محسوس ڪري هڪ ڪنور دل انسان بہ اهڙي منظر ڪشي کي ڪيئن ٿو وساري سگهي؟

شاهہ وڻجاريءَ کي مشورو ڏئي ٿو:

**اَلوڙڻ نہ ڏي، وَر وڏائين وَنجَهہ ڪي،**
**رَهہ اَجوڪي راتڙي لالڻ مون لاءِ،**
**وَڃ مَ ڦوڙائي، ايڏي سُور سپرين.**

(۱-۲۱)

پر: ڪي فاضل اديب ۽ شاهہ جي رسالي جا پارکو مٿين بيت

ڪي ڏاريو بيت سمجهي رسالي مان ڇو ٿا ڌار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن؟ ڇا هِن بيت ۾ ونيءَ ڪي وڇوڙي جي وَڏَن وانجهو نہ ڪيو آهي؟ هيءُ بيت مٿين بيتن جي تسلسل جي ڪڙي آهي.

فاضل اديب ۽ محقق محمد حسين ڪاشف صاحب رسالي مهراڻ ٣-٤/ ١٩٩٧ جي پرچي ۾ پنهنجي مقالي ”پلئہ پايو سچ“ ۾ لکيو آهي تہ:

”الوڙڻ نہ ڏي ور وڏائين ونجهہ ڪي“ - ان ڪي لطيف ڪان ڌار نٿو ڪري سگهجي؛ جيڪو ”ڏني ڏياري سامونڊين سڙهہ سنباهيا“، واري بيت جو خالق آهي. اهو بيت انهيءَ بيت جي حقيقت جي ڪڙيءَ وارو بيت آهي.“ صفحو ٩٧.

اڄ تہ ٻيڙيءَ جي مُهري (اڳئين حصي جي ڪِلن، ميخن ۽ نوڙين) ڪي جهليو ٻيئي سُڏڪا ڀري ۽ رويو چوي ٻيئي تہ ”اي منهنجا ڍَولڻ! تو اهو ڪهڙو ڪٽي سودو وهائيو آهي جو سمونڊ جي اَجهاڳ تَڙين پنهنجو جيءُ جوکي ۾ وجهي وڪر وهائيندو رهين ٿو، ۽ مون ڪي هميشہ لاءِ سورن ۾ وجهيو وڃين. سامونڊين سان سَڱُ ڪرڻ جڻ ڏِيل ڪي ڏنبَ ڏيڻ ئي آهي. اهڙو سودو ئي ٻَنَ ٻوي!

شاهہ سائين عورت جي زباني ڇا ٿو چوي! سوچ ۽ فڪر ڪي ڏسو:

**ڳريو جَهلئو روءِ، مَتي مُهري هٿڙا،**
**ڪوءِ! سودو سندوءِ، جو تون ڍولئا سڪئو.**

(١-٢٠)

يا

**سامونڊيڪو سڱُ آهي گوندر گاڏئون،**

**انــگــن چـــاڙهــي انــگ وئــو وٽــجـــارو اوهــري.**

(سامونڊي ١-١٨)

شاهه رح عورت جي آزي نيازي، منٿ ميڙ، ڦوڙائي ۽ فراق جي منظرڪشي ڪندي وڻجارڻ واتان چورائي ٿو: ”اي وڻجاري جي ماءُ! تون پنهنجي پيٽ جائي کي چو نٿي پلين ۽ چو نہ ٿي ترسائين؟ منهنجو تہ جوڻ مَجي ئي نٿو. ٻارهن مهينن جي ڊگهي سفر ڪان موٽيو آهي تہ وري تو کوها ڪٽي ۽ لاڄو وٽي سفر جون تياريون ڪري!

شاهه جي مشاهدي جي ڦوت پڙهو:

**وڻــجـــاري جــي مـــاءُ! وڻــجـــارو نـــہ پَـلـئـيـن،**

**آيــو ٻـارهـين مــاه، پـڻ ٿـــو ســفـــر ســنـبــهـــي!**

(سامونڊي ٣-١٣)

يا

**وَجـيـئـي وِســري شـالَ، جـو تـو سـودو سِـڪـئـو،**

**اَچـــا آئـين ڪـالَ، پـڻ ٿـــو ســفـــر ســنـبــهــين.**

(١-١٩)

سنڌ جي لڄ پٽ ۽ سِيل سَت واري وَني ايڏي ڏک ۽ ڏولائي هوندي بہ پنهنجي پرينءَ کي پاراتو يا گٿو لفظ ڪڍڻ عيب ٿي سمجهي، بار بار مِنٿون ڪري چوي ٿي تہ اي منهنجا سرجا موڙ! اڄوڪي رات ترسائڻ لاءِ تَرَڻ تي بيهي، ڳچيءَ ڳارو پائي توکي پرچائڻ لاءِ وَسئون نٿي گهٽايان؛ پر الائي ڇو، منهنجي واڪن ۽ وينتين هوندي بہ پرين پڳہ کولي ”لنڪا لنڪا“، ڪندا رمندا رهيا. شايد مون ۾ ئي ڪو نقص ۽ عيب آهي نہ تہ منهنجا سڄڻ تہ گهڻو مهربان ۽ سڀاجها آهن.

**مُــون اُيـي تَـڙَ جَـهـلَ، پـريـن پـڳـه چــوڙيـا،**

**ڪا مُنهين ۾ آلَ، نـا تـہ سـڄـڻ سـپـاجـهـا گـهـڻـو.**

(سامونڊي ٣ ـ ٦)

**مُــون اُيـي تَـڙَ هـيـٺ، پِـريَـن پَـڳـه چـــوڙئـا،**

**ڪا مُنهين ۾ ڏيـٺ، نـا تَـہ سـڄـڻ سـپـاجـهـا گـهـڻـو.**

(٣ ـ ٥)

اَلانتظار اَشَدُ مِنَ المَوت" جيان ٻيڙياتا هوڙا هاڪاري پرڏيهہ هليا ويا آهن، پر ويچارين وَهن جي جِيءَ ۾ جيڪي جدائيءَ جا چِيرَ ۽ وَڍَ وجهي ويا آهن، اُهي ڦٽ چُرندا ۽ چِڪندا رهن ٿا. جيئن ڪو ٻيڙياتو ڀِڳل ۽ ٽٽل ٻيڙيءَ کي گهوريو ڪريو دِليان وساريو ڇڏي يا ٻيڪار ٻيڙو ڪنهن اَريج ۽ سوڪ تَڙ تي ڪوڪلو ٿي پيل هجي يا اَوتڙ ۾ ٻيڙي ڦاسي ٻُڏتَر جي گهُمري ۾ اچي وڃي. تيئن اها "عورت" پنهنجا سور سَهندي چوي ٿي تہ "منهنجو هنيون بہ جدائيءَ ۾ هجر جي هاڃي ڪان ٻُري ٻُڪ ٿي پيو آهي. مون هڏائين پڃري ڏانهن ڪوبہ نهاري ئي نٿو ۽ نہ ئي ڪا خبر ٿو وٺي. منهنجا ڍولڻ، منهنجي تن جا طبيب، تون ڪڏهن اچي منهنجو دارون ڪندين جيئن منهنجي ڏُتڙ تيل ۽ ڏريل ڏيل کي آٿت نصيب ٿئي!"

شاهہ سائين جي رقت آميز منظر نگاري ڏسو:

**هِـيـنـئـڙو ٻـيـــڙيءَ جـانَ، ڏُتَـڙ پـي ڏيـه ٿـيــا،**

**پُـڇـئـو تـان نـہ پِـريـان، ڪـر لاهـو تـي ڪـڏهـن.**

(١ـ٢٠)

جيڪي "وَج وَجان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو" آخر گهڻين ليلڙاٽين، منٿن ميڙن ۽ جهولين جهلڻ بعد بہ وڻجارا لاچو وٺي، سڙهہ

سنباهي، پانيپيون کوڙي، ڪاري ڪيڙآئو سمنڊ منهن ڪري، بندر ۾ مياڻيون سُڃيون ڪري، ويچارين وَنِين کي چڪيا چاڙهي ڏکي سفر تي نڪري چڪا آهن.

اڄ، سامونڊين ڪان سواءِ تَڙَ تاسارا ۾ مياڻيون سُڃيون آهن.

**ننگر ۾ ناڙيون پگهه ڪٽي پنڌ پيا،**

**بندر بازاريون، سُڃا سامونڊين ري.**

(١-٦)

يا

**نه سي تَڙ هوڙاڪَ، نه وايُون وَڻجارن جِيون،**

**سرتيون! سامونڊين جا اڄ پڻ چڪيم چاڪَ.**

**مارينئون فراق، پاڙيچيون پرين جا.**

(١-٩)

اڄ اُتر جي اوتَ شروع آهي. اولهه ۾ اُتر جون هوائون پيون لڳن. بهار جي آمد ڪري چوماسي هوائن جا جهونڪا پيا لڳن ۾ سمنڊ ۾ طوفانن جو خطرو وڌي ويو آهي. انهن موسمن ۾ وڻجارين جي دلين ۾ وَرَن جي وَرڻ جا ڏِيها (ڏپ) ۾ اُڏڪا پيا پَون. ڦوڙائي ۾ فراق ۾ ڦتيل مُنڌون، وَرن جي واپس اچڻ لاءِ باسون پيبون باسين، اڱڻ سوري اُجرا پيبون ڪن ۾ تيل ڦليل ڪريو پيرَ پيبون پيئين.

شاهه صاحب هيٺين بيتن ۾ عيد ۾ وعيد (خوشي ۾ غم) وارو گڏيل تصور ڪيئن ٿو نباهي، پڙهندڙن کي متاثر ڪري:

**لڳي اُترَ اُمريا، واهوندي وَرن،**

**آئون گهٽو ئي گهوريان، سودو سامونڊين،**

**اگڻ جن اچن، عيد ورتي ان ڪي.**

(سامونڊي ٢-٩)

**يا**

**آئي اُتر مُندَ، هِنئين اُڌَڪو نہ لهي،**
**وَٽين لاڃوُ بَندَ، پيهر مَڪن پيڙيون.**

(داستان ٢-١١)

**يا**

**اُپيون تَڙَ پوڄِينِ، وَهُون وڻجارن جيون،**
**آئيو آڪا ڏِينِ، ڪتوري سمونڊ ڪي.**

(داستان ١-١٨)

هڪ جوين جوانيءَ وارا جوشيلا ڏينهن ۽ پيو ور جي وڇوڙي جا وَنگ ۽ ڏکو سفر: پلا ڪيئن تو وصل ۽ فصل واري ڪيفيت کي نازڪ نِينهن برداشت ڪري سگهي!

وڻجارِي وَر کي ياد ڪندي چوي ٿي:

اي امڙ! آئون ڪيئن ڪريان، مون تہ پنار کي ڳل ڳراتڙيون پائي روئي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر منهنجي روح راڙي تي بہ پرين پرچي ترسڻ جي نتا ڪن. اوه! ڪيڏو نہ جدائيءَ ۾ جان جهوري، جيءُ جنجال ۾ وجهي وڻجارو اوهري ويو. آخر پاند پلاند پائيندي بہ مون کي ورونهن جا وَڍَ وجهي، من ۾ مچ ٻاري، ڪوها ڪٽي ڪيڙائو ٿي ويو!

ڪيڏو نہ بره جي باهہ ۾ جوين ڏينهن وارو منظر شاهہ پيش ڪري ٿو:

**سيئي جَويَنَ ڏينهن، جڏهن سڄڻ سَفَر هليا،**

**رُنان، رهن نہ سُپرين، آيل! ڪريان ڪيئن،**

**مون کي چاڙهي چِيئنءَ، وٺو وٽجارو اوهري.**

(١-٨)

عورت کي اڪيلائيءَ جي گهَڙِي گهڙِي گهاءُ وجهي ٿي. ڪَتين ۽ نِڪتن پريون سياري جون سرد ۽ ڏکيون راتيون، پاسا اٿلائيندي گذاري ٿي. پنهنجي ماءُ کي ليلائي چوي ٿي: ”اي امڙ منهنجو پيتار پري جي سفر تي وڃي چڪو آهي. مون سان ٿورن ڏينهن ۾ اچڻ لاءِ ٻول ٻَڌا، وعدا ڪري ويو، پر ڪيترا نہ جَهجَها ڏينهن لائي چڪو آهي!“ اي آيل! هاڻي پريتم اچي تہ جهيڙو ڪري وڏيڪ ترسائڻ جا وَچَن وَٺنديس.

هڪ ڍولڻ جي جدائي، پيو سياري جون اڪيلائپ واريون راتيون ٿيون اندر ۾ برهہ جي باهہ جون چٽنگون! اي امڙ، مون کي وڏيڪ نہ چيڙ، جيڪڏهن لوڪ لڪا پيئي ۽ پَڌر پيئي ڳالهڙي تہ پرين مون کي مهڻا ۽ ميارون ڏيندا.

ڏسو هيئنين ٻن بيتن ۾ وٽجارِي پنهنجي ماءُ کي دل جي اندر زخمن چِڪڻ جون کهڙيون نہ ڳجهيون ڳوراهُون ٻڌائي پنهنجي ساهہ سان سلاڙيل ساٿيءَ کي ياد ڪري ٿي!

ڏسو وَنيءَ جا ورلاپ ۽ شاهہ جو مَشوَرو:

**آيَل! ڍولئي سانڍُ آچي تہ جهيڙيان،**

**لاَئِيہ ڏينهن گهٽا مون سين ڪَيئہ تورڙا.**

(داستان ١-٣٠)

يا

**ڍولئو ويَڙو ڏور تي، تي سِيءَ گذاريان،**

**مادر! مون مَ چور، نا تہ پَڌر پوندي پرين ري.**

(۱-۳۱)

سُر ساموندڊيءَ ۾ لطيف جي شاعريءَ جا انيڪ رنگ ۽ ڍنگ آهن. زائفان ذات جي پيار، الفت ۽ محبت جو فطرتي تجزيو ۽ سندن جذبات جي ترجماني سنڌ جي سائينءَ، کهڙي نہ بهتر نموني سان ڪئي آهي. شاهہ جي شاعريءَ ۾ حقيقت نگاري واقع نگاري ۽ منظر نگاريءَ وارا اهم جُزا نمايان ملن ٿا. ساموندڊي بيتن ۾ وصل ۽ فصل جون ادائون بہ آهن تہ ٻولي ۽ ادب جو لازوال اثاثو بہ آهي.

**"اوڙاهہ ويا نہ وَرِيا، آئون تنهن ماري وينَ،**

**ڪري ساموندڊي سينڻَ، جُسي جار پرائيو."**

(داستان پهريون ۳۱)

**واڌارا**

**لوهيڙو:**

هيءُ مضبوط پاڙن سان قدآور وڻ ٿئي ٿو. گهڻو ڪري جبلن ۾ ٿيندو آهي. هن جي پاڙ ڊگهي ٿئي ٿي ۽ ان پاڙ مان ئي ٻيو وڻ ڦٽي نڪرندو آهي. هن جو ڪاٺ ساموندڊي ۽ دريائي ٻيڙين جي تختن ۽ پاٽين ۾ ڪتب ايندو آهي. هن جو ڪاٺ "شيشم" وانگر سخت ٿئي ٿو. ان وڻ ۾ اها بہ خاصيت آهي جو ان جي ڪاٺيءَ ۾ پاڻي جذب نٿو ٿئي. سالن جا سال لوهيڙي جو ڪاٺ پاڻيءَ ۾ پيو هوندو تہ بہ ان جو اندر سُڪل ئي نظر ايندو. ان ڪري ٻيڙياتا لوهيڙي جي ڪاٺيءَ کي ٻين ڪاٺين کان زياده پسند ڪندا آهن.

لوهيڙو آڪٽوبر کان پوءِ ڀاتبو، ڳيبو ۽ ڦلاربو آهي. سياري جي آخر ۾ گل جهليندو آهي. لوهيڙو ٻن قسمن جا گل جهليندو آهي. جنهن لوهيڙي ۾ ڳاڙها گل ٿيندا آهن ان ۾ ڦريون نہ ٿينديون آهن. ڳاڙها گل

جهلڻ ڪان پوءِ وري ڇاٽي ڇڏيندو آهي، جنهن ڪي مال خوشيءَ سان کائيندو آهي. جنهن وڻ ۾ هيڊا گل ٿيندا آهن. ان ۾ هڪ فوٽ ڪان ڏيڍ فوٽ تائين ڊگهيون آڱر جيڏيون ٿلهيون ڦريون ٿينديون آهن.هن وڻ جو قلم به لڳائيندا آهن.

سُپر هاءِ وي جي پر ۾ ديهه ڪَذِيجي جي ويجهو ”لوهيڙن وارو ڍورو“ مشهور آهي. جنهن جي ٻنهي ڪپرن تي لوهيڙن جا وڻ ڳاڙهن ۽ هيڊن گلن جون بهاريون ڪريو بيٺا هوندا آهن.

**سَرَ:**

هيءُ مشهور قسم جو ٻوٽو آهي. واهن ڪَسين، ڍورن برساتي نالن ۽ ٻيلن ۾ جام ٿئي ٿو. سَر جا ٻه قسم ٿيندا آهن. ١. سچو سَر، ٢. ڪوڙو سر. سَر جي تِيلي ۾ ڇهن ڪان اٺن تائين وڏيڪ گريون ٿينديون آهن. اتر لڳڻ سان سائو ٿيندو آهي ۽ ڳيبو آهي. ڳيجڻ ڪان پوءِ ڪاني جي چوٽيءَ ۾ ”ٻوهو“ جهليندو آهي، جيڪو نسري ڇُڳو ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ سُڪڻ لڳندو آهي. هيءُ ٻوٽو غريب ۽ مالوند مارن جي جهوپن، جُهگن ۽ لانڍين ۾ رهندڙن جو ساٿاري آهي. ساموندي ساتي، ڇپر ڇانو ڪرڻ، سياري جي سرد هوائن کان بچاءَ ۽ پاري ڪان بچاءُ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

ٿرها ۽ مَڏ ناهي ننڍا توڙي وڏا لڏڙن جيان ساموندي يا دريائي ڇاڙن ۾ پيا تڙڳندا آهن. سَرن جي ڪانن کي ڪَتي مُڃ ڪري ان مان مضبوط نوڙيون، ۽ رسيون ناهي ٻيڙين ۾ ڪم آڻين. ڏريون، پکا ۽ ڪنديون به ناهين.

سچو سَر، سخت سردين ۾ پارن پوڻ سان به ڪاراتبو نه آهي. نوڙيون، رسيون ۽ تيليون سفيد ئي رهنديون آهن، ڪومائبيون يا ڪار سَريون نه ڏسبيون آهن.

ڪُوڙو سَر: پاري، سخت سردين ۾ گرمين کان ڪارو ٿي لوساتجي اصليت ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

شاهه صاحب اوهيڙي ۾ سَر ڪي هڪ ئي موسم ۾ نسرڻ ۽ ڀڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

**ڪُسَرَ:**

ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪُسر ڪي ڪوڙا سر يا "ڪانهن" ڪري لکيو آهي. اهو بہ لکي ٿو تہ ڪُسر = ڪانهن مان صرف نَر نسرندو آهي. اها ساڳي وضاحت غلام محمد شاهواڻي ۾ پين ادين بہ ڪئي آهي پر عام مشاهدي مان معلوم ٿو ٿئي تہ "ڪانهن" جو ٻوڙو، لوهيڙي ۽ سَر کان اڳ ۾ ئي نسربو آهي. منهنجي سمجهہ موجب هتي ڪُسر جو مقصد بلڪل ٺوٺ ۽ سُڪل سَر مراد وٺبي. شاهه صاحب جو مقصد بلڪل ٺوٺ ۽ سُڪل سَر مراد وٺبي، شاهه صاحب جو مقصد آهي تہ زندهه شين ۾ تہ موسم آهر زندگيءَ جا آثار موٽي اچن ٿا پر مُرده چيز ۾ زندگيءَ جو موٽي اچڻ "ڪمال" آهي. هتي شاهه صاحب گهري سوچ ۽ فڪري مشاهدي موجب ناممڪن کي ممڪن سڏي چوي ٿو تہ "وڻجاري (عورت) موسمن کي ياد ڪندي چوي ٿي تہ جڏهن پٽرن ۾ زندگي اچي ويئي آهي تہ پوءِ منهنجو ڪاند الائي ڇو نہ آيو.

هتي ڪُسر مان مراد "ڪانهن" هجي ها تہ شاهه سائين "ڪانهن" استعمال ڪري ها. ڇو تہ "ڪانهن" جو لفظ شاهه جي رسالي ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي: جيئن،

**"ڪنڌيءَ جهليو "ڪانهن" عاشق اُيو آهون ڪري."**

(سهڻي)

سَر ۽ ڪُسر استعمال ڪري شاهه سائين زندهه ۽ مرده جي

پيٺ ڪئي آهي. جڏهن مُردن (مئل) ٻوڙن ۾ ئي ساهہ پئجي چڪو آهي تڏهن تہ اي منهنجا پيٽار "موٽي آءُ".

ڪُسر نسرڻ = اهو اصطلاح آهي: اصطلاح ۾ آيل لفظن جي ساڳي معنيٰ وٺڻ سان ڪوبہ مطلب سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي. جيئن "اکين سان سلام ڏيڻ" يا "رت روئڻ" وغيره.

"ڪُسَر نِسرڻ" جي معنيٰ ٿيندي مرده ٻوٽن ۾ زندگيءَ جو اچڻ. جيئن شاهہ صاحب ٻي جان شين سان مخاطب ٿيندو رهيو آهي. چنڊ سان مخاطب ٿيندي ڳالهائي ٿو:

**"چنڊ! چوانءِ سچ جي مَنيان نہ پانئين"**

**يا**

**"ادا ڙي ٻانڊي! توکي ڪڙهان يا پاڻ کي"**

اهڙيءَ ريت شاه صاحب عورت جي زباني فرمائي ٿو:

سَرَ ۽ لوهيڙا تہ ڳيجي ۽ قلارجي پيا آهن (اهو تہ ممڪن آهي) پَرَ سڙي، مرده ٿيل ٻُوڙا بہ نِسري يا ٻُورجي پيا آهن. هاڻي تہ اي پيٽار! توکي اچڻ جا ڏينهن وسرڻ نہ کپن.

**"سر لوهيڙا ڳيا، ڪُسَر نسريا،**

**تو ڪيئن وسريا، ڍولئا ڏينهن اچڻ جا."**

**مددي ڪتاب ۽ حوالا**


۱. شاهہ جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي، ڇاپو پهريو، ۱۹٦۱ع.

۲. شاهہ جو رسالو، هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڇاپو پهريو، ۱۹٦۷ع.

۳. سُر ساموندي، غلام محمد شاهواڻي، آر ايچ احمد برادرس،

١٩٦٦ع.

٤. سُر ساموندڊيءَ جو مطالعو، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٧٤.

٥. نين زندگي، لطيف جي منظر ڪشي، م-ن-مخزون، آڪٽوبر ١٩٨٦ع.

٦. پلئه پايو سچ، محمد حسين ڪاشف، مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٣-٤-١٩٦٧ع.

٧. ڀٽ جو شاهه، ايچ ٽي سورلي/مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، ١٩٩٢ع.

٨. سنڌ ڪهاڻي، ڪيول آر ملڪاڻي / مترجم: ورو، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، ٢٠٠٢.